روحاني ڊائري

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن

جي وقت جو احوال

(۱ آڪٽوبر ۱۹۴۲ کان ۱۹ آڪٽوبر ۱۹۴۴)

ڀاڱو پهريون

ليک

راءِ صاحب منشي رام

(رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ انڊ سيشن

راڌا سوامي ستسنگ بياس

Published by: K. L. Khanna,
Secretary, Radha Soami Satsang,
Beas (Punjab)

دفعو پهريون]   مارچ ١٩٦٩

Printed by Shri Mellaram. M. Vaswani
at the Sunder Printing Press
Kaiserganj, Ajmer.

راءِ صاحب منشي رام ايم. اي پنجاب جي جڊيشل ڪالي ۾ بالا آفيسر هو. پنهنجي قدرتي قابليت ۽ لياقت جي ڪارڻ سبب جج مان ترقي ڪري وڃي ڊسٽرڪٽ جج ٿيو. سندس ايمانداري ۽ انصاف جي ماڻهن ۾ هاڪ هئي ۽ سرڪار به سندس قدر ڪري کيس راءِ صاحب جو لقب عطا ڪيو. ١٩٤٣ع ۾ رٽائر ڪري اچي ستگورن جي شرن ۾ بياس رهڻ لڳو.

١٩٥٢ع ۾ مون کي ڊاڪٽر جانسن جي مشهور ڪتاب

"THE PATH OF THE MASTERS"

پڙهڻ جو موقعو مليو ۽ من ۾ چڪ پيدا ٿي ته ستگورن جي درشن لاءِ وڃجي. راءِ صاحب جو خيال آيو ۽ کيس انهيءَ باري ۾ لکيم. سندس جواب آيو ته جڏهن وڻيو تڏهن اچو. راءِ صاحب جي سادگيءَ ۽ بلند خياليءَ جو مون تي ڏاڍو اثر ٿيو. شري حضور مهاراج چرنسنگهه جن جو درشن ٿيو ۽ سندن ديا درشٽي پيئي. مون عرض ڪيو ته پنهنجي چرنن جي شرڻ بخشو. ستگورن فرمايو ته جلدي ڪانهي، انهيءَ باري ۾ چڱي طرح سوچ ويچار ڪريو. ٻه چار دفعا ٻيهر ويس ۽ هر دفعي راءِ صاحب جو قرب مليو ۽ معلوم ٿيو ته هو هڪ پورو گور ڀڳت ۽ وڏو فيلسوف هو ۽ سندس رنگ مون تي به چڙهندو ويو. آخر منهنجي التجا سوڪار ڪري شري حضور مهاراج جن مون کي نام دان ڏنو.

راءِ صاحب سان پرمارٿ جي چرچا ڪندي معلوم ٿيو ته هو نيم سان ڊائري لکندو هو. منهنجو شوق ڏسي هن اهي ڊائري مون کي پڙهڻ لاءِ ڏني. پڙهڻ سان محسوس ٿيم ته هي هڪ بي بها خزانو آهي. جڏهن کان راءِ صاحب

حضور پرم سنت مهاراج بابا ساون سنگهه جن جي سيڪريٽريءَ
جو ڪم سنڀالڻ کان ڊائري لکڻ شروع ڪئي. حضور مهاراج جن
جڏهن دوري تي ويندا هئا ته هيڪي ساڻ وٺي ويندا هئا.
نظر پرمارٿي ۽ هردو ترمل هـوس. هميشه گروڀڪتيءَ جي
نشي ۾ مست رهندو هو ۽ اهڙي پريم جو جذبو سندس لکڻيءَ
۾ آهي. روزانا واقعا، دورن جا دلچسپ احوال، ستسنگ
جي امرت ورکا، جگياسن سان گفتگو جا خاص نقطا، خاص
خاص چٽيون ۽ حضور دين ديال جن جي جرني چرڻ سمائڻ.
اهي سڀ هن پنهنجي ڊائريءَ ۾ درج ڪيا آهن.

شري حضور مهاراج ساون سنگهه جن کان پوءِ هـو
سردار بهادر مهاراج جگت سنگهه جن جي وقت ۾ به سيڪريٽريءَ
جي حيثيت ۾ ڪم ڪندو رهيو ۽ ڊائري به لکندو رهيو.
سردار بهادر مهاراج جن ٿورو وقت رهيا ۽ هنن پوءِ
شري حضور مهاراج چرن سنگهه جن کي پنهنجي جاءِ تي
سنت ستگورو مقرر ڪيو. راءِ صاحب انهن سڀني واقعن تي
ڪافي روشني وڌي آهي.

هو شري حضور مهاراج چرن سنگهه جن جو به پڇاڙيءَ
تائين سيڪريٽري هو ۽ سندن وقت جو احوال به سندر
نموني سان قلمبند ڪيو اٿس. هو هڪ پراڻي ستسنگي،
اوچي درجي جو ابياسي ۽ ٽنهي ستگورن جو وشواس پاتر
سيوڪ هو ۽ هو صاحبان وقت بوقت هن سان صلاح مصلحت
ڪندا هئا. انهيءَ ڪري سندس ڊائري خاص اهميت
رکي ٿي.

هيءَ ڊائري ڪافي وڏي هئي تنهن ڪري ان کي ٽن
ڀاڱن ۾ ڇاپيو ويو. پهرئين ۽ ٻئي ڀاڱي ۾ شري حضور مهاراج
ساون سنگهه جن جي وقت جو احوال ۱ آڪٽوبر ۱۹۴۳ کان

اپريل ۱۹۴۸ تائين ڏنل آهـي ۽ ٽيئن ڀاڱي ۾ سردار بهادر مهاراج جڳت سنگهه جن ۽ حضور مهاراج چرن سنگهه جن جي سمي جا ورتانت درج ٿيل آهن. راءِ صاحب جي ڪاغذن مان سنڌس هٿ لکيل هڪ "پرارٿنا" ۽ ملي جا ڊائري جي شروعات ۾ ڏني وئي آهي.

اصلي ڊائري اردوءَ ۾ لکيل هئي جا ٽن ڀاڱن ۾ ڇپجي چڪي آهي. پوءِ انهيءَ جا انگريزي ۽ هندي ڇاپا به ظاهر ڪيا ويا. سنڌي ستسنگين ۽ پريمي ڀائرن ڀينرن جي لاڀ واسطي شري منگهارام ڏيال هي سنڌي ڇاپو تيار ڪري اجمير مان ڇپايو آهي جنهن لاءِ اسين سنڌس ٿورائتا آهيون.

ٽاراچند اگروال
رٽائرڊ ڊسٽرڪٽ ۽ سيشن جج
راڌا سوامي ڪالوني
بياس (پنجاب)

✻ پرارٿنا ✻

هي پرماتما! مون کي چمار هٽائج،
گورو نه هٽائج.

مون کي شاهوڪار هٽائج،
شيرا ڪرائڻ وارو نه هٽائج.

مون کي ڪافرن وديا ڏين نه ڏئين،
پر اندر جو گيان ڏج.

مون کي دنيوي پدارٿ نه ڏج.
سک ڏج.

مون کي ساري نه ڏج،
لنگر ڏج.

مون کي للڪار پرجن نه ڏج،
لک ڏج.

مون کي اميراڻو بسترو نه ڏج،
نند ڏج.

مون کي دنيا جي شاباس نه ڏج،
پنهنجي شاباس ڏج.

وشيه سوچي



حضور مهاراج بابا ساوَن سنگهہ جي

باب ڇهريون

ر مهاراج جن جو ڏلهائوسي ۽ اٽان موٽ جو سفر
ٽوبر کان ٥ آڪٽوبر ١٩٤٢ع

ور مهاراج بابا ساون سنگهه جن ١ آڪٽوبر، ڏيري
وح جو ٦ بجي موٽر رستي روانا ٿيا ۽ ڏلهائوسيءَ ۾
شام جو پهتا. ٻئي ڏينهن لالا دنيچند جي عرض
لي ”انوراڳ ساگر“ جي ڪٿا شروع ڪئي ولئي جا
”وڇ تائين جاري رهي.
تاريخ ڏيري لاءِ امرتسر جي رستي روانا ٿياسين. امرتسر
سنگ گهر ۾ پهتاسين، جتي سنگت جي آگره ڪرڻ
حضور مهاراج جن سار بچن مان،
و چرن بسي اب من ۾، مٽن سيئون دم دم لن ۾.“
ڪيو. وياکيا ڪندي مهاراج جن سمرن لئي زور ڏنو ۽
ڀو نه جنهن جو سمرن ڪچو آهي تنهن جو ڌيان پختو نه
سگهندو ۽ جنهن جو ڌيان پختو نه آهي تنهن جو شبد ۾
مل نه ٿيندو.

حضور جن جي سڪندرپور ۾ رهائش
٨ آڪٽوبر کان ١٤ آڪٽوبر ١٩٤٢ع

سڪندرپور سرسي جي ڀرسان هڪ ڳوٺ آهي جتي
مهاراج جن جون زمينون آهن اڳي سندن پروگرام هن پرڪار

آهي :-

صبوح جو ۹ بجي ڌيرڻ ڪانپوءِ حضور مهاراج جن پنهنجي ڪنڊ جي ڪارخاني لي پيدل ويندا آهن. اهو ڪارخانو گهر کان ۲-۳ ميل پري سرسي حصار رستي تي آهي. اتي پاڻ ڪم جي نظرداري ڪندا آهن. سڀني جو ڪاڏو سڪندرپور مان اتي اٽڪل ڏهه بجي ايندو آهي. پوءِ سڀ جڏهن ڪاڏو کائي ختم ڪندا آهن ٿڪائپوءِ پاڻ پوءِ ڪجهه آرام ڪندا آهن. حضور جن اٽڪل ۵ بجي شام جو ٻاهر ايندا آهن، باقي ٻيا سڀ ماڻهو پنهنجن ڪمن ۾ لڳل هوندا آهن. ۶ بجي شام جو سڀ سڪندرپور واپس ايندا آهن. اتي حضور جن اڱڻ ۾ ڪرسيءَ تي براجمان هوندا آهن ۽ ٻيا سڀ هنجي اردگرد واهي سڌن سڀ سنگ ۽ وچن جو لاڀ وٺندا آهن. انهيءَ ڪانپوءِ رات جو روٽي کائي سڀ سمهي پوندا آهن.

مهاراج جن جو ننڍو صاحبزادو سردار هربنس سنگهه آدرشي گرهستيءَ جو هڪ زنده مثال آهي. جڏهن ڪو مهمان ايندو آهي ته هو ڏاڍو خوش ٿيندو آهي ۽ سندس خاطر تواضع ۾ ڪابه ڪسر نه ڇڏيندو آهي. تڪليف ۽ خرچ جي ڪابه پرواهه نه ڪندو آهي. ڌرم شاسترن ۾ گرهست آشرم جي جن ڳڻن جو ورڻن ٿيل آهي جهڙوڪ سڀ جي شيوا، مٺو ڳالهائڻ ۽ خاطرداري ڪرڻ، اهي سڀ ڳڻ هن ۾ آهن. شل گروءَ جي ڪرپا سان هرهڪ گرهستي هن جو مثال ڏسي، انهيءَ موجب پيروي ڪري ۽ اهڙيءَ طرح گرهست ڌرم جي پالنا ڪري پنهنجو جيون سڦلو بڻائي.

اڄ ڪلهه هتي ۽ آسپاس جي ڳوٺن ۾ مليريا جو زور آهي. حضور جن فرمايو ته ۷ پن ٽلسيءَ جا، ۴، ۵ داڻا ڪارا مرچ گڏي منڪا ڊاک مان اڄ ڪڍي، گهوٽي گوريون ولجن ته مليريا کي روڪي سگهجيٿو.

١١ آڪٽوبر

سرسي جي ست سنگ گهر ۾ حضور مهاراج جن ستسنگ ڪيو. سار بچن مان،

"ستگرو ڪا نام پڪارو، ستگرو ڪو هيئڙي ڌارو."

شبد پڙهيو ويو. مهاراج جن ان ڳالهه تي زور ڏنو ته ايياسيءَ کي جڏهن اندر تارو ڏسڻ ۾ اچي ته پوءِ اسرت يعني ڏسڻ جي شڪتيءَ کي تاري ۾ جمائڻ کپي. جڏهن تارو قائندو ته پوءِ هنڪي تارا منڊل ڏسڻ ۾ ايندو.

١٣ آڪٽوبر

سرسي جي ستسنگ گهر ۾ ستسنگ ٿيو. جتي اتي جا مڪاني عملدار ۽ ٻيا معزز ماڻهو به موجود هئا. سيني جي اها خواهش هئي ته نام جي وياکيا کولي ڪئي وڃي. گرنٿ صاحب مان،

"ڪام ڪروڌ ۾ هو ۾ ننڌا."

وارو شبد ڪنهو ويو. حضور مهاراج جن ستسنگ ۾ اهڙي وياکيا ڪئي جو روحاني منزل تي وڃڻ وارن مهاتما ڪانسواءِ ٻيو ڪوبه ودوان يا عالم فاضل يا گياني نه ڪري سگهندو چاڪاڻ ته روحاني رسائي عقل ۽ بڌيءَ جو مضمون نه آهي. انهيءَ شبد ۾ گورو صاحبن اهو اپديش ڪيو آهي ته ٻهراسن پنهنجي ڪرڻي ۽ رهڻي نيڪ ڪيو ۽ پوري گوروءَ جي شرن وٺو. جڏهن هو نام جو ڀيد ڏئي ته سمرن ڪري، پنهنجي من کي ايڪاگر ڪرڻ. انهيءَ کانپوءِ ٻجليءَ جو چمڪات پنهنجي اندر ڏسڻ ۾ ايندو. ان کانپوءِ سورج، چندرما ۽ تارا منڊل رستي ۾ نظر ايندا ۽ پوءِ ستگروءَ جي نوري سروپ جو درشن ٿيندو ۽ شبد ٻڌڻ ۾ ايندو. پوءِ گرو شبد سان جوڙي سادڪ کي ترايندو، ارهر اوڪ

مان ٻار ڪرائي هنجي آئما کي ٻار ٻرهم ۾ ولي. ويندو جتي
هنجي آئما جا سڀ غلاف لهي ويندا ۽ هنڪي گرومک ٿيا
هنس گتي ٻسراهيد لئيتي. تهن ڪالهوء لي آئما ڪل مالڪ
کي ڏسي سگهندي.

١٣ آڪٽوبر

سرسي جي ڊائري ختم ڪرڻ کان اڳ، هڪ ڳالهه جو
ذڪر ڪرڻ بلڪل ضروري آهي. اعضي ڪن اڻڄاڻ ستسنگين
۽ ٻين مائهن کي اهو اعتراض ڪندو ٻڌو آهي ته حضور جن
ابترا وڏا مهاتما ۽ مهاپرش لي ـ پنهنجن ٻارن ٻين جي
ديک ڀال ٿيا ڪن ۽ ٻين گرهستين والگر پنهنجا ڪم ڪارون
ٿيا ڪن.

حضور جن خود هڪ ڏينهن مونکي ٻڌايو ته جنهن خاندان
۾ ٽوري مهتي اچي لي وجي، اهيء گوراڻي جا مائهو ٻاڻ
ڪمائي ڪالڻ کي پنهنجي شان کان گهٽ سمجهندا آهن. ٻوء
هو لاچي ٻنجي شرا ۽ ٻوجا مسان ٻسن ڪمائڻ کي پنهنجو
روزگار سمجهندا آهن. حضور جن فرمايو ته مان نئر چاهيان
ته ڪو مهنجو اولاد اپاهجن والگر سوسائٽيء تي سگهٽ لي
ارجو ٻڻجي ٻوي ۽ ٻرمارٿ کي چلڻي ٻوجا ۽ ستسنگ جي
ٻسن ۾ اڪ رکي اهيء ڪري مون انهن کي ڪيتيء ۾
لڳايو آهي. رنار ڪرڻ وقت موارت جيڪو ٻيسو هو سو
سڀ مون ٻين لي لڳايو، جي ڪين روڪڙا ٻيسا ڏنا ها ته
شايد هو خرچ ڪري ٿيا وڃائي ڇڏين ها. تنهڪري مون
انهولي بهتر سمجهو ته روڪڙ ڏيڻ بدران زمينون ولي ڏيان
ته هو پنهنجو گذران ڪندا رهن ۽ انهن کي وقت ٻوقت اچي
مدد ڪندو رهان جيئن هو پنهنجي ٻيرن لي ٻيهي سگهن.
جيڪڏهن حضور جن سنهي جيون جي ڪلياڻ لاء سڀ لرڪ

ڪيسان هُن دنيا ۾ آيا آهن نه ٻيءَ جي هُن پنهنجي اولاد جو خيال رکيو نه اهو ناجائز ڪيئن ٿيو؟ ڇا هو پنهنجي اولاد کان غافل رهن؟ پنهنجي اولاد کي کيتيءَ ۾ لڳائي حضور جن نه صرف سندن ڀلو ڪيو آهي بلڪ ساڻ سنگت تي به وڏو احسان ڪيو آهي ڇاڪاڻ ته هاڻي سندن صاحب‌زادا ستسنگ کان پيسي جي مدد وٺڻ بدران پاڻ ساڻ سنگت لاءِ اناج ڪڻڪ، چانور ۽ ڳائيون مينهون شيوا ۾ ڏيندا رهندا ۽ ساڻ سنگت کان شيوا وٺڻ جي بدران پاڻ ساڻ سنگت جي شيوا ڪندا. هر ستسنگي جو وٽن وڃڻ لاءِ پنهنجي دل وجان سان خاطري ڪندا. حضور جن جي توجه ۽ محنت جو پيو به هڪ نتيجو ڏسڻ ۾ آيو. ٢٥، ٣٠ سال اڳ هي علائقو جو سڄو ريگستان هئي لڳ ڀڳ سو اڄ سر سبز ۽ آباد ٿي پيو آهي. هتي جا آرائين لوڪ نه کيتي باڙي ڪندا هئا ۽ نڪو محنت جا عادي هئا. حضور جن جي مثال مٿن اهڙو اثر ڪيو آهي جو هو هاڻ ڪمند، ڪپهه ۽ ڀاڄيون پوکين ٿا ۽ آسودا ٿي پيا آهن.

"جمالِ هم نشين در من اثر ڪرد"

(پرسان وهندڙ جي سونهن من تي اثر ڪري ٿي)

انهيءَ ڳالهه ۾ هڪ پيو به پيد آهي. ليائي، مهاتمائن مان سنسار کي ايڏو لاڀ نٿو پهچي جيڏو گرهستي مهاتمائن مان. لياڳي مهاتمائن جا دنيوي تعلق بلڪل محدود ٿين ٿا، ڇاڪاڻ ته هُن تي پنهنجي سرير جي ديک ڀال ڪانسواءِ ٻي ڪا ذميواري ڪانه ٿيندي آهي. گرهستي مهاتما جو تعلق ڊاڪٽر، حڪيم، وڪيل، ماستر، دوست دشمن سڀ سان رهيو. حضور جن نه انهي دائري کي ايڏو وسيع ڪري ڇڏيو آهي جو ڪو ورلو ست سنگي هوندو جو ڪنهن نه ڪنهن ڪم سبب سندن لهه وچڙ ۾ نه آيو هوندو. ڏيري جا به انيڪ پرڪارن جا ڪم آهن، جهڙوڪ کيتي باڙي، ڪچهريءَ جا

۽ رستي لـي سرسي ۾ ستگت کـي درشن ڏئي لڏياني
ڀهتاسين جتي ڏيپٽي هرناراڻ جو مهاراجن لاء هي لکيل
پيغام آيو.

"نيل کنٺ تم نيلي رهيو،
هماري رام رام رامجي سي ڪهيو
سوتي هون تو جڳا ڪر ڪهيو،
جاڳتي هون تو ڪان ۾ ڪهيو."

شام جو ستگورن راء بهادر گلونت راء سيشن جج جي
مڪان ۾ ستسنگ ڪيو. ڪنهن غير ستسنگيءَ هي معقول
سوال پڇيو ته جڏهن سنت چونتا ته پرماتما انسان جي اندر
براجمان آهي ته پوءِ هو هنکي ابراين ڪرڻ کان روکي چونتو
۽ جو جيون کي نرڪن ۽ چوراسيءَ ۾ سزا ڀوڳڻ لاء موڪلي
ٿو؟ حضور جن فرمايو تـه هن سوال جـو موزون جـواب
گوسوامي تلسيداس جن رامائڻ جي ديباچي ۾ ڏنو آهي. جيئن
ڪاٺ ۾ اگني آهي پـر ساڙي نٿي مگر جي جگتيءَ سان
اگنيءَ کي پرگهٽ ڪيو وڃي يعني هڪ اڪڙيءَ کي ٻيءَ
لڪڙيءَ مٿان گهجي ته پوءِ اگني پنهنجو اثر ضرور ڏيکاريندي.
اهڙيءَ طرح ابياس ڪري جي پرماتما کي پنهنجي انـدر
پـرگهٽ ڪبو ته پوءِ بيشڪ هو اسانـکي ڪڪرمن کان
روڪيندو ۽ ڪنهن به حالت ۾ نرڪن ۽ چوراسيءَ ۾ ڪرڻ
نه ڏيندو.

ڏيري ۾ رهائش

١٧ آڪٽوبر ١٩٤٢ع

صبح جو ڪَتيءَ جي سڪراند جو ستسنگ ٿيو. گرنت
صاحب مان گورو ارجن ديو جن جو ٻاره ماه وارو شبد پڙهيو
ويو. پنجابي ڀاشا ۾ انهيءَ جي مقابلي جو روحانيت تي ٻيو

ڪو لالچ ڪونه ڏسڻ ۾ اچي. ان شخص جي شروعات ۾
جڏهن ته ٻين ڪن ماڻهن جي محنت تي زور ڏنو ويو آهي
۽ موت جي وقت جو خوف به گهٽ ٿيو آهي. ضرورت
شروع ڪندي ٻڌايو ته هر شخص انسان جي اعليٰ شرف مان
پيدا ٿيو ڪرڻ لاءِ وقت سندس مٿ عادت برائيءَ کي ڇڏي ۽
آرام سان سمهڻ لاءِ تکيو بڻائي ڏيئي ۽ ٻيو روح راڄ ۽ مجالس،
جنهن ۾ ٻڌائيءَ جو وڏو نقصان آهي. خط نه اڻين گهر جي
۽ ٻڪي ڪم صبر ڏيئي ته ڪوبه انسان فڪر نه ڪري ۽ بهتر
خيال رکندو ۾ رکي. انهن ڪري سان هو ٻيهي براڻ خوشيءَ
سان ٿي ويندو.

هن ڳالهه ۾ گرو صاحب ڪرم جي فيلسوفيءَ لاءِ ٻه
ٻه ڪتب وڏو آهي ۽ فرمايو آهي ته نيڪ ڪرم جو نتيجو
نيڪ نڪرندو آهي ۽ بڇڙو جو بڇڙو. بڇڪرم دوارا مڪتي
ڪڏهن به حاصل نه ٿيندي. جيڪڏهن ڪنهن دشڪرم
ڪيو آهي ته پوءِ ضرور ان جي ڪمائيءَ سان ئي انهن کي
صاف ڪري سگهجي ٿو. ذات جي ميل کي ڌوئڻ لاءِ صرف
نيڪ ٿي عمل ٿي ۽ تو آهي ڪمائيءَ واري مثالا جو
ست سنگت ۾ سڀني عمل ان جي ڪمائي ڪرڻ.

مٿي نٿو پهچائي سگهي. الي صرف گوروءَ جي نوري سروپ
جو ڌيان ئي آتما کي مٿي چاڙهي سگهي ٿو.

٢٠ آڪٽوبر

اڄ صبوح جو "گورو گورو مين هردي ڏرلي" جو ستسنگ
ٿيو ۽ شام جو "ڏن سن ڪرمن سمجهائي." جنهنجو ارٿ
ٻاٻو گلاب سنگهه ڪيو. هن وياکيا ڪندي چيو ته من ۽ روح
جي ميلاپ اکين جي پويان آهي. انهن ٻنهي جي پرسان هڪ
ٿين شڪتي به آهي شبد. اهو شبد انامي ستت لوڪ وغيره
ڏيهن مان ليندو ليسري تل ۾ پڌڻ ۾ اچي ٿو. ٻيا سڀ سادن
هٺ يوگ، گيان يوگ ۽ ڌيان يوگ موت وقت بيڪار ٿيو
پون ٿا چاڪاڻ ته اهي سڀ سادن شرير ۽ پڌيءَ ذريعي
مدوڪاش ۾ ڪيا آهن ۽ انت سمي مدوڪاش، جنهنجو دائرو
هردي کان وٺي ليسري تل تائين آهي، ٻڌيو پوي. انهيءَ
ڪري اهي سادن جي ليسري تل کان هيٺ آهن، موت
وقت ڪهڙي سهائتا ڪندا؟ ان ويل ته صرف شبد، جو مدوڪاش
کان مٿي آهي، جاري رهيٿو ۽ من ۽ آتما کي مٿي چاڙهي
سگهي ٿو. انساني وجود ۾ ١٤ شڪتيون يا ديوتا آهن.
٥ ڪرم اندريون (هٿ، پير، مهن ۽ ٻه هيٺيون اندريون)،
٥ گيان اندريون (اک، ڪن، نڪ، زبان ۽ چمڙي) ۽ چار
انتهڪرڻ يعني من، چت، پڌي ۽ اهنڪار. پڌيءَ دواران
نرنئه ڪجيٿو ۽ پڌي بدلجندي رهيٿي. اهنڪار اهم ۽ اظهار
ڪرڻ جي شڪتي آهي. من جو ڪم آهي للڇ وٺڻ ۽ چت
جو ڪم آهي چاچڻ. پڌي سڀ کان مٿي اشت دل ڪنول
جي پرسان آهي. پڇن وقت اهي چوڏانهن ئي شڪتيون
سمٽيون پون ٿيون.

٢٢ آڪٽوبر

اڄ رات جو ١١ بجي منسز وان اهلن آئي ۽ ستگورن ان کي

نام ڏنو. شام جو ستسنگ ۾ "ڏام اپڻي چلو ڀائي" شبد ڪيو
ويو، جنهنجي وياکيا سردار گلاب سنگهه ڪئي. حضور جن اس
فرمايو ته شون جو مطلب آهي نيڪ اخلاق ڀائي من ۾ سرمد
ڪي سميٽي، اشٽ دل ڪنول ۾ ٻهچي، گوروءَ جي نوري سروپ
سان واڻ ڳالاپ ڪرڻ.

٢٣ آڪٽوبر

مهاراج جن سانگليءَ جي دوري بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي.
١٢ ڄڻي سرڪولن گاڏيءَ ۾ مسز وان ايلن موڪلائي آيا. حضور
جن هنکي هدايت ڪئي ته جيڪي ڪجهه اندر ۾ ڏسو ته ٻين
جي آڏو نه ظاهر نه ڪجو. لڙائيءَ جو ڪهڙو نه نتيجو نڪري
يا ملڪ جون ڪهڙيون نه حالتون ٿيون ۽ منهنجو لوهان سان وشتو
انوت آهي. شام جي ستسنگ ۾ گرانٿ صاحب جي باڻي "ساچا
آپ سنوارڻ هارا" پڙهي وئي جنهنجو ارٿ سردار گلاب سنگهه
ڪيو. حضور جن نه فرمايو ته نام جو ملڻ سرشت پاڻ جي
نشاني آهي.

٢٤ آڪٽوبر

اڄ شام جو ستسنگ ۾ ڪبير صاحب جي ساکي سنگره
مان "سمرن" جو انگ ڪيو ويو. شروع ۾ ئي ستگورن فرمايو
ته عام لوڪن کي سمرن جي لاڀ جو پتو ئي ڪونهي.
جيڪڏهن سمرن ڪو ئي وڃي ته پوءِ هلندڙ گاڏيءَ کي
پهچڻ اڳيا انوسار اپهاري سگهجي او. هڪڙي لهنگ سڪ
جو سمرن ايتري قدر نه پڪل هو جو جڏهن هو ڪنهن اڏار
جي مريض وٽ ويندو هو نه پهچنجو جاپ شروع ڪندو هو ۽
جڏهن اهو ختم ليندو هو نه بيمار جو اڏار نه ڪاٿو ئي ويندو
هو. سمرن اسانکي چندومان لوڪ ناڻين پهچائي سگهيٽو جتي
پهچي هيءَ دليا پاٽو وڃي ۽ ان جي دک سک جو اثر

محسوس نٿو ٿئي. ستسنگي سمرن لي زور نٿا ڏين ۽ شروع
۾ ئي شبد ٻڌڻ جي ڪوشش ٿا ڪن ته اهو شبد خيال کي
مٿي چڪي نٿو سگهي. سمرن ۾ ايڏي لذت آهي جا دنيا
جي ڪنهن به پدارٿ يا پراپتيءَ ۾ نه آهي. پوءِ جڏهن من ۽
آتما شبد سان جڙندا ته ڪين ڪيڏو نه رس ايندو! ته سمرن
هجي اهڙو جنهن ۾ من ٻاهر نه وڃي ۽ جي وڃي ته پوءِ هڪي
ڌيان ۾ ئي لڳائڻ کپي. سمرن اهڙو هجي جنهن ۾ تن، من،
وچن، سرت ۽ نرت استر هجن.

٢٧ آڪٽوبر

اڄ شام جو مهاتما چرن داس جي ٻاڻيءَ مان "شيل" جو
انگ ڪيو ويو. ستگورن فرمايو ته اڄ ڪلهه سڪولن ۽ ڪاليجن
۾ گرهست آشرم ۾ زندگي ڪيئن گهارڻ کپي تنهنجي صحيح
سکيا نٿي ڏني وڃي. جڏهن استري گرڀوتي ٿئي ته پتيءَ
کي ڏهه مهنا هن کان ڪنارو ڪرڻ کپي. انهيءَ لاءِ ته جمندڙ
ٻار جا خيال نيڪ پاڪ رهن نه ته ٻار ڪمزور ۽ بيمار رهندو.
پيو جڏهن ٻار پيدا ٿئي تڏهن مڙد کي ٣ سال عورت جي
نزديڪ نه وڃڻ کپي انهيءَ لاءِ ته ٻالڪ کي ماتا جي کير
پيئڻ جو پورو پورو موقعو ملي. اهو آهي قدرتي اپرت ڪنٽرول.
جيڪڏهن ٻار اڃا ننڍو ئي آهي ۽ انهيءَ عرصي ۾ ماءُ گرڀڻي
ٿي ته سندس کير خراب ٿي ويندي ۽ ٻار به ڪمزور ۽ بيمار
رهندو. ٻار پوءِ ٻان ٻار نيڻ ڪري ماءُ جي صحت ته ڌهي
پوندي. پيو ته جيڪڏهن مڙد زال وٽ وڃي پنهنجو ڪوڙو
خيال ظاهر ڪري ته زال کي جڳائي ته کيس پريوڌ ڏيئي
شانت ڪري ۽ ساڳيءَ طرح جي زال اڳرائي ڪري ته مڙد
کي هڪي شانت ڪري ڇڏڻ گهرجي.

ڪلهه کان ڇنڇر واريءَ لاءِ ٻلڪ آئوٽ رهندو. انهيءَ

ڪوي حڪم ڏيو ته ستسنگ شام جي بدران صبح جو ڪيو
وڃي جيئن سڀ ڏئي ڪان اڳ ئي لنگر جو ڪم لهي وڃي.

٢٨ آڪٽوبر

اڄ صبح جو ٩ بجي ستسنگ ٿيو جنهن ۾ ڪبير صاحب
جي ٻاڻيءَ مان "شيل جو انگ" ڪيو ويو. حضور جن نام
ڏاڻ جي رهڻيءَ جي ساراهه ڪئي ۽ فرمايائون ته سنت
جيون مٿان انيڪ احسان ڪن ٿا پر ان بابت ذڪر ڪونه ٿا
ڪن. عام طور جيون کي سنتن جي پراپڪار جي پرجهه ئي
ڪانهي. "شيل" جي ٻاري ۾ فرمايائون ته گرڀ اوستا ۾
ماتا کي کپي ته سندر ۽ وشٽ پشٽ مڙدن جون تصويرون
ڏسي ائينءَ لاءِ ته ٻالڪ به خوبصورت ۽ مضبوط ٿئي.

٢٩ آڪٽوبر

جڏهن کي ٿيال لکڻ جو ڪم ڪن ٿا تڏهن کي خبر پوي ٿي
ته دنيا ۾ ماڻهو ڪيڏا نه دکي آهن. ٩٠ سيڪڙو ڪسان ته
وڌيڪ جيڪي ڇليون اچن ٿيون تن ۾ بيماري، غربت
يا ڪنهن رشتيدار يا پرينتران جي موت جي شڪايت هوندي
آهي. حضور جن گهڻو ڪري اهڙلي جواب ڏيندا آهن ته سڀ
دک ۽ ڪليش، پورب جنم جي ڪرت ٿئي ٿو. مالڪ جي
چرڻن ۾ پرارٿنا ڪيو ۽ نام جي ڪمائيءَ تي زور ڏيو. مالڪ
دّيا ڪندو. ڪڏهن ته اهو به لکيو ويندو آهي ته،
فلاڻي دوا ڪيو ته آرام ٿي ويندو. اڻڄاڻ لوڪ شايد ائين
سمجهن ته جڏهن سڀني شڪايتن جو جواب هڪ ئي قسم جو
ڏنو ٿو وڃي ته پوءِ ستسنگيءَ جي تسلي ڪيئن ٿيندي ؟
ڇاڪي لکڻ جو فائدو ئي ڪهڙو؟ حضور سوامي جي مهاراج
جن پڌهجي ٻولي سار ٻچن ۾ لکيو آهي :-
"گاهه ٿر ڪئي ڏن اور رات، گرو ڪي ڪيرتي مانئي بات ۽

سهڻو اب جهڙي هڙي آهي، ڪرو فرياد گورو سي جاءِ."

سو فرياد ڪرڻ ۾ ستسنگيءَ جو فائدو آهي. عام ڏٺو ويو آهي ته ستسنگي جنهن وقت وياڪل ٿي ستگورن جي شيوا ۾ چٺي لکيٺو انهيءَ وقت ٿي ڪيس مالڪ مدد ڪريٺو. مثال طور ڪنهن شخص لکيو ته مونکي سخت سور ۽ ايڇٺني آهي. انهيءَ جو جواب ۾، جيئن مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تيئن ڏٺو ويو. مگر اڄ هنجو جواب آيو ته جنهن ڏينهن کان هن پنهنجي چٺي ستگورن کي لکي انهيءَ ڏينهن کان وٺي ٿي ڪيس آرام ٿيڻ لڳو. اهڙي قسم جا ڪئين خط شڪرگذاريءَ جا ايندا رهندا جنکي پڙهي آدمي دنگ رهجو وڃي.

ڪن خطن ۾ احوال اچيٺو ته، حضور جن ڪيئن خطري ۽ آفت مان ڪين بچايو ۽ اهي خط نه، صرف هندستان بلڪ اميريڪا ۽ انگلنڊ جي ستسنگين ۽ انهن فوجي ستسنگين وٽان اچيٺا جي اڄڪلهه مهاڀاري لڙائيءَ جي ڪارڻ هندستان کان ٻاهر ويا آهن. مصر، ملايا، برما ۽ اميريڪا مان اهڙيون عجيب ستگورن جي ديا ۽ مهر جون ساکيون ٿا لکن جي پڙهي تعجب ٿو لڳي ته اڄ ڪالهه شري حضور مهاراج جن ڪيڏي نه جيون جي سهايتا ڪري رهيا آهن. ٿياسافيءَ جي ڪتاب "Invisible Helpers" ۾ جن واقعن جو ذڪر ٿيل آهي سي هنجي مقابلي ۾ ڪجهه ٿا لڳن ۽ سوامي جي مهاراڄن جو هيءَ وچن ته پوري سنت جا ستسنگي روز ڪرامتون ڏسندا بلڪل درست ٿو لڳي. سنت ٻاهر ۽ اندر ابهياسيءَ جي مدد ڪندا ۾ اندروني ڪرامتن جي سمجهه صرف ٻڌن سمرن دوارن ٿي پٺي سگهي ٿي. ليڪن سنتن جون ڪرامتون صرف سندن شيوڪن تائين محدود رهنديون ۽ نه ڪه عام دنيادارن لاءِ.

آمريڪا جي ستسنگين جا جيڪي پتر اچنٿا انهن ۾ خاص طور پڇن سمرن جي لرڙيءَ جو ذڪر ليل هوندو آهي. اڄ هڪ ستسنگيءَ جي السان جلي آلي ته هو روحاني شڪتيءَ ذريعي ماڻهن جي بيمارين جو علاج ڪندو آهي. حضور جن جواب مرڪليو ته جي روحاني شڪتيءَ کي ٻاهران دليوي ڪمن ۾ خرچ ڪبو ته پرمارٿ ۾ اُنتي بند ٿي ويندي.

اڄ مون هڪ فارسيءَ جو ڪتاب ”سيرت النبي“ پڙهيو جنهن ۾ ٢۴ صفحي تي قرآن شريف جي هڪ آيت لکيل هئي جنهن جو مطلب هو ”خدا کي قرباني جو گوشت ۽ خون نٿو پهچي پر ڪ توهانجي پرهيزگاري. جانور جي قرباني آسان، پرهيزگاري مشڪل.“

٣٠ آڪٽوبر

اڄ صبح جو چرلس پالشاهيءَ جي شبد ”هرڪي ڪٿا ڪهاليان گورميت سنائيان“ جي وياکيا ڪندي حضور جن فرمايو ته اصلي امير اهو آهي جنهن وٽ نام جي ڪمائيءَ جو ڌن آهي. گورو رامداس جن کي گورو امرداس صاحب جن هڪ هار پرشادي ڪري ڏنو هو. هڪ ڏينهن جڏهن گورو رامداس جن ڪپڙاڻون وڃي رهيا هئا ته هن رستي تي ڪنهن مسمڪ کي پنهنجي ستگورن جي نندا ڪندو ٻڌو. هن هڪدم پنهنجي گلي مان اهو هار لاهي انهيءَ ننڍڪ کي ڏنو ۽ چيائونس ته هي ڪٺي وڃ پر نندا نه ڪر. اهڙو هو پيار سري گورو رامداس صاحب جن جو پنهنجي ستگورن سان. حضور جن سنگت کي هدايت ڪئي ته جي پريم پيار سان پڇن ڪندا ته جلدي پنهنجي اصلي گهر، سچ لوڪ پهچندا.

٣١ آڪٽوبر

اڄ ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو ته ستن کي ڪشٽ ڏيڻ

ڪري ڪيئن قومون تباهه ٿي ويئون. پهرين حضرت عيسيٰ کي صليب تي چاڙهيو جنهن جو نتيجو اهو ٿيو جو انهن جو اڄ ڪو ملڪ ئي ڪونهي ۽ هر ڪنهن ديس مان کين ڌڪي پيا ڪڍن. هڪڙي ستسنگيءَ شيوا جي وقت هڪ ننڍو ٨-٩ سالن جو ٻار پيش ڪيو جنهن کي ڪنهن قريب ٣-٤ سيرن جي وزن وارو پٿر مٿي تي هنيو پر کيس نه زخم ٿيو نه سُرڄ. اتفاق يا ديا!

١ نومبر

اڄ ستسنگ ۾ "جهان ديکان تهان دين ديالا" ۽ "ڌن ڌن ڌن پياري ڪيا ڪهون مهما شبد ڪي" ٻه شبد ڪيا ويا. مهاراج فرمايو ته پنجن شبدن جو مارگ انادي آهي ۽ جڏهن انسان کي بنايو ويو ته ان سان گڏوگڏ هي رستو به مالڪ هن جي اندر رکيو. هي قدرتي مارگ آهي نه ڪ انسان جو بنايل.

ڪبير صاحب، تلسي صاحب، دادو صاحب، پلٽو صاحب ۽ مسلمان ڪامل فقيرن جهڙوڪ مولانا روم ۽ خواجه حافظ وغيره سڀني جو پنجن شبدن جو مارگ هو.

٣ نومبر

اڄ شام جو باوا گلاب سنگهه ستسنگ ۾ شرڌا ۽ يڪتيءَ جو مضمون ڪيو ۽ چيو ته اهي ٻئي پرمارٿ جي پيڙهه آهن. جي پيڙهه ڪمزور هوندي ته عمارت مضبوط ڪيئن ٿيندي؟

٧ کان ٩ نومبر

هڪ اميريڪن ستسنگيءَ لکيو ته هو ۽ سندس استري ٻئي روحاني علاج (Spiritual Healing) مفت ڪندا آهن ۽ انهيءَ ڪم کي جاري رکڻ چاهين ٿا. حضور جن جواب

لڪايو نه ٿا نه لوهاڻن جي روحاني ترقي بند ٿي ويندي ۽ ا
لوهاڻن جو اهو ڪم بند ٿي ويندو. هن جو ٻيو اعتراض اهو هو
نه هندستاني گروهه کي برما ڪري ٿا سمجهن. پر اسانکي
اهو پسند نه آهي. جواب ڏنو ويو ته گروهه کي ٻاهر يا أستاد
سمجهي سندس هدايت انوسار اڀياس ڪري الڳ وڃو ۽
متين لوڪن ۾ سندس شان ۽ شوڪت ڏسو.

باب پيو

سانگلي ۽ بمبئي جو دورو

۱۰ نومبر ۱۹۴۲ع

اڄ ريل ڏريعي بياس اسٽيشن تان روانا ٿياسين. رستي ۾ جلندر تي سنگت درشن ڪرڻ آئي. گاڏي ۾ موجوده لڙائيءَ جي حالتن تي ڳالهه ٻولهه ٿيندي رهي. پوءِ هڪ مسلمان چيو ته مذهب جهيڙي ۽ فساد جي جڙ آهي. حضور جن جواب ڏنو ته هرهڪ مذهب جي شريعت جدا آهي ۽ شريعت صرف سماج ۾ زندگي گهارڻ جو هڪ طريقو (Mode of living) آهي پر معرفت ۽ روحانيت سڀني جي ساڳي آهي.

دهليءَ تي سردار جڳجيتسنگهه آهوجا ۽ دريا گنج رات جو ۱۲ ٻجي پهتاسين. صبح جو حضور جن هيٺ سٽسنگ هال ۾ سنگت کي درشن ڏنو ۽ پوءِ مان سڀ سامان کڻائي فرنٽيئر ميل لاءِ اسٽيشن پهتس. ۸ ٻجي گاڏي آئي. اسانجو ڇهن سيٽن وارو گاڏو رزرو هو. سفر آرام سان ٿيو. صبح جو انڪل ڏهين ٻجي بمبئي پهتاسين. اسٽيشن تي سنگت جي گهڻي پيڙ ڀاڙ هئي. لڪشمي باغ (جو سئنڊهرسٽ روڊ تي آهي) ۾ رهڻ جو انتظام هو. حضور جن هيٺ وڏي هال ۾ سٽسنگ ڪيو ۽ مٿي اسانجي رهائش جو انتظام هو. رات جو ۹ ٻجي ٻيڪن ڪٽين ڏريعي پوني پهتاسين. رات اتي رهي ٻئي ڏينهن منجهند جو روانا ٿياسين ۽ رات جو سانگلي پهتاسين.

١٣ نومبر کان ١٩ نومبر

صبح جو راجا صاحب جي محل جي حاطي ۾ ستسنگ ليندو آهي جتي صرف راجا صاحب جا رشتيدار ۽ نوکر چاڪر يا ڪو خاص ماڻهو هوندو آهي. شام جو چوڻ اچي ستسنگ ڪلب (Club) ۾ ليندو آهي. گهڻو ڪري 'سار بچن' مان ٻاڻي ڪڍندا آهن جهڙوڪ: "گرو گرو مين هردي ڌرلي،" "سب گرو ڪا نام پڪارو،" "ملي نر ديهه يه نمڪو."

اڄ ستسنگ جو پهريون ڏينهن آهي ۽ عام ستسنگ ۾ اٽڪل هزار کن سنگت هئي پر تنهن هوندي به سڀ ڪرڻ جيترو به آواز ڪونه هو. ماڻهن اهترو نه ڏيان سان ستسنگ ٻڌو ۽ اهتري نه خاموشي هئي جو مون اهڙي شانتي ٻئي هنڌ ڪانه ڏٺي آهي. سب اهو ئي هو جو ستسنگ ۾ ليڪا پار ڪونه هئا.

١٦ نومبر

اڄ شام جو ستسنگ ۾ ڪبير صاحب جو شبد "ڪر نيڻون ديدار محل ۾ پيارا هئي" ڪبيو ويو ڇاڪاڻ ته مهاراشٽر ۾ گهٽيءَ جي پوڄا گهڻي آهي. حضور جن گهٽيءَ جي حيثيت ٻڌائي ۽ هدايت ڪئي ته پرماتما کي ٻاهر مندرن، ندين ۽ گرنٿن ۾ نه ڳوليو ۽ فرمايو ته شرير جي ڪمرن ۾ جيڪي ٻنگڙيون آهن انهن مان هرهڪ ۾ ديوتاڪريءَ جا اکر لکيل آهن. تنهن کان پوءِ "دل ڪا حجره صاف ڪر" وارو شبد ڪبيو ويو، رات جا سرا اٺ لڳي ويا.

١٩ نومبر

اڄ رات جو سالگرهه مان روانا ٿياسين ۽ صبح جو ڏهين اچي پهتاسين. اتي مهاراڄن صبح جو نام دان اشنبر ۽

شام جو ٦ بجي ستسنگ ڪيو جنهن ۾ سمجهايائون ته سنت مت ۾ گوشت کائڻ جي ڇو منع ٿيل آهي. فرمايائون ته پاپ ته سبزي ۽ اناج کائڻ ۾ به آهي ڇاڪاڻ ته آتما ۽ زندگي هر هڪ داڻي ۽ پتي ۾ به آهي پر ڇو جو ان ۽ ڀاڄيءَ جو درجو ڪريليءَ ۾ سڀ کان هيٺ آهي انهيءَ ڪري انهن کي کائڻ ڪري گهٽ پاپ لڳي ٿو بنسبت انهن ساهوارن جيءَ جن جو رچنا ۾ درجو مٿيرو آهي.

۲۲ نومبر

اڄ بمبئيءَ ۾ صبح جو ستسنگ لڪشمي باغ ۾ ۽ شام جو ورلي ناڪي ۾ ٿيو. سنگت جي چڱي ڀيڙ هئي. ڪيترا تعليم يافته ماڻهو آيل هئا.

۲۳ نومبر

اڄ بمبئيءَ مان روانا ٿياسين ۽ رستي ۾ دهليءَ ۾ ستسنگ ڪندا حضور جن ۲۸ تاريخ بياس پهتا.

باب ٽيون

۲۹ نومبر ۱۹۴۲

سردار ڀڳت سنگھ ڏاڍو سٺو ستسنگ ڪيو. شمس تبريز جي فارسي غزل جو ترجمو ڪري ان جي وياکيا ڪئي.

۳۰ نومبر.

حضور جن صبح نام دان ڏنو ۽ ۳ بجي منجھند جو روٽي کاڌائون. الهيءَ ڪانھوءَ گھاٽ جي ستسنگين کي وقت ڏنائون. مطلب تہ صبح جو ۹ بجي کان رات تائين لڳاتار مشغول رهيا.

۱ ڊسمبر

مسلمانن کي نام ڏنو ويو ۽ شام جو ”راما رم رامو سن من ڀڄئي“ جي وياکيا ستگرون پاڻ ڪئي.

۳ ڊسمبر

شام جو ”ستگرو ڪا نام پڪارو“ شبد ڪيو ويو ۽ منھنجي ڊيوٽي هئي تہ ستسنگ جو ترجمو ڪري انگريزن کي ٻڌائيندو وڃان. حضور جن فرمايو تہ گرو ڀڳتي شروع ۾ بي مزي ضرور آهي ۽ جيستائين ستسنگي سورج لوڪ ۽ چندرما لوڪ طئہ ڪري گروءَ جي اوري سروپ کي پرگھٽ نہ ڪري تيستائين سندس گرو ڀڳتي مڪمل نٿي ٿئي. الهيءَ ڪانھوءَ نام ڀڳتي وسيلي آهي جاڪاڻ تہ شبد ۾ لذت آهي. جڏهن گرو ڀڳتي

ٻـوري ڪئي لڌهجي مڪتيءَ ۾ ڪو شڪ نہ آهي. اصلي ٻـر اُپڪاري سنت آهن جن جي همت ۾ هن سنسار روپي جيلخاني جي چابي آهي. هو جيلخاني جو دروازو کولي قيدين کي چون ٿا تہ وڃي پنهنجي پنهنجي گهر سـکي ٿيو. پيا ٻو اُپڪاري قيدين کي ٿوري ڏيڊ لاءِ سکي ڪري سگهن ٿا پر هنن جا بند خلاص نٿا ڪري سگهن. وڌيڪ فرمايائون تہ سنت مت جو لت آهي گوروءَ جو حڪم مڃڻ. بس اهائي سچي عبادت ۽ ڀڳتي آهي.

۴ ڊسمبر

اڄ شام جو حضور سوامي جي مهاراجن جي باڻي ”گور متا انوکا دريا“ ڪٿي ويئي. مهاراجن فرمايو تہ گورمت لڌهن شروع ٿيندو جڏهن پنهنجي اندر سج چنڊ ۽ تارا پار ڪري گوروءَ جي نوري سروپ کي ڏسبو. وڌيڪ فرمايائون تہ سنت مت پاربرهم کان شروع ٿيندو ۽ انهيءَ کان هيٺ سهس دل ڪنول ۽ بنڪ نال جي وچ ۾ پـاري رچنا آهي جنهنجو ذڪر هن شبد ۾ نہ ٿيل آهي ٻـر جنهن لي ڪئين ڪتاب لکي سگهجن ٿا. اها رچنا لڌهن نظر اچيٿي جڏهن سادڪ سهس دل ڪنول جي وڏي جوت جي لل (لو) کي پار ڪري ٿو.

ڊلهائوسيءَ جو دورو

۶ ڊسمبر ۱۹۴۲ع

صبح جو ۸ بجي ڊلهائوسيءَ لاءِ روانا ٿياسين. رستي ۾ ستگورن گهماڻ جي سنگت کي درشن ڏنو ۽ منجهند ڌاري ڊلهائوسيءَ پهتاسين.

رات جو حضور جن فرمايو تہ مون ۱۸ سال پهاڙن ۾ نوڪري ڪئي. برف پوڻ کان اڳ ميهن پوندو آهي، پوءِ ٽڙا

۽ پوءِ برف. ٣ فوٽن ٿوري برف ۾ ماڻهو هلي چلي سگهيٽو
۽ جانور ٻن فوٽن کان وڌيڪ برف ۾ نه هلي سگهندا آهن.
جيڪڏهن ماڻهو ڪڏهن برف ۾ آرام ڪرڻ لاءِ هيٺ
وهندو ته ڪيس ننڊ اچي ويندي ۽ پوءِ سرديءَ سبب موت
جو خطرو رهندو. جيڪڏهن برف پوڻ کانپوءِ رات جو تارا
نڪتا ته برف جمي سخت ٿي پوندي ۽ ماڻهو ان تان هلي
چلي سگهندا آهن.

٧ ڊسمبر

اڄ رات جو حضور جن گفتگو ڪندي فرمايو ته ڪي ماڻهو
وهم جي وس ۾ سمجهندا آهن ته فلاڻي جاءِ ۾ ڀوتن پريتن
جو واسو آهي. پوءِ پنهنجي نوڪري جي دوران ۾ جڏهن
خيرا گليءَ ۾ هئا تڏهن جي هڪ وارتا ٻڌايائون. جنهن مڪان
۾ مهاراج جن وڃي رهيا انهيءَ ۾ ڪانئن اڳ جيڪو آفيسر هو،
رهندو هو. انهيءَ جاءِ جي پريان هڪ قبر هئي جنهن جي
جي پرسان هڪ ڪوٺي جو وڻ هو. اهي هر جمع رات جو
ڪيترا ماڻهو ڏيئا ٻاريندا هئا ۽ چڱي خاصي ڏياري ٿي
پوندي هئي. هن آفيسر مهاراج جن کي چيو ته مان ته اڳ ٻڌل
آهيان انهيءَ ڪري ڏيئو ٻاري رکندو آهيان. ڪجهه عرصي
کانپوءِ حضور جن رات جو ليٽيا پيا هئا ته مڪان جي ٽين
واري ڇت ۾ اهڙو آواز ٿيو جو ڄڻ ته ڪير ٽپ ڏيئي اڇلائي.
نوڪر کي چيائون ته ٻاهر وڃي ڏس ته ڇا آهي. پر هن
ويچاري کي ڊپ لڳو. تنهن ۾ حضور جن پستول کڻي ٻاهر
نڪتا. هر ڏهن پندرهن منٽن کانپوءِ ٽين جي کڙڪ جو
آواز ۾ ليو. جڏهن سگريٽ ڏيان سان ڏٺو ته معلوم ٿين ته
ٻلڪل ڪوٺي رکي ٻلي ڇت تي ڪريا. ٻئي ڏينهن
وڻ کي ڪٽائي ڇڏيائون ۽ جڏهن سرديءَ جي موسم ۾

ڪاٺ چاڪاڻ ته
ڍيرائي چڏيائون
ڪوٺي خالي ٿي ته قبر کي به
اُن ڪاٺ جي مڪان کي
هو ته ڏيئن باهه ڪري متان
ه لڳي وڃي.
اهڙي طرح مهاراج جن الهاباني ضلعي جي هڪ جات جو
قصو ٻڌايو ته هنجي ٻني ۾ ديري مانا جي ڏيوري تهيل
هئي. اپريل جي ڏينهن ۾ جڏهن هنجي ڪڻڪ جو فصل
آهي راس ٿيندو هو ته سڀني ڳوٺ وارن ماتا ديوي جي
پوڄا لاءِ سنڌس ٻني ۾ ايندا هئا. ٻين فصل جي ستياناس
ڪري ويندا هئا. ويچارو جات دل ۾ پيو ٻري پر ڪجهه
ڪري نه سگهيو. آخر هڪ رات جو ڏيوري کي ڪٽي شهيد
ڪري ڇڏيائين. صبح جو وني ڳوٺ ۾ شور مچايائين ته
آستان تي ڇڏي آيو. ٻاجا ٻٽي ڏٺا، توهان ٻڌا؟ ڳوٺاڻن
ٻڌو ته ڏٺا. ٻانجا راتو رات جات چيو ته رات شهيد
ٿي ويو. اسان ته ڪونه ٻڌا. لهن لئي جات چيو ته راتو
ماتا ديوي کي شادي ڪري ويئي ويا. انهيءَ جا ٻاجا ٿي
وڳا. سو انسان جو من وهم جي ڪارڻ ڪمزور ٿي ڪيئن
خيال پيدا ڪري ڪيس ٻيچاري ٿو.

١٢ ڊسمبر کان ٢٠ ڊسمبر ١٩٤٢

پهاڙن جو دورو

١٢ تاريخ صبوح جو حضور جن ڏيري مان روانا ٿي جلندر
پهتا. جتي سردار يگت سنگهه جي گهر ٺهرو ڪري ۽ ٻيو
ڪم ڪار لاهي اتان روانا ٿيا. پوءِ رستي ۾ ٽانڊه جي پرسان
ستسنگ ڪيائون. مهاراج جن جي ڊرائيور سروپ سنگهه پڇيو
”حضور! هي جو هيتري خلقت اوهانجي درشن ڪرڻ لا
اچيتي تنهنکي ڪهڙو فائدو ٿيندو؟“ حضور جن فرمايو ته
جيڪو پريم سان درشن ڪندو انکي منش جنم ملندو. جيڪو
ستسنگ ٻڌي اڳتي ڪوچ ڪندو تنهنکي نام ملندو ۽ جيڪو

وڃڻ کان اڳ اينڊو لهڻڪي ڪرڻ. لاڀ نہ ٿيندو. سڪورن وڏيڪ فرمايو تہ درشن ڪرڻ سان ڪي سنسڪار سڀني جي دلين ۾ پئجي ويندا آهن. هائي سڀني تي حضور جن جي هن سفر مان ڪيترن کي جيڪو اُپڪار ٿيندو. سو هن ڪري ئي هزارين مڙس عورتن جا قطار لڳندا ۽ هزارين نام جا تو بہ سو. ستسنگ پوءِ ٻنهي ٽيڪاڻن ۾ جتي جي، شام جو ۷ بجي سانتال پهاسين جتي ستسنگ ٿيو. حضور جن اُپديش ڪيو تہ پرماتما کي جهنگلن پهاڙن پٿرن ۽ ڪتابن ۽ ندين ۾ ڳولڻ ناداني آهي ڇاڪاڻ تہ پرماتما انسان جي اندر آهي. جڏهن من ۽ آتما کي اڪاگر ڪري ڏيان اندرمک ڪبو تڏهن پرماتما جو درشن ملندو ۽ مڪتي ٿيندي. گرنٿن پراڻن ۾ سنتن جي مهما يا مهاتمائن جي روحاني سفر جو ذڪر لکيل آهي. جيڪي موڪ پاپ ۾ ئي مڪتيءَ جي آس رکي ويٺا آهن سي ڀليل آهن. جيڪي ديوي ديوتائن کي پوڄين ٿا انهن جو حال اهڙو آهي جهڙو هڪ راجا ڇڏي ٻئي اردليءَ جي پوڄا ڪري. پرماتما ديوي ديوتائن کي انسان جي سيوا لاءِ بنايو آهي ۽ هنن جو فرض آهي انسان کي پالڻ پوسڻ ۽ ناس ڪرڻ. انسان جي پوڄا واسطي پرماتما کانسواءِ ٻي ڪا بہ هستي ڪانهي.

۱۳ ڊسمبر

صبح جو ۹ بجي ستسنگ ٿيو. ستسنگ کان پوءِ هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو تہ مونکي اندر حڪم ٿيو آهي تہ ۸ ڏينهن جي اندر وڃ تان ڪري مري ويندين. ماڻهن چيو وڃ لکي تہ پڙهيو. مون سوچيو تہ جيڪا آئي اچڻي آهي سا ضرور ايندي. سو ڪاليج وڃڻ لاءِ وڃ لکي پڙهيس. جڏهن ٻئي ٽئين ڪتبر تہ انهن معلوم ٿيو تہ ٻئيءَ ۾ هيٺ ڪري پيو آهيان. مون انهن محسوس ڪيو تہ ڪنهن شڪتيءَ مونکي

مٽي ۽ ٽنگن کي زمين سان ٽڪرجڻ کان بچايو. صرف ڪمر
وچي زمين سان لڳي. جنهن سبب واپس ۽ ٽڪ مان رت
وهڻ لڳو. پوءِ مونکي اندران حڪم ٿيو ته ڪنهن ٻئي حڪيم
جي دوا وٺ (پاڻ به حڪمت ڄاڻندو هو) ته ڏهن ڏينهن
۾ ٺيڪ ٿي ويندين. مون ائين ئي ڪيو ۽ ٻارهين ڏينهن
ڪنواٽيءَ تي پاڻي ڪٽي سگهيس. ڪنهن ستگورن کان پڇيو
ته هي مئو ڇو ڪين؟ حضورجن فرمايو ته ڪڏهن اندر ڪال
جو آواز به ايندو آهي جنهنکي ماڻهو غلطيءَ وچان ستگوروءَ
جو آواز سمجهندو آهي.

شام جو ڇهين بجي حاجي پور لاءِ روانا ٿياسين. شام جو
٨ بجي للواڙه جي ڊاڪ بنگلي ۾ پهتاسين.

١٤ ڊسمبر

صبوح جو "جگ ۾ گهور اندهارا ڀاري" شبد جو ستسنگ
ٿيو. ستجهند جو هڪ بجي روانا ٿي ٽاڙيءَ پهتاسين جتي به
ستسنگ ٿيو. پوءِ دولت پور جي سنگت کي درشن ڏيئي
شام جو ٧ بجي چليت پهتاسين.

چليت ۾ ۽ آسپاس گهڻيئي ستسنگي آهن. بيشمار لوڪ
ستسنگ ۾ آيا. هي پهاڙي لوڪ نهايت پريمي آهن ۽ تمام
سڌا سادا. انهيءَ ڪري هنن تي پرمارٿ جو رنگ جلدي
چڙهي ٿو. حضورجن به فرمايو ته هتي جا گهڻيئي ستسنگي
اعليٰ روحاني منزل طئه ڪري چڪا آهن.

١٦ ڊسمبر

ڪلهه برسات سبب ستسنگ ڪونه ٿيو ۽ اڄ صبوح جو
حضورجن نام دان بخشيو ۽ شام جو ستسنگ ٿيو. مهاراج جن
فرمايو ته جيڪو نام ستگورو ڏئي ان جو ئي سمرڻ ڪرڻ
کپي. ستسنگ ۾ اٽڪل ١٥، ١٦ هزار سنگت هئي.

١٧ ڊسمبر

اڄ صبح جو ”دوشن پتيمه پاپ سڀ ناسي“ جو ستسنگ ڪندي حضور جن فرمايو ته چرن ڌوڙ جو مطلب آهي ستگورو جي اوري سروپ جي چرن جو پرڪاش، جيهنجو دوشن الدر وسالي ڪرڻ سان ٿئي ٿو. ١١ اڃي گگوبٽ روانا ٿياسين. گگوبٽ چليٽ کان ٩ ميل پري آهي حتان اوٽا ١٥ ميل اڳتي آهي. وستي ۾ ٥ منٽ اوٽا ۾ دوشن ڏيڻي جيجر پيتاسين جتي بيشمار سنگت آيل هئي. جڏهن حضرت عيسيٰ پنهنجو مشهور وياکيان (Sermon on the Mount) جيروسلم جي ڀرپاسي ۾ ڪيو هوندو ان وقت به ايتري سنگت نه هوندي. ڇهون وسطي ٻيون ۽ ميدان سڀ ڀريل ۽ ٻڌن سان پريا پيا هئا. ڏي هتي جي سنگت آهي جو جيڏي حشمت جي رهڻ ۽ ڪاٿي جو ان ڏيهن آه تمام ڪندي.

١٨ ڊسمبر

صبح جو ١١ هتي وڏي منڊپ ۾ ستسنگ ٿيو جنهن ۾ ”[illegible]“ شبد جي وياکيا ڪندي ستگورو [illegible] جي [illegible] جي بوجا [illegible] ۽ [illegible] ليندا [illegible] ستسنگ ۾ هئا. شام جو ستسنگ ڪندي [illegible] ڏي ٤ ميدا کان [illegible] هئي. [illegible] ڏينهن صبح جو روٽي جوڙ لڳي ته اڄ نرپاص جو حضور جن آيا هئا ته الص جڳي واپس هليا ويا ته ليا تنهنجي علاج جو سمو ته آيو آهي. انهيءَ کان ڪجهه ڏينهن بوءِ ڀولو چڏي ويئي. واهداسين لي حضور جن جي وڏي دبا آهي ۽ گهڻو ڪري فرمائيندا آهن ته مالڪ جو ناڙ ئي غريب نواز آهي.

١٩ ڊسمبر

اڄ ناهريءَ ۾، جو هتان ٣ ميل پري آهي، صبوح جو ستسنگ ٿيو. انهيءَ کان پوءِ حضورجن قريب ١٢٠٠ ڄڻن ۾ مڙدن کي نام دان ڏنو. پوءِ موٽرڪار ۾ ڪرالا روانا ٿيا. ڏسو حضورجن ڪيڏي نه جفاڪشي ڪن ٿا ۽ جڏهن ڪين آرام لاءِ عرض ڪجي ٿو ته فرمائين ٿا ته هي شرير ته آخر فدا آهي جيترو پراپڪار ني سگهي اوترو چڱو. نه سندن خيال ڪاڏي پيٽي ڏانهن ۽ نه ڪھڻ ڦرڻ ڏانهن وڃي ٿو. وڏي ڳالھ ته پنهنجي ان آراميءَ ۽ سفر جي تڪليفن جي ڪا شڪايت به ڪونه ٿا ڪن. بندي جي طاقت نه آهي جو ائين ڪري سگهي!

٢٠ ڊسمبر

صبوح جو اونا لاءِ روانا ٿياسين ۽ پوءِ رستي ۾ جهان ڪيل ڳوٺ ۾ حضورجن ستسنگ ڪيو. پوءِ شام جو ٥-٦ جي وچ ڌاري ڏيري پهتاسين جتي ستگورن وري ستسنگ ڪيو.

٢١ ڊسمبر

شام جو ستسنگ ۾ حضورجن فرمايو ته جيستائين جگياسوءَ جي اندر برهه ۽ تڙف نه هوندي ليستائين هنجو پڙدو ڪيئن کلندو؟ اي ستسنگين ۾ بس اهڙيون نرمل آتمائون آهن جن سان ستگورو انگ سنگ رهي ٿو ۽ ڪي شرڌالو ۽ پريمي رڳو ليرت تڪيا پيا پيئن ۽ الي اشتانگ ڏنڊوت پيا ڪن. اڳتي هلي انهن کي ملندو ڇا؟ اهيڙي پٿر ۽ پاڻي! ڪانگڙ جي علائقي ۾ عام طرح ماڻهو گگي جي پوڄا ڪندا آهن. چوندا آهن ته گگو هڪ چوهان راجپوت هو جو پوءِ ناگ ٿي پيو. اهڙن ماڻهن کي نه نام جو پتو آهي ۽ نه ستگوروءَ جو.

خوشنصيب آهن اهي جن کي ڪلجڳ ۾ سنت ستگورو لنام بخشي لوا!

٢٥ ڊسمبر

اڄ جنهن وقت مهاراجن ٽهال ۾ ڏلي له هڪ مائيءَ اچي عرض ڪيو، "مهنجو پٽ گذاري ويو آهي. ڪرپا ڪري ٻڌايو ته هو هينئر ڪٿي آهي؟" حضورجن ورائيو ته "مائي! تنهنجي گهر ۾ ته هو ڪنهن ٻئي جي گهوران آيو هو. هينئر جن جي گهر ويو آهي انهن جو ٿي ليو. تنهنجو هاڻ هن سان ڪهڙو واسطو؟"

٢٦ ڊسمبر

اڄ ستسنگ ۾ ستگورن فرمايو،
"آسان پر سمه جيڏيان،
مـــوت لنا وان هيت."

۽ اهو ۾ ٻڌايائون ته آميريڪا ۾ هڪ اوزار ناهيو اٿن جنهن جي ذريعي پتو پئجي سگهي ٿو ته فوٽو سچ پچ ڪنهن زنده آدميءَ جو آهي يا خيالي شڪل جو. ڇاڪاڻ ته جيئري ماڻهوءَ جي فوٽي ۾ زندگيءَ جا ڪرڻا موجود هوندا آهن. شام جو 'سار بچن' مان آڪاڻ ۽ سانوڻ جي مهنن وارا شبد پڙهيا ويا جن جي وياکيا ڪندي ستگورو ڏين ڏيال فرمايو ته موسم ان قسمن جو آهي. هڪ ستسنگيءَ جو ٻيو ٻي ستسنگيءَ جو. ٻي ستسنگي دنيادار جي موسم جو نظارو نهايت پيارڪ ٿيندو آهي. هڪ طرف سندس آتما جسم مان پرواز ڪرڻ لئي هوندي آهي ته ٻئي طرف مٽن مائٽن جو روڄ راڙو. انهيءَ سبب آتما کي آرام ۽ شانتيءَ سان نڪرڻ جو موقعو نٿو ملي. جيڪالي ته جڏهن پراڻي مرڻ لڳي ته سندس مٽ مائٽ صبر ۽ شانتيءَ سان کيس رخصت ڏين. رودن ڪرڻ جي بجاءِ

پاڻ هنڪي دم دلاسو ڏين ته توهان اسان جو فڪر نه ڪريو ۽
پنهنجو ڌيان پرماتما ۾ رکو. خاص ڪري ستسنگيءَ جي
موت وقت ته انهن ڪرڻ ضروري آهي ۽ پيو هن ڳالهه جو
ڌيان رکڻ کپي ته ڪو اهي ستسنگي هنجي ويجهو نه هجي
ٻلي ڪٽي اهو قريب جو رشتيدار هجي.

٢٧ ڊسمبر

صبوح جو گورو گرنٿ صاحب مان "موريه ديکت نه
پول گدوارا، متن موهارا جوت پسارا" شبد جو ارٿ ڪندي
حضور جن فرمايو ته سنت مت دسوين دوار يعني ٻارانهم
کان شروع ٿئي ٿو جتي سنتن ۽ سادن جون منزليون آهن ۽
جتان نسي سيني راڳن جون ڌنيون نڪتيون آهن. جڏهن
ساڌڪ جي آتما ابياس ڪري اتي پهچي ٿي ته اتي جا هنس
برير ۽ آدر سان هنجي آجيان ڪن ٿا ۽ مبارڪون ڏين ٿا ته
توکي شاباس هجي جو مايا ۽ ماياوي پدارٿن کي لياڳي هتي
آئي آهين. دادا جن وڌيڪ فرمايو ته نام جو ملڻ ڪاروا جي
ڳالهه نه آهي. انيڪ جنمن جا سر پشت ڪرم جڏهن ڪنا
ٿيندا آهن تڏهن ٿي سنت ستگوروءَ وٽان نام دان ملندو
آهي ۽ جن جي اڳين جنمن ۾ سادن مهاتمائن جي سنگت
ڪيل هوندي آهي انهن تي نام جو رنگ جلدي چڙهي ٿو.
وڌيڪ فرمايائون ته ڌرمداس جو ڪبير صاحب سان اڳين جنمن
کان سنبند هو. هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو ته جڏهن مان ڏهن
سالن جو هوس ته هڪ رات سپني ۾ منهنجي آتما سج ۽ چنڊ
جي لوڪن کي طئه ڪري مٿي ويئي ته مون انهن محسوس
ڪيو ته هڪ مهاتما جي گود ۾ ليٽيو پيو آهيان ۽ پوءِ جڏهن
مون روئڻ شروع ڪيو ته انهيءَ مهاتما مون کي گود مان
ڪڍي چڏيو. هاڻي حضور ڪرپا ڪري ٻڌايو ته اهو مهاتما
ڪير هو؟

مهاراجن جواب ڏنو ته ٻاني جڏهن نون اپاس ڪري اندر ويندا ته اهو مهاتما خرد ٻڌود لوڪي اندر مليندو، ٻاني ولڻ جي ضرورت ڪانهي.

٢٨ ڊسمبر

اڄ ”رامارم راموسن“ چولين پاتشاهي جن جو شبد ستسنگ ۾ ڪيو ويو ۽ اهو شبد حضور جن اڪثر ڪٽندا آهن. هن شبد ۾ ”سُن“ لفظ ڏانهن ڪوڇيءَ ڪي خاص ڌيان ڏيڻ ڪهي يعني رام، جو اد وشت آهي، تنهن کي ٻڌي سگهجي ٿو، ار ٿاهه رام پرماتما جي شبد جو نالو آهي جنهن کي ٻڌي سگهجي ٿو.

٢٩ ڊسمبر

اڄ پيدارو هو. ستسنگ هڪ ٻجي شروع ٿيو ۽ ۴ ٻجي ختم ٿيو. ”ستگوروڪا نام پڪارو“ ۽ ”هرڪي ڪٿا ڪهانيان گورميه سنائيان“ ٻه شبد ڪيا ويا. ”ستگورو ڪا نام پڪارو“ جو مطلب آهي ستگوروءَ ڪان نام وٺي سمرن ڪري سچ چنڊ ۽ تارا لنگهي گوروءَ جي نوري سروپ جو درشن ڪريو.

٣٠ ڊسمبر

اڄ ستگورن نام دان بخشيو ۽ مڃهند جو ٣ ٻجي فارغ ٿيا

٣١ ڊسمبر

ڪالي باغ ۽ انبت آباد جي سنگت کي پرساد ڏنو ويو جنهن کان پوءِ شام جو ستسنگ ٿيو. سار بچن مان ”ڪالڪ“ جي مهمي وارو شبد پڙهيو ويو. ستگورن فرمايو ته اکين کان هيٺ جيڪي ڪنول آهن انهن ۾ شبد ڪونهي. شراب ۾ سمه لوڪ جي جڳهه نارونءَ وٽ آهي ۽ پولو غذا جي جتي ڪوبي ۽ پيشاني گڏجن ٿيون. برهم جي مڪتي ڪلپ ارڊس آهي. ٩٩٨ چوڪڙي جڳن جو هڪ ’ڪلپ‘ ٿيندو

آهي. ويدانتي ان قسمن جا ٿيندا آهن. هڪڙا سالن ۽ ٻيا نون. سالن ويدانتي جهڙوڪ وياس، وشسٽ وغيره اڀياس ڪري ارهم منڊل ۾ پهتا. مگر نون ويدانتين جا صرف ٿي اسٿان آهن ۽ نيتر، هردو ۽ ڪنٺ. جڏهن هو اڀياس ڪري اکين جي ٻوڀان چمڪ آڪاش ۾ پرويش ڪن ٿا ته هنن کي پنهنجو ني سروپ نظر اچي ٿو جو نهايت نوراني هوندو آهي، ۽ اني پهچي هنن کي ڪجهه ڪرامتون به حاصل ٿيندڙيون آهن. انهيءَ سروپ کي ڏسي ساڌڪ چوندو آهي "اهم اسم اسمي." ارٿات مان ئي ارهم آهيان. دراصل ته اهو ئي هن جو اصلي سروپ ڪونهي ۽ صرف من جو دوکو آهي ۽ اڳتي ترقيءَ ۾ رڪاوٽ جو باعث آهي. ڪي ستسنگي به انهيءَ روپ کي ڏسي رڪجي پوندا آهن.

هڪ ستسنگيءَ شڪايت ڪئي ته منهنجي ماءُ جنهن کي نام مليل هو، ڪٿ ٿي ٿي مري ويئي ۽ منهنجي چولي چڙهڻ ڪان پوءِ ڏيئو وغيره ڪرڻ ٻاريو ويو. منهنجي ماءُ جا مائٽ چون ٿا ته هوءَ اوگتي ٿي مئي. حضور جن جواب ڏنو ته ستسنگ جو اپديش ته اندر جي جوت جي درشن ڪرڻ جو آهي. ٻاهر ڏيئو ٻارڻ فضول آهي. ستسنگيءَ جي موت جو ڏيئو ٻارجي يا نه، يا ڪريا ڪرم رسم مطابق ڪجي يا نه انهيءَ مان ستسنگيءَ کي ڪو فائدو ڪونه ٿو پهچي. ڪريا ڪرم ته جيئري ئي هرهڪ انسان کي اڀياس ذريعي ڪرڻ جڳائي جاڳائڻ ته نام جو اڀياس ڪرڻ ئي سچو ڪريا ڪرم آهي ٻاهريون ڪريا ڪرم ته صرف رسمي آهي.

۱ جنوري ۱۹۴۳

جڏهن حضور جن ٿپال ڏسڻ لاءِ آيا ته مون عرض ڪيو ته اڄ توهين ٿڪل پيا لڳو. ستگورن جواب ڏنو ته خير مان نه نباهي ٿڪو آهيان پر جيڪو منهنجي جڳهه تي ايندو انهيءَ

جي ڀاري ۾ ڏڙا سوچو. اهر پڌي سيني جي اکين ۾ پاڻي
اچي ويو. اڄ سخت سردي ۽ بارش جي ڪري ستسنگ
ڪونه ٿي سگهيو.

٢-جنوري

مان صبح جو جلدي ويس ۽ رات جو ٩ بجي موٽي
حضور جن کي احوال ڏنم. الي موهن الدر سنگهه ايبٽاباد
واري ستسنگيءَ جو ذڪر ٿي رهيو هو. هو ٽيو ڏينهن ٣١
ڊسمبر رات جو ١٢ بجي چولو ڇڏي ويو هو. مرڻ کان هڪ
ٻه ڏينهن اڳ حضور جن کي عرض ڪيائين ته يا مرلڪي
بندوبست ڪري پاڻ سان گڏ سرسي وٺي هلو ته ته وچڻ کان
اڳ منهنجو فيصلو ڪيو. داتا جن عجيون خريون ياد ڪري
ڏاڍو خوش ٿي رهيا هئا. ڏس پاڻ آهي انهي جا جن لئ
اهڙي قدر سڪرو خوش آهن.

٥ جنوري

لع ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو ته جيسائين ستسنگيءَ
جي دل ۾ پريم آهي ته ڏيندو ليسائين پڙدو نه کلندو. گرو
اهڙو آهي، جيڪڏهن اهڙو ته ابندي لس ڪاڏي کي ڪير
پڪيندو؟ جڏهن پڙدو کلندو تڏهن گروءَ جو نوري سروپ
پرگهٽ ٿيندو. اهو سروپ توهان سان انگ سنگ رهندو
۽ توهان جي هر سوال جو جواب ڏيندو. وڌيڪ فرمايائون ته
[illegible]

٦ جنوري

[illegible]

عرض ڪيو ته انهيءَ کي پڪو ڪرايو وڃي. جنهن تي حضور جن فرمايو ته باباڄي مهاراج جن کي انهيءَ بابت ٻاري ۾ ڪيترائي دفعا اندر ۾ عرض ڪيو اٿم پر باباڄن خاموش رهندا آهن. انهيءَ ڪري سندن مڪان کي پڪي ڪرائڻ ۾ هچڪ ٿي ٿئي ته متان سندن حڪم جو الڳهن ٿي پوي. مثال ڏيئي فرمايائون ته گورو رامداس صاحب جن جو سوني دربار صاحب ۾ هڪ ڪچو ڪمرو هو، جنهن لاءِ ستگورن جو حڪم هو ته جيڪو به انهيءَ کي ڍهرائيندو انهيءَ وٽ ڪجھ به نه رهندو. آخر مهاراجا رنجيتسنگهه جڏهن هٺ ڪري انهيءَ کي پڪو ڪرايو ته سڄو پنجاب سندس سپ ڪجھ ويندو رهيو. شام جو ۴ بجي واپس ڏيري آياسين.

۸ جنوري

مڇُهند جو ترن تارن لاءِ روانا ٿياسين. جڏهن اتي ستسنگ گهر ۾ پهتاسين ته سنت ٻگاسنگهه ۽ سنگت حضور جن جي سواگت لاءِ موجود هئي. سنگت اسان سڀني جي خوب خاطر تواضع ڪئي.

ٻئي ڏينهن صبوح جو اٽڪل ڏهين بجي ترن تارن جي مشهور ڪوڙهي خاني ۾ وياسين، جتي حضور جن سيني کي لڏون ڪپڙا، چادرون ۽ نقد پيسا ڏنا ۽ فرمايائون ته اهڙن دکين جي شيوا ڪرڻ اصلي خيريات آهي. منهنجو وشواس آهي ته دانا جن ڪوڙهين کي پرشادي ڏيئي منش جنم جو ادڪاري بڻائي ڇڏيو.

رات جوحضور مهاراج جن جي ڪمري ۾ وياسين. حضور جن ٻئي ڏينهن جي ستسنگ واسطي گورو گرنٿ صاحب مان ڪجھ شبد پڙهائي پئي. ستگورن جي محبت جو انداز انهيءَ مان لڳائي سگهجي ٿو ته جن شبدن جي وياکيا هو ڪيئين ڀيرا ڪري چڪا آهن تنکي وري پڙهائي پئي ٿا. انهيءَ ڪانوءَ

مون عرض ڪيو تہ حضور جن چيو آهي ته ٨۴ لک جونين جو تحصيل پيدائش آهي ۽ ان ۾ ٣٠ لک قسمن جا وڻ ٻوٽا ۽ ٢٧ لک قسمن جا ڪيڙا پتنگ، ١۴ لک قسمن جا پاڻيءَ جا جيو، ٩ لک قسمن جا پکي ۽ ۴ لک قسمن جا انسان ۽ بندر، پوءِ پرمات. انهيءَ تحصيل ۾ جانورن جو ذڪر ڪيو ڪيو آهي. حضور جن فرمايو ته جانور ۽ انسان جي اوچي درجي ۾ ليکيا وڃن ٿا. ڪرتيا جي هڪڙي ستسنگيءَ پڇيو ته جڏهن ستگورو چولو ڇڏي وڃي ۽ ستسنگيءَ جو ڌيان اچا پنهنجي ڪنهن ٻئي ڪنهن جي سروپ جو ڌيان ڪري؟ داتا جن فرمايو ته جڏهن سمرن ڌيان من ۽ آتما ايڪاگر ٿي سج ۽ چنڊ کي پار ڪري ويندا ته پوءِ ستگوروءَ جو سروپ خود بخود نظر ايندو. ستسنگيءَ کي پنهنجي گروءَ جي جانشين کان نئين سر نام وٺڻ جي ضرورت ڪانهي. انهيءَ جانشين ستگوروءَ کان پڇي سمرڻ ۽ رڪاوٽ يا ڪنهن ٻيءَ مشڪلات جو حل پڇي سگهجي ٿو ۽ جنهن ستگوروءَ نام ڏنو آهي سو ئي الٽ سمي درشن ڏئي سنڀال ڪندو. بعضي وقت سدس ستگورو ۽ جانشين ٻئي الٽ سمي درشن ڏيندا آهن. گروءَ جي هستي ڪڏهن فنا نٿي ٿئي. صرف استول شرير جو اياءُ ٿئي ٿو ۽ اندر ۾ ديا، مدد ۽ درشن ستسنگيءَ کي ملندو رهندو. باهران سمجهائڻ سمجهائڻ جو ڪم گدي نشين گروءَ کي سونپيو ويندو آهي.

١٠ جنوري

صبح جو ڏهين بجي ستسنگ ٿيو جنهن ۾ گرنٿ صاحب مان "تيرا ڪانڻي تيرا باڻي"، "راما رم راموسن" ۽ "گهر ۾ گهر ڏيکاڻي دي" شبد ڪيا ويا ۽ آخر ۾ "سار بچن" ۾ ڏنل وڻتي "ڪرون بنتي دوؤ ڪر جوڙي" جي وياکيا ڪئي وئي. سوامي جي سڀ کان اوچي ديش جو تالو آهي.

واڌا سوامي جي معنيٰ آهي آتما جو سوامي. ”ڪاهر نہ جاني شبد ڪي ريتا“ جو مطلب آهي تہ ٻهرين تن جڳن ۾ مونکي (شيوڪ کي) شبد جي ڀيد جو بلڪل پتو نہ هو، نہ تہ جيڪو منهنجي مڪتي ٿي وڃي ها ۽ مان هن سنسار ۾ اچان ني ڪرنہ ها. ٻيءَ ستگورن سمجهايو تہ ’ڪشر‘ جي معنيٰ آهي هيءَ دنيا ۽ ’نهہ اڪشر‘ جي معنيٰ آهي برلوڪ. گرو نانڪ صاحب جن بہ فرمايو آهي تہ ترلوڪيءَ ۾ ٥٢ اکر آهن جيڪي فنا ٿي ويندا پر اڪشر ديش (پار برهم) ۾ بہ اکر آهن جن مان هڪ جي ذريعي هيٺين منڊلن جي رچنا ٿي ۽ ٻيو مٿين منڊلن ۾ وڃڻ جو ساڌن آهي.

گرنت صاحب ۾ بہ انهن ٻن اکرن جو ذڪر تيل آهي جهڙوڪ:-

”جي تون پڙهيا پنڊت بيا ذوني اکر دوني ناوان،
پر نوت نانڪ ايڪ لنگهاني جي ڪر سچ سماوان.“

پار برهم جي شبد پڌرڻ سان جنمن جنمن جو گيان پراپت ٿئيتو. انهيءَ کان هيٺين منڊلن جي شبد ۾ مايا جي ملاوت آهي. هي سڀ پرمارٿي گهرائيءَ جو مضمون آهي ۽ سواء سنتن جي ٻين ڪنهن انهيءَ جي ٻوجهہ ڪاهي. ڪلهہ رات حضور جن فرمايو تہ انساني وجود ۾ ١٨ ڪنول آهن. جن مان ١٢ جو ذڪر سوامي جن ڪارتڪ مهني ۾ ڪيو آهي. پند جا ٦ چڪر برهمنڊ جي ٦ چڪرن جو عڪس آهن ۽ برهمانڊ جا ٦ چڪر مٿين ڇهن چڪرن جو عڪس.

باب چوٿون

سڪندرپور جي دوري جو احوال

12 جنوري ١٩٣٣ع

صبح جو ٦ بجي ڏيري مان روانا ٿياسين ۽ رستي ۾ ڦگواڙي، لڌيالي، موگي، ڪوٽ ڪپورا ۽ سرسي مان لنگهندا ستگورن جي ڪنڊ جي ڪارخاني تي الڪل ٢½ بجي منجهند جو پهتاسين. سڀني پرچن ڪيو. حضور جن ڪم ڪار جي نطرداري ڪئي ۽ پوءِ الڪل ساڍي پنجين بجي پيدل سڪندرپور جتي سردار هرنامسنگهه جوگهر آهي پهتاسين.

13 جنوري

هڪ ستسنگيءَ جي چٺي آئي جنهن ۾ لکيو هئائين ته جيترڪ سندس ڌرمپتني ستسنگڻ هئي تڏهن به مرڻ کان ٣-٣ ڏينهن اڳ هنکي ڀيانڪ شڪليون ڏسڻ ۾ آيون جن کان ڊڄي ڪيڪون ڪري چالبدي رهي ۽ اها سندس حالت آخري دم تائين رهي. ستگورن جواب لکايو ته انهيءَ مائيءَ نام وٺي پڇن سمرن ڪونه ڪيو هو تنهنڪري سندس خيال تي ڀيانڪ شڪليون ڊاڙي ڪيس ڊيڄاري رهيا هئا. تنهن هوندي به فڪر جي ڪا ڳالهه ڪانهي. جڏهن آتما سميٽجي سکمن ناڙيءَ جي پرسان پهچي ٿي ته ستگورو آتما کي سنڀالي وٺي ٿو ۽ ان جي مدد کي تڙ ورچاري. ٻاڻيءَ ۾ آيو آهي:



حضور مهاراج جن سرسي پنهنجي کيتن ۾

”جگ جگ پولي جيو انيڪا،
ديا پساو ستگور ڪا نيڪا.“

١٦ جنوري

صبوح جو ڏهين بجي جيٺن داتا جن ڪبڊ جي ڪارخاني ڏانهن اسهڻ وارا هئا تہ هڪ نوڪر اچي چيو تہ هڪڙي ٻڪري ٻئي ٻڪري سان وڙهي هيٺ ٽنگ ڀڃي چڪي. هن ٻڌايو تہ انهن ٻنهي ٻڪرن جي ٻارڻ ۾ ايتري تہ دشمني آهي جو جڏهن بہ هڪ ٻئي کي ڏسن تہ اچي لڙن. حضور جن فرمايو تہ ڏسو هي اڳين جنمن جا سنسڪار آهن نہ تہ حيوانن جي ٻارڻ ۾ دشمني ڇا جي؟

١٨ جنوري

حضور مهاراج جن ڪبڊ جي مل تي ١١ بجي صبوح جو آيا. گهر کان وٺي مل تائين جيڪو ٻہ ٽي ميلن جو مفاصلو آهي سو پيدل ايندا آهن. اهو ئي سندن صحت جو راز آهي. ڪارخاني ۾ بہ چڱي پاسي نظرداري ڪندا آهن. منجهند جو روٽي کائي آرام ڪندا آهن. ڀاڄين ۾ مٽر (Peas) وڌيڪ پسند ڪندا آهن. ڪشميري صوف جي ڀاڄي يا انبن فروٽ ڪري بہ کائيندا آهن. سنگترو ورتائيندا آهن. ترايل ۽ مٺي شيء جي پرهيز ڪندا آهن پر سرهہ جو ساڳ دل ڪري کائيندا آهن.

ستگورن جي جفاڪشي ۽ محنت جو اندازو انهيء مان لڳي ٿو تہ هو ٻہ ڏينهن اوستا ۾ هو رات جو سخت سرديء ۾ ٩ بجي گهر اچن ٿا ۽ صبوح ڪالوني ٻاهر کيتن ۾ ٻيهي ڪم ڪار ڪرائين ٿا ۽ ٻهڪڙي نيم انوسار امرت ويلي اٿي ڀڄن بہ ڪن ٿا. ١٢ بجي تائين ڪمند کي پيڙي رس ڪڍندا آهن. پوء شام تائين لڳين ۾ ان رس کي ڪاڙهيندا آهن. ڪمند

هجڻ سبب ساڌڪ جو خيال ٽري گهري ٿو. اهڙي حالت ۾ ڌيان کي پچائڻ جي ضرورت آهي ۽ اهڙي اوستا پيدا ڪرڻ کپي جو جگياسو پنهنجي هستي ڀلائي گروءَ جي ڌيان ۾ سمانجي وڃي ۽ انين محسوس ڪري ته مان اهو ئي آهيان جنهنجو مان ڌيان ڪري رهيو آهيان. گروءَ جي سروپ ۾ لولين ٿي وڃي. جڏهن اهو ساڌن پختو ٿيندو تڏهن ستگورو اندر ۽ ٻاهر سدائين انگ سنگ رهندو ۽ پوءِ ساڌڪ جي آتما کي اتمد گهٽي جي ڌن سان جوڙي مٿين روحاني ڏيش ۾ وٺي ويندو. انهيءَ سچي سفر ۾ ستگورو ساڻ رهيتو ۽ ستسنگيءَ جي هر سوال جو جواب ڏئي ٿو. جي ستگوروءَ جي ديا سان اها اوستا پراپت ٿئي ته پوءِ ستسنگيءَ کي انهيءَ کي هضم ڪرڻ کپي ۽ ستگوروءَ کانسواءِ ڪنهن سان ۾ انجو ذڪر ڪرڻ نه جڳائي ڇ. ته من ۾ اهنڪار ايندو ۽ گراوٽ ٿيندي. انهيءَ راز کي انين لڪائي رکي جيئن استري پنهنجي شرير کي ڍڪي رکندي آهي. جيڪڏهن ٿوڪي سمرن وقت روشني ڏسڻ ۾ آئي ته ٿون اکيون نه کولين ها بلڪ پنهنجي خيال سان انهيءَ پرڪاش کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرين ها. جڏهن ستگورو اسانجي سهائتا لاءِ اندر موجود آهي ته پوءِ اسانکي اندر وڃڻ کان ڇو ڊڄڻ کپي؟"

٢٨ جنوري

ڪلهه رات ستگوروجن ڪيتن مان رات جو ١٢ بجي موٽيا ۽ ٿيو ڏينهن رات جو ١١ بجي. مطلب ته سچو ڏينهن ڪم ۾ مصروف رهن ٿا. اتري محنت ڪرڻ انسان جي طاقت کان ٻاهر آهي.

٣١ جنوري

اڄ "نام نرنئه ڪرون ڀائي" شبد حضوري پوتيءَ مان

وڏيڪ تعداد ۾ ڪمائي ڪرڻ وارين آلمانون نظر اچن ٿيون مگر ليڪين ۾ ڪي ورلي ويدانتي جڏهن اندر تين پرڪاش ۾ پنهنجو ني روپ ڏسن ٿا ته ئي اختيار چيو ڏين ” اهم برهم اسمي “. ارٿات مان ني برهم آهيان. حالانڪ اهو صرف سندن من جو پرڪاشيه روپ هوندو آهي. انهيءَ روپ کي مهتو ڏيڻ نه کپي، ڇاڪاڻ ته آتما جو اصلي سروپ پار برهم ۾ نظر اچيتو.

ستسنگ ڪانپوءِ دادا جن ڪنهن جي ڪارخاني لي پهتا. اتي ڳالهه ٻولهه ڪندي فرمايائون ته هڪ ڀيري همايون شيرشاهه کان شڪست کائي گورو صاحب جن وٽ روحاني مدد لاءِ آيو. ان وقت گورو صاحب جن سماڌيءَ ۾ هئا. بادشاهه ويٺو رهيو ۽ آخر جڏهن ڏٺائين ته گورو صاحب جن ڌانهس ڪو به ڌيان نٿا ڏين ته مياڻ مان تلوار ڪڍيائين. صاحبن نيتر کوليا ۽ فرمايائون ته فقير لي تلوار! بادشاهه عرض ڪيو ته مان هن وقت مصيبت ۾ آهيان مهنجي سهايتا ڪريو. صاحبن جواب ڏنو ته جي ٻير ۽ لمرتا سان اچين ها تـه توکي هيئر تخت واپس ملي ها. هاڻي تلوار ڏيکارڻ جي سزا ڀوڳڻ پوندي ۽ پوءِ من جي مراد پوري ٿيندءِ. اهڙي طرح اڪبر بادشاهه ۾ چتوڙ جي قلعي فتح ڪرڻ جي سلسلي ۾ گورو صاحبن جي دربار ۾ حاضر ٿيو. صاحبن چيس ته اسانجي کوهه جو ڪڙ (کوهه جي لري ۾ پاڻيءَ جو سروت جتان پاڻيءَ جون ڌارائون ڦٽي نڪرنديون آهن) نٽيو پيو، پٽائي ڏي ته چتوڙ فتح ٿي ويندو. بادشاهه مزور ۽ ڪاريگر لڳائي ڪڙ پٽائي ڇڏيو. جڏهن لوڪن اچي عرض ڪيو تہ حضور ڪڙ پٽجي پيو ته صاحبن فرمايو ته چتوڙ ڳڙهه به فتح ٿي ويو. ايتري ۾ بادشاهه کي خبر ملي ته برابر قلعو فتح ٿي ويو.

۲ فيبروري

هڪ ستسنگيءَ لکيو تہ هو سرڪاري ملازم آهي ۽ ڪن ماڻهن جو ڪم هنجي سپرد ڪيو ويو آهي. ستگورن جواب لکايو تہ ڪنهن نہ ڪنهن بهاني موڪل تي هليو وڃ.

۷ فيبروري

سردار هربنسنگهه حضور جن کي عرض ڪيو ته جهڙي
هيءَ موتين جي جوڙي آهي، شادي به هنن جي اهڙي ٿي

[illegible] حضور جن فرمايو جيڪا مالڪ جي مرضي.

١١ جون

شام جو سردار ڪلاسنگهه جن راماڻا جي الرڪالد جو حسنگ ڪندي پڙهيو ته للسيداس صاحب مانسڪ وڪارن جو [illegible] ڪيو آهي، ڪام ڪرود آدي وڪارن جي علاوه ٻين [illegible] جيڙوڪ ٿي ڪي سگهي ڏسي پيڇا، پراڻي لندا، [illegible]. عام سنساري ماڻهن کي ته انهن مانسڪ روڳن جو [illegible] ڪونهي ته پوءِ انهن کان ڇوٽڪارو پائڻ جو ڪين خيال [illegible] اچي؛ جن کي انهن وڪارن جو احساس آهي ان [illegible] علاج جو پتو ئي ڪونهي. گوسامي جن لکيو [illegible] وڪارن؛ آشا ترشنا کي ڇڏي گورو پڪتي [illegible] اهي ڳهڻا وڪار دور ٿين لڌا. مانسڪ [illegible] اها آهي ته ڏيهون ڏينهون حرص هوس [illegible] ۽ ويراڳ وڌندو وڃي. ستگورن [illegible] جي بيماري عام ليندي آهي؛ ٻي [illegible] وڃي آهي ته جڏهن ايهاس ٻ [illegible] لي وڃدي آهي ته پوءِ [illegible] يا دنيوي نقصان جي ڀاري ٻ [illegible] لي ڀاڻي ڦيري ڇڏيندين [illegible] کي سياڻپ سمجهڻ کپي [illegible]. مالڪ جي مرج سمجهي [illegible]. سڀ دک جو پڇن سان [illegible] صرف پورب جنم جي ڪرمن [illegible] ڪرمن جو ڦل ايندڙ [illegible]

١٢ جون

[illegible] آهون جلندر ۽ واڳهن-

ڳوڻن جا ستسنگي درشن ۽ ستسنگ لاءِ آيل هئا.

"ڪهان لگ ڪهون ڪنلتا من ڪي"

شبد جي وياکيا ڪندي حضور جن فرمايو ته پنهنجي ڪمزورين ۽ عيبن کي دور ڪرڻ جا ٻه طريقا آهن. يا ته ورنڪ ۽ ويچار دوارا ڪوشش ڪري انهن کي ڇڏي. جي سادڪ جو زور نه هلي ته ستگورن کي ونتي ڪري ته منهنجي هٿن مان جند ڇڏايو. حضور جن فرمايو ته بعضي ستسنگياڻيون يا ستسنگي سمجهندا آهن، بلڪ شيخيءَ سان چوندا آهن ته ستگورن فلاڻو ڪم منهنجي صلاح مطابق نه بلڪ منهنجي صلاح موجب ڪيو. حقيقت اها آهي ته ستگورو هميشه پنهنجي مرج سان ڪم ڪندو آهي نه ڪ ڪنهنجي چرڻ ٻا ٻڌڻ اي. ستگوروءَ جو هر ڪنهن ستسنگيءَ سان الڳ، ۽ مخفي تعلق آهي ۽ ڪڏهن هڪ جو راز ٻئي سان نه ڪندو آهي. ستگورو انهن عيبن پاپن کي جيڪڏهن ظاهر ڪري ته جيڪر ڪير به سندن ويجهو نه وڃي. هو سڀ طرح جاڻي جاڻهار هوندي به اڻڄاڻ ٿي گذارو ڪندو آهي. دراصل، ستسنگيءَ ڪسي ڇڱائي لهه جيئن غريب ڪنگال ڪنهن دانيءَ جي اڳيان عاجزيءَ سان پيش ايندو آهي اهڙي طرح هڪ ستگوروءَ اڳيان ورلي. ٻڪاريءَ کي ڪٿي دانا ڪيترو به گهٽ وڌ ڳالهائي ته به هو جي ان جي پرواه نه ڪري صدا لڳائيندو رهندو ته دانا کي ضرور ڪجهه نه ڪجهه ڪيس ڏيڻو ئي پوندو. وڌيڪ فرمايائون ته جيڪي ستسنگي سنتن جي شيرا ۾ رهن ٿا سي جيڪڏهن سنتن کي سدائين مالڪ جو روپ ڪري مڃيندا ته انهن جو بيڙو پار ٿي ويندو پر جيڪڏهن منش ڀاو رکيائون ته پوءِ خالي رهجي ويندا بلڪ جيڪي پري رهن ٿا تن کان به

بونتي رهجي ويندا. انهيءَ ڪري جيڪي سنتن جي ويجهو
رهن ٿا انهنڪي ان خطري کان ساوڌان رهڻ کپي.

١٣ جون

اڄ حضور جن ڏيري جي ڪم ڪارن ۾ مشغول رهيا ۽
ستسنگ سردار گلابسنگهه کيو ۽ چيائين ته دنيا ٽن قسمن جي
ليندي آهي. هڪڙي برهما جي جنهن منش ديهه بخشي،
ٻي گروءَ جي جنهن اندر وڃڻ جو ڀيد ڏنو، ٽين آتما جي
يعني انسان نيڪ پاڪ رهي ۽ ڀڄن سمرن ڪري پنهنجو
آتم ڪلياڻ ڪري. ٽين دنيا ڪانسواءِ باقي ٻ ٻرو ٻرو لاڀ
نه پهچائي سگهندا رن. انهيءَ ڪري انسان کي پرشارت
ڪري نام جوڙ کپي. انتري ۾ حضور جن ا. اچي اراجمان ليا
۽ ڪبير صاحب جي برهه جي انگ جي وياکيا ڪندي
فرمايائون ته سنتن جو حڪم آهي ته هرڪو جيو برامي ۽
برهي جي انهيءَ کي اسانجي سمک آڻيو ۽ ٻن کي ڇڏي
ڏيو. وڌيڪ فرمايائون ته ڀڄن مهاتمائن جي باڻي وچارڻ
جوڳي آهي. گرو نانڪ، ڪبير صاحب، تلسي صاحب ۽
سوامي جي مهاراج جن. انهن ۾ سوامي جي مهاراج جن جي
باڻي موجوده حالتن جي مدنظر ٻين باڻين کان اُتم ۽
آسان آهي.

١٥ جون

صبوح جو ٨ بجي ستسنگ ٿيو جنهن ڪانپوءِ ستگرون ٽپال
پڌي. هڪ ستسنگيءَ لکيو ته مان وشرمد نه ونندو آهيان ۾
انهيءَ ڪري منهنجو آفسر مونسان خوش نه آهي. جواب
ڏنو ويو ته ڀڄن ڪندو رهه ۽ ستگرون هن ڏانهن هيٺيون شبد
گرو ارجن ديو مهاراج جن جو ا. لکائي موڪليو.

”ٻاني ٻڪا پيس داس ڪي اب هوتي نهال،
راڄ ملڪ سڪداريان اڳئي ماهين ڄال.
سنت جن ڪا ڇوهرا لس چرنسي لاڳ،
مايا ڏاري ڇتربتي لن ڇوڙ خيال.
ستن ڪا دانا روکا سنو سرب نڌان،
گرهست ساڪت ٣٦٠ پرڪار ڪي بکو سمان.
ڀڳت جدان ڪا لونگرا اوڙهه نگن نه هوئي،
ساڪت سروپ ريشمي ڦسرت پت ڪوئي.
ساڪت سيون لکب جوڙيئي اڏ بيڇون ٽوٽي،
هوجن ڪي سيوا جوڪري اِت اُت سي ڇوٽي.
سب ڪڇ ٽرهي سي هوا آپ بنت بنائي،
درشن پيئنت ساڌ ڪا نانڪ گن گائي.“

١٦ جون

ستسنگ ڪندي ستگورن فرمايو ته مان پنهنجو پڇن سمرن ڇڏي ساڌ سنگت جي سيوا ڪيان ٿو پر اها حالت سدائين نه رهندي ۽ اهو وقت ايندو جڏهن مونسان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ لاءِ ٿوهانکي وقت ئي ڪونه ملي سگهندو. پوءِ پائي حڪم سنگهه جي وارثا ٻڌاياٿون ته ڪيئن ٻرابر وس ٿي گهر ٻار ڇڏي اچي ڏيري ۾ رهي پڇن ڪيائين. جڏهن اندر ڪجهه ڏسندو هو ته جلدي ۾ اچي ٻڌائي ويندو هو. باباجي مهاراج جن گهڻو ئي سمجهايس پر هو هضم ڪري نه سگهيو. آخرڪار باباجن هنجو رستو بند ڪري ڇڏيو پر هو پنهنجو پڇن سمرن نت نيم سان پوءِ به ڪندو رهيو. ١٩١٨ ۾ هو بيمار ٿي پيو ۽ عرض ڪيائين ته مرلکي پنهنجي چرنن ۾ ٿي ٽڪڻ ڏيو. بون جواب ڏنو ته مان ٽو ٽيڪاڻڻ پسند نه ڪندو آهيان. جنهن تي هن چيو ته جي ٿوهانجو شرير باباجن جو

آهي ۽ مونکي متر ليکڻ ڏنو ۽ جي ته، تہ لهيو، هاڻي سوچيو ته ڪر ڀلا ڪي شيرڪ ڪيئن چوندو ته سندس شرطي گروءَ جو ناهي! مجبورن مون باباجن جو ڏيان ڪري چيو، " چکو پاڻي ! ڀلي متر ليک. جڏهن هن چوڻ لاءِ سر رکيو ته اوڏي مهل ٿي چوڻ لڳو، "منهنجو سورهن سالن کان بند ٿيل آنيو هڪدم کلي پيو ۽ منهنجي وڃايل چيز مونکي واپس ملي ويئي. پيو ته مونکي ستگورن اندر درشن ڏنئي منهنجي سنڀال ڪئي." هڪ ستسنگڻ پيار سان هنجي لاءِ هڪ ڦلڪو پچايو پر حڪم سنگهه چيو ته منهنجو اَن جل هاڻي ختم آهي. صرف هڪڙو سير گيهه رهيل آهي سو مونکي ڏيو. جڏهن هنکي هڪ سير گيهه گرم ڪري ڏنو ويو تہ ڪجهہ پيتائين ۽ ڪجهہ گرڙاون ڪري ڇڏيائين. پوءِ چيائين تہ هاڻي شبد پڙهو ۽ جڏهن شبد پڙهيائون پئي تہ چولو ڇڏي ويو. جهڙيءَ طرح ٻيءَ پٽ جو ڪمايل ڌن انهيءَ خيال سان کيس نہ ڏني ته متان ولوت وڃائي ڇڏي اهڙيءَ طرح ستگورو پنهنجي شبوڪ جو ڀڄن سمرن ۽ ڪمائي جمع ڪندو وڃيٿو ۽ انت ويلي کيس ڏئيٿو. تنهڪري ستسنگيءَ کي گهرجي تہ پنهنجي ڀڄن سمرن ۾ لڳو رهي ته ڪڏهن نہ ڪڏهن کيس ڪامياٻي اوس ملندي. مالڪ جڏهن ڏسندو تہ منهنجو ٻندو منهنجي انتظار ۾ اکيون ٻاڻي ويٺو آهي ته ڪڏهن ته ضرور دروازو کوليندو ئي.

١٧ جون

شام جو حضوري باڻيءَ مان،

"چنـــــر ميري ميلي ڀئي،
اب ڪهاں ٻي جائون ڏلان."

.... ستگورن فرمايو ته من ميرو آهي ۽ جيستائين

صاف نہ ٿيندو تيستائين پرماتما جو درشن نہ ڪري سگهندو
۽ جيستائين درشن نہ ملندو تيستائين چوراسيءَ جو چڪر ختم نہ
ٿيندو. آتما ڪيترن ڳهاڻن ۾ پنهنجي چادر ڌوئڻ لاءِ وئي
يعني پوڄا پاٺ، ڪرم ڌرم، جپ تپ وغيره ڪري ڏٺا
پر من نرمل نہ ٿيو ۽ اندر ۾ پرڪاش ڏسڻ ۾ نہ آيو.
تلسيداس جن بہ رامائڻ ۾ لکيو آهي تہ آتما اِبناسي آهي ۽
پرماتما جي انس آهي پر هيڪي ڪال جي حوالي ڪيو ويو
آهي جنهن آتما کي من ۽ من جي پڃري ۾ قيد ڪري رکيو
آهي ۽ ڪام ڪروڌ لوڀ موهہ اهنڪار جي ميل مان لي
چاڙهي آتما کي ناپاڪ ڪري ڇڏيو آهي. هاڻي صاف ٿيڻ
جو ساڌن آهي ستگوروءَ جي شرڻ پنهنجي ستسنگ ۾
پهچي ئي چادر صاف ٿي سگهي ٿي. هنجي هدايت انوسار
شبد جي ڪمائي ڪري جڏهن آتما پار برهم ۾ پهچندي
تڏهن ئي آتما جي چري صاف ٿيندي ۽ پوءِ ئي هوءَ مالڪ
سان ملڻ جي لائق بڻبي. حضور جن فرمايو تہ ستت زبردستي
ڪيئن؟ آتما کي سڀ لوڪ نہ وڃي ويندا آهن ڇاڪاڻ تہ
ڪال سڀ پرش کان ٽي ور ورتا آهن. (١) ڪيئن بہ جيو
کي پنهنجي گذريل جنم جو پتو نہ پوي ڇاڪاڻ تہ جيو کي
جي خبر هجي تہ پنهنجي برن ڪرمن جي سزا هو ڪيئن
وڳي رهيو آهي تہ جيڪر هو ڪڏهن پاپ نہ ڪري ۽ هو ڪو
ماتما سان ملي وڃي. (٢) ستت ڪرامت نہ ڏيکارين نہ تہ
ستن لاءِ ڪجهہ مشڪل ناهي، هڪ هنڌ مرڏي کي جيئرو
ن بئي هنڌ انڌي کي سجهو ڪن تہ هزارين لکين ماڻهو
دن پوئان لڳي پون. (٣) آتما جنهن بہ جون ۾ هجي انهي
ش رهي ۽ آهي بہ ائين. موريءَ جو ڪيڙو بہ موري پسند
ڪري.
پوءِ فرمايائون تہ جنهن بہ جيو جي هردي ۾ سدت ستگورو

نام جو اهو چئيندو سو هڪ ڏينهن ضرور سڀ لوڪ پهچندو ۽ ڪابہ طاقت هنکي روڪي نٿي سگهي. اهو ضرور آهي تہ جلدي يا دير سان پهچڻ هنجي شوق ۽ محبت تي منحصر آهي جاڪاڻ تہ سبب جيئن ڪي سندس مرضيءَ خلاف زبردستي نہ ولي ويندا آهن. ستسنگ جو مطلب ئي اهو آهي تہ جيئن ڪي انهي نام پهچڻ جو شوق پيدا ٿئي ۽ هن دنيا مان ويراڳ اچي.

۱۸ جون

اڄ ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو تہ جڏهن گرو ۾ پڪا وشواس آهي تہ ڪو ورلو ڪومڪ ئي ان ۾ پاس ٿيندو آهي. جيئن ڀائي گرداس جهڙو ڀڳت بہ ڪسوٽيءَ تي صحيح ڪين اُتريو. گرو ارجن صاحب جن هنکي گهوڙن خريد ڪرڻ لاءِ ڪابل موڪليو. انهن ڏينهن ۾ ارت ڪرڻ هئا سو ٿلهيون مهرن سان پيري ڪٽي ويا. ڪابل ۾ وڃي تنبوءَ ۾ رهيا. پٺاڻن سان گهوڙن جو سودو ڪري جڏهن پيسا ڪڍڻ لاءِ تنبوءَ ۾ آيا تہ ڇا ڏسن تہ مهرن جي بدران پٿر ۽ ڪرڪليون ۾ پيا آهن. ڊپ لڳن تہ پيسا نہ ڏناسين تہ پٺاڻ ماري ڇڏيندا. سو تنبوءَ ڪي پويان ڦاڙي ڀڄي نڪتا ۽ وڃي بنارس پهتا. ستگرو فرمايو تہ جي پورو وشواس ۽ ڀروسو هجين ها تہ انهن پٿرن ۽ ڪرن کي بہ روپيہ وانگر ڳڻي پٺاڻن جي حوالي ڪن ها.

اهڙي طرح رشي وياس جو هڪ شبوڪ جيمني هو. هن وياس جي اُپديش پهنجي لکيل ڪتاب جي تعريف ڪئي. جنهن تي رشيءَ فرمايو تہ لکڻ آسان ۽ عمل ڪرڻ مشڪل آهي. جيمني چيو تہ عمل ڪرڻ ڪو مشڪل ڪونهي. ويد وياس فرمايو تہ ڪنهن ڏينهن آزمائيندس. سو هڪ رات

باب اٺون

ڊلهائوسيءَ جو ڏورو
٢١ جون کان ٢٦ جولاءِ ١٩٤٣ع

٢١ جون

صبوح جو ٥ بجي ڪار ذريعي ڏاڍي مزي سان ڊلهائوسيءَ لاءِ روانا ٿياسين ۽ منجهند ڌاري ڊلهائوسي پهتاسين.

ڪرنل مارٽن جو بنارس مان ١٥ ڏينهن جي موڪل وٺي آيو آهي شام جو آيو. هن عرض ڪيو ته بنارس ۾ هن ڪي هڪ نئون ڪم سوچيو ويو آهي جنهن ڪري هن کي پنهنجن سمرن جو وقت نٿو ملي. حضور جن فرمايو ته جڏهن ۽ مان واندو هجي ته سمرن ڪيو ۽ پنهنجن ۾ دقت ٿيستائين آهي جيستائين ستگوروءَ جي نوري سروپ جو درشن نه ٿيو آهي چاڪاڻ ته ايستائين سفر اڪيلو ڪرڻو ٿو پوي. درشن کان پوءِ سفر آسان ٿيو پوي ۽ اندر ۾ آنند ئي اچي ٿو. ٿورا پند جي رچنا هن دنيا کان هزارين ڀيرا وڌيڪ مزيدار آهي. جيڪڏهن هتان ڪلڪتي وڃڻو هجي ته ريل يا هوائي جهاز جو سهارو وٺڻو پوندو پر سوکير منڊل ۾ صرف خيال ڪرڻ سان ئي ان جڳهه تي پهچي وڃجي ٿو. اُتي جي رچنا اهڙو جلدي نٿي بدلجي. انت سمي ته هن دنيا جي ڪا به چيز ساڻ نٿي هلي فقط پنهنجن سمرن ئي پرلوڪ جو توشو آهي.

ڪرنل مارٽن چيو ته "The path of the Masters" ڪتاب

پوءِ بہ سمجھائون تہ ڪن وڻن جي خوشبوءِ هوندي پر
جڏهن اڳتي وڌيا تہ ڏسن تہ، هڪ ڪشميري مهاتما لب
سڙڪ ويٺو آهي. ادب وچان گهوڙي تان لهي مهاتما وٽ
ويا ۽ سموري ڳالھ ڪيائون. لنهنتي مهاتما کلي چيو تہ
روحاني خوشبوءِ وڻن وارو نڪ بہ ڪنهن ورلي کي هوندو آهي.

شام جو سير ڪندي حضور جن فرمايو تہ هن دنيا جي چار
مان نڪرڻ آئي مشڪل آهي. اول تہ لوڪن کي دنيوي
ڌنڌن مان فرصت ئي ڪانہ ٿي ملي جو ويچارين تہ ڪٿان
آيا آهيون ۽ ڪيڏانهن وڃڻو آهي، ۽ جي ڪو ويچاري ٿو
انهيءَ لاءِ وري شريعت جا بندن آهن. جنهن ڌرم يا مذهب
۾ انسان پيدا ٿيندو آهي تنهن ۾ ئي سچو سمجهي موت ڪانپوءِ مڪتيءَ
ملڻ جي آس لڳائي وهندو ۽ وڌيڪ ڪا کوج نہ ڪندو ڪري.
ڪي ورلا وڏ ڀاڳي ڪامل مهاتمائن جي صحبت ۾ اچن ٿا ۽
انهنکي ئي صحيح ساڌن جو پتو لڳي ٿو جنهن ذريعي هو
چوراسيءَ کان ڇوٽڪارو پائي امر آنند ۾ وڃي سمائجن.

٢٤ جون

اڄ شام جو حضور جن هڪ ستسنگي جي گهر تشريف
وٺي ويا. اتي گهر وارن ڪجھ گراموفون رڪارڊ ڀڄن جا وڄايا
جن مان ڪجھ هئا:

"آڄ پريتم ميري گهر آئي،
ڪهت ڪبير ڌن ڀاڳ، هماري."

"پيا ملن ڪو جانا پي ڪي نگريا،
ڪنن ڊگريا پل پل پڳ ٿسلانا. پيا ملن ڪو جانا."

"گهونگهٽ ڪي پٽ کول ري." "جادو هئا"

انهيءَ مائيءَ جو پتي ستسنگي نہ هو پر نهايت شريف ۽
رلڻو ملڻو ماڻهو هو. حضور جن هنکي سمجهائيندي فرمايو تہ

دنيا جي ڪاٻ. جو سنگ اهي هاڻي ۽ انهن سمي ضرف لماشر اي رهڻي ار وڃي. ان جو مطلب اهو نه آهي ته جي پرماتما کهڙي ڏني دولت يا عهدو بخشيو آهي ته انکي چڱي ڏني پاڪ اٿوي ۽ جو فائدو وٺي آرام جي زندگي گذاري پر دل ۾ اهو ضرور ياد رکي ته هي سڀ چيز ڏنهن جو چڪر آهي جنهن جي اصليت ڪانه ڪاٿهي ۽ انهيءَ جو پرلوڪ ۾ سداري ته ڪ-انهن وٽان جمدوت انهي گهتيندس ۽ ڪڙي ڏومراڻ جي درباز ۾ پيش ڪندس: جتي هاڻي پائيءَ جو حساب چڪاڻي وٺندس، حضرت عيسيٰ ٻه بائيبل ۾ لکيو آهي ته حساب To the utter most Farthing لهندو. جڪڏهن ستگورو جي شرن ۾ اچي نام جي ڪماڻي ڪبي ته ڏومراڻ وٽ وڃڻو نه پوندو چاڪاڻ ته اهڙي حالت ۾ ستسنگيءَ جو ليکو ستگورو وٽ هوندو آهي نه ڪ ڏومراڻ وٽ. حضور جن پڌايو ته سندن هڪ رشتيدار جنهن نام ته ورتو هو ليڪن جي اسري ستسنگ هئي. هو ٻوليس آفيسر هو. ستي ڏومتنيءَ گهٽيئي دفعا هنکي ڏسڻ جي لاءِ جيو ۾ سندس ڪوئا پاڻ جو ڪر نڪو ڀائر ڏيئي اٿاري ڇڏيو هو. آخرڪار انهن وٽي جمدوتن اچي ورائيس. ليڪو ٽيون ڪوڪرو ڪرڻ "ڏس منهنجا دمت پيا ماڙين، آڙي موٽي ته ماريو، مان ڪمزور آهيان مري ويندس" وغيره.

"پسر اب پڇتائي ڪيا هوت،
جب چڙيان چگ گئين کيت."

عيو ۽ ٺو ستي ۽ جي ڪتوري مثل آهي. جيڪا مک ڏانهن وڃي سي ڪتوري جي وجهه ڪاڻ لاءِ وڃي سا اٿي ٺسي پونديءَ ۽ تنهنجو هو ليڪدو جو ماکي ۾ ٻڏ ڪنارو پلڪ ٻاهر ڊي نه ٺهندي. ۽ جيڪا مک پاسيرو اچي وڃي سا ماکيءَ جو سوڌ ۽ وڃي وٺي ۽ آزاد ٿي وڃي. ستسنگيءَ

کين ۽ انهن رهڻ جڳائي. دنيا سان موهه ممتا نه رکي.

۲۵ جون

شام جو مولانا روم جي مثنويءَ مان ڪجهه فارسي ڪلام پڙهيو ويو جنهن ۾ هن لکيو آهي ته هي سنسار هڪ کوهه جي مثل آهي ۽ شبد يا ڪلام انهيءَ مان نڪرڻ جي رسي. جڳياسوءَ کي جڳائي ته ڪام ڪرودڇڏي انهيءَ رسيءَ کي پڪڙي کوهه کان ٻاهر نڪري.

۲۶ جون

شام جو ستسنگ ڪندي حضور جن فرمايو ته جيڪو مهاتما پاڻ کي برهمن تائين رسائي ڪري ڇڪو آهي صرف اهوئي ٻين کي اتي وٺي وڃي سگهي ٿو. اهڙي مهاتما کي ئي گورو سڏجي ٿو. پر اول ته اهڙا مهاتما ناياب آهن ۽ ٻيو ته انهن کي سڃاڻڻ ڏکيو آهي.

ستگورن فرمايو ته ديوي ديوتائن کي پوڄڻ نه گهرجي. ڇاڪاڻ جو اهي پاڻ آتما جي شيوا واسطي بڻايا ويا آهن. انهن جي پوڄا ڪرڻ ٺيڪ، چاڪر جي نه چاڪري ڪرڻ. پوڄڻ جوڳو صرف هڪ پرماتما آهي جنهنجي پراپتي پوري گروءَ بنا ناممڪن آهي.

سر گوجرمل ستگورن کان پڇيو ته جوتش وديا ڪيتري قدر ٺيڪ آهي. حضور جن فرمايو ته اها به هڪ سائنس آهي پر ٽن سببن ڪري انهيءَ ۾ غلطيءَ جو امڪان رهي ٿو (۱) جنم جو وقت اڪثر ٺيڪ لکيل نه هوندو آهي، تنهن ڪري ڪنڊلي غلط ٺهندي آهي. (۲) انهيءَ وديا جا نهسوارتي ماهر بلڪل گهٽ آهن. (۳) پنڊت پيسي جي لالچ ڪري ماڻهن کي تسلي ڏيڻ خاطر ڪنڊلي صحيح طور ڪونه ٺاهيندا آهن ۽ چوندا آهن ته فلاڻو جپ يا دان پن

ڪيو ته گرهن جو اثر لهي ويندو ۽ اهو سڀ ڏوڪو آهي
چاڪاڻ ته گرهن جو اثر صرف اُهين سمرن سان لڳي ڪي
ڪدو گهٽ ٿي سگهي ٿو نه ته پنهنجي ڪرمن جو نتيجو ضرور
ڀوڳڻو پوندو.

۲۷ جون

مهاتمائن جو ذڪر ڪندي حضور جن فرمايو اسان صرف
زنده حڪم، زنده حاڪم ۽ زنده مهاتما لاڀ پهچائي
سگهن ٿا. ماضي ڪي ويل مهاتمائن جي سمادين ۽ قبرن کي
وڃي مٿا گسائين ٿا ۽ ٻٽاڙون وڪن ٿا جو سڀ ڀرم آهي.

”جيئي پتر نه پرجئي - موئي سراڌ ڪرائي.“

پاڻي شادي (هڪ مسلمان ستسنگي جو حضور جن جي نج
سيرا ۽ هندو هو) ٻڌايو ته جڏهن حضور جن سکر ۽ سرسي
وغيره ويندا آهن ته اتي جا مسلمان فقير خوشي ۾ اچي
حضور جن کي نمسڪار ڪرڻ ايندا آهن ۽ جيسين ڪڏهن
وسٽي تي ستگورن کي موٽر ۾ ايندو ڏسندا آهن ته خوشي
مان ولي نچندا آهن ۽ چوندا آهن ته رب جي مرشد پيئي
اچي گويا سڀني مهاتمائن جو پاڪ ۽ مثل ميلاپ هوندو آهي.
مذهبي تعصب ۽ متڀيد ته صرف دنياداري جو ورثو آهي.
حضور جن ۾ فرمايو ته شريعت هرڪنهن مذهب جي جدا جدا
آهي مگر روحانيت سڀني جي ساڳي آهي. مهاتما شريعت
هر الگهن نه ڪندا آهن.

۲۸ جون

شام جو گرو گرنٿ صاحب مان،

”جوگي سنگ نار لپٽائي،“

شبد ڪيو ويو. هن شبد ۾ نار جو مطلب مايا يا شرير
آهي. مايا پنهنجي پتي وڄ کي چري ٿي ته مرڪي چڙي

سانوڻ، جيو ته گرهست مارڳ ئي اهم آهي جيئن گرو
نانڪ صاحب جن فرمايو آهي:

"گرهست مين جيو رهي اداس،
کهہ نانڪ هم تاکي داس."

حضور جن فرمايو ته اهو ڏکيو آهي پر آهي نهايت ضروري
۽ صرف گروءَ جي ديا ۽ بخشش ذريعي ممڪن آهي.
گرهست ته ڪجل (سرمي) جي ڪوٺڙي آهي. ڪنهن داناءَ
جو ڪلام آهي:

"ڪاجل ڪي ڪوٺڙي مين ڪتنو ئي سيانو جاءِ
ڪاجل ڪي ايڪ ريک لاگي پر لاگي هي هئي."

موڪلائڻ وقت حضور جن فرمايو ته جيئن وڏي
سپہ سالار ملڪ فتح ڪري خوشيءَ ۾ اچي نعرو هڻندو
آهي تيئن بعضي وقت سنت ذر ڏاڍي ڏيکاري نعرو هڻندا آهن
جيئن پلٽو صاحب فرمائي

"ڪولن پرلئہ هم ڪري هم هي ڪرائي هار
هم هي ڪرني هار - هم ڪرتا ڪي ڪرتا."

۽ گرو نانڪ صاحب جن به فرمايو آهي:

"روپ همارا اچرج ڪهيئي - هم هوئي اچرج بانی
ڪرن هماري سب گهٽ پوري - ڪلا سڪل گهٽ ٺاني."

پوءِ حضور جن روس جي بادشاهہ پيٽر جو مثال ڏنو ته
جڏهن هو هالنڊ ۾ جهازرانيءَ جو ڪم سکڻ ويو ته هو اتي
مزدور جي ويس ۾ ڪم سکڻ لڳو ۽ جن کي هن روس مان جلاوطن
ڪيو هو سي به سندس دوست بڻجي پيا. جڏهن هو
جهازرانيءَ جو ڪم سکي پنهنجي وطن واپس وڃڻ لڳو ته
انهن مزدورن کيس چيو ته وڃڻ تي ته اسان جي ته دل آهي
پر ڇا ڪريون جو بادشاهہ اسان کي ديش نيڪالي ڏني

آهي. پيٽر چين ته توهين مونسان گڏجي هلو بادشاه مهنجو واقف آهي. جڏهن روس پهتا ته چا ڏسن ته اهو سندن سائي مزور ٿي خود پيٽر بادشاهه هو. سنتن جو به اهو ئي حال آهي.

١ جولاءِ ١٩٤٣ع

اڄ حضور جن فرمايو ته ڪاليج جي ڏينهن ۾ مون هڪڙو هندي پستڪ پڙهيو جنهن ۾ موسم جي باري ۾ اڳڪٿي ڪرڻ جو طريقو لکيل هو ته جي فلاڻي وقت فلاڻي شڪل جو بادل فلاڻي طرف هجي ته پوءِ هن قسم جي موسم ٿيندي. حضور جن حڪم ڏنو ته ان پستڪ جي ڳولا ڪيو.

آگري جي هڪ ستسنگيءَ چيو ته 'راڌا سوامي مت' ۾ هڪ مذهب آهي. حضور جن فرمايو ته مان راڌا سوامي مت کي ڌرم يا مذهب بڻائڻ نٿو چاهيان ڇاڪاڻ ته ائين ڪرڻ سان بين ڌرمن جا پوئلڳ، جهڙوڪ هندو مسلمان عيسائي جيئي يهودي هن مت مان فائدو وٺي نه سگهندا. راڌا سوامي مت هڪ ڌارمڪ فيلسوفي آهي ۽ هڪ قدرتي سائنس آهي جا هر هڪ ڌرم جي بنياد ۾ آهي. هن مت کي اختيار ڪرڻ سان ڪنهن جي به ڌرم ۾ فرق نٿو اچي. هندو هندو رهي، مسلمان مسلمان رهي ۽ عيسائي عيسائي رهي سرت شبد جو ابياس ڪري سگهيٿو. راڌا سوامي مت ۾ ڪو ڪرم ڪانڊ ڪونهي. انهيءَ ڪري سڀ ڌرم ان مان فائدو وٺي سگهن ٿا. اهڙي طرح جيڪو سک مت گورو صاحبن هلايو سو به هڪ فيلسوفي هو پر سکن انهيءَ کي هيٺئر ڌرم جو روپ ڏيئي انجي ترقي روڪي ڇڏي. سکن ۾ جنم، مرڻ، شادي وغيره جون رسمون هندن ۽ مسلمانن کان نياريون ٿاهيون آهن جنهن ڪارڻ اصلي سرت شبد جي ابياس

جو ماڻهن سڪ مان جي ٻولڻ واري چڙهيل آهي.

هڪڙو ستسنگي سخت بيمار آهي ۽ سندس بچڻ جي اُميد ڪانهي. اڄ شام جو ڪنهن حضور جن کي چيو ته اهو بيمار ستسنگي انهيءَ ڪري سخت ناراض آهي ته حضور جن هنکي موت کان ڇو نٿا بچائين. ستگورن فرمايو ته جي ناراض [illegible] ته ڀلا اچي هلي ۽ دک ڀوڳيندو.

۽ جولاءِ

[illegible] جو هڪ جهنداري پائر جو هن کان اڳ [illegible] آيو [illegible] وقت آيو. حضور جن مهاتما چرنداس جي [illegible] جي وڏائي ڪندي فرمايو ته ڪي اهڙي نڪ جي [illegible] ۽ آڳرين اڳيان ڏيان جمائيندا آهن ۽ پوءِ آهستي [illegible] ڏيان کي جهڙي نڪ جي وچ ڪندا ويندا [illegible] سارا منڊل سچ ۽ چيڪ نظر ايندا آهن. [illegible] اما ساڌنا ڪندي پوکي سهسندل ڪنول [illegible] حضور جن فرمايو ته سرت شبد جي اڀياس [illegible] ڪن اُنهي پوچڻ وڏيڪ آسان آهي. ٻيا پد ۾ [illegible] آهي جنهن جي وچ هڪ وڏي جوت [illegible] ٿيندو آهي جو گورو جي مدد کانسواءِ [illegible] ۾ انيڪ رڪيون سڌيون ۽ سُندر [illegible] وکينديون آهن. جيڪڏهن ڪو [illegible] ۽ وڃو ته ڀنڪ نال ۾ مايا جي [illegible] اُنهيءَ ڪي مٿي نوهر منڊل ۾ رشي مني [illegible] سڄت ۽ ڪرمان [illegible] ساڌڪ اڳتي وڃي [illegible] الله سند اُڙڪ [illegible] (Ellesmere) [illegible]

مان سامهون برفاني پهاڙ ڏسڻ ۾ پيا اچن. جڏهن سنت
انامي ڌام ۾ پهچن ٿا ته پوءِ خوشيءَ مان نعرو هڻن ٿا، پوءِ
حضور جن گهٽ راماڻ مان،

”امر بوٽي ميري يار پياري پياني ڏني.“

پڙهايو. جنهن ۾ امر بوٽيءَ جو مطلب آهي شبد. تنهن
کانپوءِ تلسي صاحب جو هڪ شبد پڙهيو ويو. حضور جن
فرمايو ته ڏسو سنتن ۾ ڪيڏي عاجزي ۽ نمرتا آهي.

”تلسي تيج ڪڇ اهين جانـــي،
چرن شرن ستگور رکي ماني.“

انهيءَ کانپوءِ پلٽو صاحب ۽ دادو صاحب جا شبد پڙهائي
ستگورن انهن کي کولي سمجهايو. هڪ ستسنگيءَ چيو ته
حضور جن اڄ گهڻيئي شبد کنيا آهن. ستگورن جواب ڏنو ”ڀائي!
جڏهن ڪو خاص خريدار ايندو آهي تڏهن ئي جواهري خاص
هيرا جواهر ڪڍندو آهي. ڪاڏيءَ جي خريدار کي اخمل
ڪير ڏيکاريندو!“

٧ جولاءِ

شام جو ٧ بجي چرنداس جي باڻيءَ مان شيل جو انگ
کنيو ويو جنهن ۾ مهاتما شيل کي سڀني خوبين ۽ گڻن جي
جنني ڪري سڏيو آهي. پوءِ ڪبير صاحب جي باڻيءَ مان
به شيل جو انگ پڙهيو ويو جنهن ۾ انهن قسمن جي ڪام
جو ذڪر ٿيل آهي ۽ جيڪو انهن انن ئي کان رهت آهي
سو ئي سچو برهمچاري ۽ جتي آهي. (١) عورت جو خيال
ڪرڻ (٢) ڪنهن زال ذات سان ڳالهيون ڪرڻ (٣) هنجون
ڳالهيون ٻڌڻ (٤) اڪيلائيءَ ۾ رهاڻ ڪرڻ (٥) ڪنهن زال
سان کلڻ (٦) هن سان راند ڪرڻ (٧) هنڪي هٿ لائڻ
(٨) هن سان ڀوڳ ڪرڻ يعني زال جو خيال آڻڻ به ڪام ۾
داخل آهي پر اها پورن جتيءَ جي اوستا صرف مالڪ جي خاص

ڏيا سان لي: اوليما لي سگهيتي، ھرھڪ لاءِ موڪل نہ آھي.

ستسنگ ڪانوءِ امت آباد جي ھڪ ستسنگي ڪلارڪ عرض ڪيو: ”حضور! ڪن ڪلارڪن دشمني ڪري منھنجو ساٺورس وڃڻ لاءِ حڪم ڪيو آھي. جتي مونکي جلدي وڃڻو آھي.“ ستگورو فرمايو: ”ضرور وڃڻ، گھٻرائڻ جي ضرورت نہ آھي. لڙائيءَ جي وقت وڃڻ نہ شايد نوڪريءَ ۾ ترقي ٿي ويندءِ. موت جو وقت مقرر آھي ۽ ان گھڙيءَ کي ڪير بہ ٽاري نہ سگهي.“ راجا رنجيتسنگھ جي وقت جي ڳالھ آھي تہ ڪنھن سک جوان جوتشيءَ کان پڇيو تہ منھنجو موت ڪٿي ٿيندو؟ جوتشيءَ چيس ”سمنڊ ۾.“ جڏھن ھو پٺاڻن سان لڙڻ لاءِ ھزارا ويو تہ ھڪ واھ جي ڀرسان زخمي ٿي ڪري پيو ۽ اوڏ جي اميد ڪانہ ھيس. پنھنجي ساٿين کان پڇيائين تہ ھن واھ جو نالو ڇا آھي؟ ھنن ورايو ”سمنڊ“. پوءِ ٿي ختم ٿي ويو.“

٩ جولاءِ

ستسنگ ۾ ھڪڙو وڃاداري ساڌو جنھن جو ذڪر اڳي بہ ٿيل آھي، آيو. ھن جو نالو اھا جوٽي مشھور آھي تہ جنھنکي پڪوان پندي نہ ھنکي پڪس جدائي سگهيتو ۽ پڪس جي بدل کي پڪوان بہ نٿو جدائي. انھيءَ جي لاءِ بہ حضور جن گورو ارجن صاحب جن جي وقت جي وارتا ٻڌائي تہ ھڪ دفعي ھو سنگت سوڌا پاڻي پيئڻ جي گھر پوڄن ڪرڻ ويا. ڪنھن ستسنگيءَ کي دير ٿي ويئي سو دروازي بند ھئڻ سبب ٻاھر ئي بيٺو رھيو. جڏھن پوڄن ختم ٿيو تہ گوروصاحب گرلتيءَ کي حڪم ڏنو تہ ارداس پڙھ. تنھن ٿي پاڻي پيئڻ وينتي ڪئي تہ حضور ڏيا ڪيو تہ منھنجي سڀن جو ٻلو ڀلو ٿئي. اتفاق ۾ ھڪڙو سک دعوت کان محروم رھجي ويو سو بہ اچي سوڙيو ۽ تہ تہ چئي ڏنائين تہ ٻلو ڪرڻ

ٻڌندو. صاحبن فرمايو ڇڱو ياني ڪڇون سوون ۽ ٻڪين جي اڳهه لي وڪامي ويندا يون. مطلب ته صاحبن پنهنجي پياري جو واڪ رد نه ڪيو.

پوءِ فرمايائون ته مڪتي چئن پرڪارن جي آهي، سامپيپ سايوج، ساڪار ۽ سالوڪ ۽ سنسار ۾ چار پدارٿ آهن، ڌرم ارٿ، ڪام ۽ موڪش پر سنت انهن مان ڪنهن جي ۾ اڇا نه رکندا آهن، جيئن پلٽو صاحب به فرمايو آهي:

”سنت نه مانگين مڪت ڪو، نهين پدارٿ چار.“

١١ جولاءِ

ڪلهه مهاتما چندداس جي ٻاٽيءَ مان ٽوچا (ڇهن جي اندري) جو انگ ڪنيو ويو. جنهن ۾ هن لکيو آهي ته انهيءَ اندريءَ جي لذت کي ڇڏڻ ڪٺن آهي ڇاڪاڻ جو انهيءَ جي جڙ ڪام آهي. من ڪڏهن هڪ رس ۾ نٿو رهي ۽ سدائين پيو بدلجي. ڪڏهن نيڪي ته ڪڏهن بدي، ڪڏهن غمي ته ڪڏهن خوشي ۽ ڪڏهن لب لالچ ته ڪڏهن ڪام ڪروڌ ۽ اهنڪار ۾ مطلب ته سدائين پيو رنگ بدلي. چنچل من کي صرف اپياس دوارا ئي استر رکي سگهجي ٿو ۽ جيسين روحاني منڊلن جو آنند من کي نه مليو آهي تيسين دنيا جي سوادن ۾ پيو بار بار ڪرندو.

ڪلهه گجرات جي هڪ ستسنگڻ جي چٺي آئي جنهن ۾ هن لکيو هو ته هڪ ستسنگيءَ چولي ڇڏڻ کان اڳ سڀني ستسنگين کي گهرائي کين الوداع ڪندي چيو ته ستگورو اچي ويا آهن هاڻ منهنجي تياري آهي.

اڄ شام جو هڪ شبد گرنٿ صاحب مان ۽ هڪ شبد سار ٻچن مان ڪنيو ويو. جناذاري مهاتما به ستسنگ ۾ آيو جنهن چيو ته مهاتما چئن قسمن جا ٿيندا آهن، ريک، پيک، ديک ۽ ليمت. پهريائين اهي جن جي ڌر مستڪ ۾ سيڪنڊ

ٻه-ڇڻ لکيل آهي. ٻيا پيڪداري جهڙوڪ اداسي سنياسي
وغيره. تيان جي گرهستي آشرم کي ڇڏي در در ڀيا ڀيک
مڱن ۽ چوڻان اهي جي پيٽ ڀري ليٽي پون.

حضورجن ڳالهه ٻولهه ڪندي فرمايو:

”ڏک سک کهڻي متر پاس، روڳ وتبد کي پاس ۽
دشمن پاس گرجيئي، اسدرن آوي راس.“

١٣ جولاءِ

اڄ شام جي ستسنگ کان پوءِ جناڌاري ساڌوءَ پڇيو ته موت جي وقت جو ڪيترن ماڻهن کي اکين مان لڙڪ وهي ايندا آهن يا ڪن کي پاڻخانو اچي ويندو آهي؟ حضورجن جواب ڏنو ته جڏهن ڪال آتما کي موت وقت ڇباڙي ٿو ته خوف سبب اهي حالتون پيدا ٿينديون آهن. ڪال هرروز سڀا لک جيو کائيندو آهي.

”جگمن چبينا ڪال ڪا ڪڇ مک مين ڪڇ گود.“

ستگورن فرمايو ته سڀ جيو جنتو ۽ جانور مري ڪال جي منهن ۾ ويندا آهن.

شام جو سير کان پوءِ حضورجن ورانڊي ۾ ڪرسيءَ تي اچي ويٺا ۽ گيتا جو ذڪر آيو. حضورجن فرمايو ته گيتا جنهن اهو اپديش ته ٻهي لبترن جي وچ ۾ ڏنيان جمايو، انهيءَ تي ته ڪير به عمل ڪونه ڪري. انهيءَ ساڌنا ڪرڻ سان اکين جا رنگ، تارا سج وغيره ڏسڻ ۾ ايندا. شروع شروع ۾ سنت مت جو به اهوئي اپديش آهي.

١٥ جولاءِ

ڪلهه شام جو حضوري باڙيءَ مان ساوڻ جو مهر ٻرهيو ويو جنهن ۾ ستسنگيءَ ۽ ٻي ستسنگيءَ جي موت ۾ اهو فرق ٻڌايو ويو آهي ته ستسنگي موت جي وقت گوروءَ سان وڃي ٿو ۽ ٻي ستسنگي جمدوتن سان.

صبوح جو سير وقت هڪ سردار صاحب پنهنجون سنساري ڳالهيون سنگورن سان ڪندو رهيو. جڏهن هو هليو ويو تڏهن هڪ سنسنگيءَ شڪايت ڪئي ته ڪهڙو نه عجيب ماڻهو هو جو پرمارٿ جي، نه ڪا هڪ ڳالهه به ڪانه ڪيائين رڳو دنيوي جهنجهٽ ڪٺي آيو هو. حضور جن فرمايو ته نيڪ آهي پر هنکي نه فائدو ٿي ويو.

١٩ جولاءِ

شام جو ٦½ بجي گورو گرنٿ صاحب مان،

”جهان ديکان تهان دين ديالا.“

پڙهيو ويو جنهن جو مختصر مطلب هي آهي ته جيستائين اسين پرماتما کي پنهنجي اندر نه ڏسنداسين ليستائين اسانجو اهو چوڻ ته پرماتما حاضر ناظر آهي اي معني آهي. پرماتما گپت روپ ۾ هرهڪ انسان جي اندر موجود آهي پر تنهن هوندي هن کان الڳ به آهي. هاڻي سوال آهي ته پرماتما آهي ڇا؟ پرماتما اها نرمل جوت آهي جا سڄي ڪائنات کي زندگي ٿي بخشي ۽ هو شبد روپ ۾ هرهڪ جي اندر موجود آهي، جنهنکي پڌي آتما مڪتي حاصل ڪري سگهي ٿي.

”شبد وسال رسن رس رسنا.“

يعني شبد ۾ اهڙو مناس ۽ لذت آهي جو زبان انکي بيان نٿي ڪري سگهي. اهو شبد پنجن پرڪارن جو آهي ۽ جيڪو پنجن شبدن جي ڪمائي ڪري ٿو تنهنجو دنيا جي پوڳ ولاس ڏانهن ڌيان نٿو وڃي.

٢٠ جولاءِ

اڄ ٥ سانوڻ آهي ۽ ٻلسي صاحب جي رتن ساگر مان ٻاڻي پڙهي وئي جنهن ۾ موت جي وقت آتما ڪيئن ٿي نڪري

جنهن جو مدار سندي زندگيءَ جي ڪرمن تي هوندو آهي. جيڪڏهن ستسنگي گوروءَ جي ياد پلجي ويندو ۽ هن جو رخ ڪابي طرف تي ويندو جتي ڪال هن جي لاءِ انتظار ۾ ويٺل هوندو آهي. پر عام طرح ستسنگي ڪابي طرف وڃي ڀٽڪان اڳ ۾ گورو هڪڙي سڃالي وٺندو آهي ۽ پوءِ آتما گوروءَ جي ٻڌائيل هلندي آهي. حضور جن فرمايو ته اهو نظارو ڏسڻ جهڙو آهي. جيڪڏهن آتما جي رغبت دنيا ڏانهن هوندي ته پوءِ متين مقدمن ۾ ڪيئن وڃي سگهندي؟ جي لاچار رهت هوندي ته متي اڏامندي ويندي پر ڪيترو متي ويندي انهيءَ جو مدار سندس پريم، پريت، شوق ۽ ڪرمن تي منحصر آهي.

شام جو سير ڪندي حضور جن فرمايو ته جي ماڻهو خودڪشي ڪن ٿا سي سڌو نرڪن ۾ وڃن ٿا. جيڪڏهن پورو گورو نٿو ملي ته پوءِ ڪال جي مهاجار مان نڪرڻ ناممڪن آهي. هيٺين درجن جو گورو پنهنجي شيوڪ کي موت وقت صرف اوستائين وٺي وڃي سگهيتو جيستائين هن جي پنهنجي رسائي آهي. آخر ٻنهي کي واپس جنم مرڻ ۾ اچڻو پوي ٿو.

٢١ جولاءِ

رلن ساگر مان ڪلهه وارو پرسنگ پورو ڪيو ويو جنهن ۾ پنهنجي شيوڪ هردي جي سوال جو جواب ڏيندي تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ته آتما ست نام جي انس آهي ۽ ست پرش هڪڙي برهم جي حوالي ڪيو آهي. برهم کي فقط ٽي شڪتيون آهن، سرشٽيءَ کي پيدا ڪرڻ، پالڻ ۽ ناس ڪرڻ. ماڻهو انهيءَ برهم کي ئي خدا، پرميشور، ترلوڪي ناٿ ۽ ڀڳوان سمجهن ٿا ۽ ست پرش جو پتو ڪنهن

كي آهيٽي ڪوڙا چاڪاڻ ته اوهرانا لوڙڪي لاٽ اڻا. ڳالهه
چاهيئي ته ڪوڙ نه ماڻهن کي انهيءَ جو پتو پوي. جي جيون کي
سڻي پرش ڏنا ان جو پتو پوي، وڃي ته پوءِ هو ڪال جيسي
ڏيڻن کي چلڻي سڀ لوڪ هليا ويندا ۽ هيڄو ڏيس اجڙجي
ويندو. انهيءَ ڪري سڀ جي سڻي پرش جا اوتار آهن
انهن جو مقصد ازهر جي ذهن اوتارن کان الڪل نيارو آهي
سڀ آتمائن کي هن دنيا مان ڪڍي ڇڏي نج ڌام پهچائڻ واسطي
اچن ٿا ۽ لوڙڪي لاٽ جا اوتار هن دنيا جي مريادا ۽ رسمن
۽ قانونن کي سڌارڻ واسطي اچن ٿا. انهيءَ لاءِ ته هن دنيا
جا باشندا هن دنيا سان پيدا ويندا هجن.

ان کان پوءِ للسي صاحب جن فرمائين ٿا ته پڏي شرير ۾
رهيئي ۽ ڪرمن مطابق پنجي لي حصن جا اڳين جنمن جا
جوڙا سنسڪار آهن اهڙي هيجي پڏي ٺهي ٿي. جبر پڏيءَ
جي اڏ ين آهي ٻر موبه وقت گهبراهٽ ڪارڻ پڏي منجهي
ٿي پوي. جڏهن آتما سمجهي مستڪ ۾ اچيٿي تڏهن ڪال
هيڪي پڏيءَ جي زور اثر آئي ٿو.

انسان ڪئين دفعا ڏٺو آهي ته بعضي وقت جڏهن لعنه
مسان اوچتو حاڳيو آهي ته ڪجهه وقت انسان کي خبر ٿي
نه هوندي آهي ته اسين ڪٿي آهيون، وقت گهڻو ٿيو آهي
وغيره. سبب اهو آهي ته آتما پهرين جاڳي ۽ پڏي پوئتي
رهجي وڃي. جڏهن ڪري حافظو نه رهيو. پوءِ آهستي
آهستي جڏهن پڏي جاڳي ٿي ته سڀ ڪا ڳالهه ياد اچي
وڃي ٿي. اهڙي طرح موبه کان پوءِ جڏهن آتما آڪاش
منڊل ۾ وڃي ٿي ۽ پڏيءَ جو ان تي اثر ٿئي ٿو ته ان سان
گڏوگڏ سچي حياليءَ جي ڪرمن جو اثر نه ٿئي ٿو. انهن
ڪرمن الوسار پراڻيءَ ۾ سڏڪلپ يعني ارادو پيدا ٿئي ٿو؛
جيڪا هن جو پڌهنجي ارن اهڙن سان موهه آهي ته انهن

جو خيال ايندس ته هو مون کان سواء وياکل ٿيندا هوندا،
مون کي انهن وٽ وڃڻ کپي. نتيجو اهو ٿيندو ته ڪنهن نه
ڪنهن شڪل ۾ انهيءَ ئي گهر ۾ پيدا ٿيندو. گويا آشا ترشنا
جي وس ٿي ٻڌي ٻڌي ماڻهن اي ٻوڙي ئي ۽ دنيوي سنڪلپ
پيدا ڪري ٿي. انهيءَ وقت ڇٽي طرف اندرو هرنـدو
آهي ۽ ڪو رستو نظر نه ايندو آهي. ڪال اشت دل ڪنول
جي پنکڙيءَ مان جيو آتما کي آواز ڏيندو آهي ته هيڏانهن
اچ. جڏهن انهيءَ آواز جي پوئواري وڃي ٿي ته سڌو وڃو ڪال
جي منهن ۾ پوي. حراس وڃان جيو روئيو ڏئي ۽ سنڌس
مل موٽ وهيو وڃي. پر انهيءَ وقت هو شرير ۾ واپس اچي
پنهنجو حال ڪنهن سان اوري نٿو سگهي. انهيءَ سنڪت
ويلي سنت ئي سهائتا ڪري سگهن ٿا.

تلسي صاحب جن لکن ٿا ته جيڪي پوءِ نرڪن ۾ وڃي
وڃنثا. جن مان ٽن جو هو ذڪر ڪن ٿا. اگن ڪنڀ، ڪنڀي
نرڪ ۽ گهور نرڪ. جن ۾ جيون کي جڳن تائين ساڙين ٿا.
هتان چرنڪاري ياتنا جا ٻه طريقا آهن. پوربرن يا ته پنهنجي
سزا جو معياد پورو ڪري يا ڪو سنت ستگورو اچي ڪڍي.
انهيءَ کان پوءِ ڪرمن الوسار چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڦرڻو
پوي ٿو.

٢٣ جولاءِ

سياڻي حضور جن جو جنم ڏن هتي ٻلهاسيءَ ۾ ملهايو
ويندو. قريب ٥٠ خاص مهمانن کي پوڄ لاءِ ٿوٽو ويو آهي
۽ ستسنگين کي پوڄن ڪارڊ جو پربند ڪيل آهي. اڄ انهيءَ
السو لاءِ تياريون پئي ٿيون.

شام جو ستو ڪندي ستگورن فرمايو ته چئن شاسترن مان
ڪنهن هڪ ۾ ٻه مورتي پوڄا جو ذڪر ڪونه ٿيل آهي.
پوري سنت جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت سؤ سال جي

سان پيار ڪرڻ ڳوهجي ته نه دليا جو مرهم. هنڪي آواگون جي چڪر ۾ ڦاسائيندو. سنساري ڪم نه ڪنهن جا سڀ پورا ٿيندا ٿي ڪراهن ۽ موت وقت جيڪڏهن باقي رهيل ڪمن جو افسوس دل ۾ رهجي ويو ته انهن کي پوري ڪرڻ لاءِ وري جنم وٺڻو پوندو.

٣١ جولاءِ

شام جو

”هرڪي ڪتا ڪهاڻيان گرميت سناتيان“

شبد گرنٿ صاحب مان ڪڍيو ويو. حضور جن خان خانان جي وارتا ٻڌائي ۽ فرمايو ته هو هڪ مسلمان مهاتما هو ۽ گرو ارجن ديو صاحب جن سان تمام گهڻي پريم ۽ عزت سان گڏجندو هو. ساڳيءَ طرح گرو ارجن ديو مهاراج جن ۽ ميان ميرَ جي پاڻ ۾ مترتا هئي جاڪاڻ ته سنت پورا ڪئي هو ڪنهن به ذات يا ڌرم جا هجن، پاڻ ۾ پيار ڪندا آهن.

ساڌ سنگت جي مهما بيان ڪندي ستگورن هڪ وارتا ٻڌائي ته هڪ شاهوڪار جو دستور هو ته هو پنهنجي آسامين کان وياج مٿان وياج چاڙهي وٺندو هو. هڪ ڏينهن هو هڪ ڳوٺ ۾ ليکي چوکي لاهڻ لاءِ هڪ زميندار جي گهر ويو. هن زميندار جا سڀ ٻڪا پورا ۽ سڀ اناج وياج ۾ ڪيا. زميندار ويچاري گهڻوئي ليلاڻ پر شاهوڪار هڪ به ڪان ٻڌس. زميندار به دل ۾ چيو، ”چڱو سيٺ، مرڻکي به ڏسڻو آهي ته تنهنجو بسترو ڪير لوڪٿي هلي.“ سيٺ هيڏانهن هوڏانهن مزور ڳوليو جاڪاڻ ته شاهوڪار جي سخت روش ڪري زميندار هنکي مزور آڻي نه ڏنو. پلا ڳولن ۾ مزور ڪٿان اچن! پسي ڪڻو ڪان هڪ ساڌوءَ پڇن وٺي ڪيو جنهن چيس ته مان تنهنجو بسترو کڻي هلندس پر انهيءَ شرط سان ته رستي

ٽي پا تون پرماتما جي چرچا ڪندو هلندين پيا مان ڪندو هلندس ۽ تون ٻڌندو هلندين. سيٺ سوچيو ته اها ڪهڙي اوکي ڳالهه آهي. پلي هيءَ ٻڌائيندو هلي مان هان هان ڪندو رهندس. مهاتما هن جو ٻسترو کنيو ۽ هري چرچا ڪندو هليو. جڏهن سيٺ جي ڳوٺ پهتا ته سادوءَ چيس، "سيٺ صاحب، هاڻ مان هلان ٿو." سادوءَ سوچيو ته هنکي ڪجهه اشارو ڏيان جنهن مان هو ڪنهن وقت سمجهي ته ٻراٻر ڪو ڪمائيءَ وارو سادو گڏيو هوم. سو سادوءَ چيس، "هيٺرن ڏينهن کانپوءِ توهنجو موت ٿيندو. توهنجي ساري زندگيءَ ۾ هن هڪ ڪلاڪ کانسواءِ جنهن ۾ تو هري چرچا ٻڌي آهي، ٻيو ڪو به سريشٽ ڪرم ڪونهي. جڏهن جمدوت توکي پڪڙيندا ته توکان پڇندا ته هن ڪلاڪ جي ستسنگ جو ڦل توکي پهرين کپي کپن پوءِ. تون هڪدم چئج، پهرين ۽ اهو ڦل گهرجانءِ ته مونکي انهيءَ مهاتما جو درشن ڪرايو. پوءِ جيڪي ٿيندو سو تون پاڻ ڏسندين." واقعي هنجو موت ٿيو ۽ جمدوت سيٺ کي پڪڙي ڌرمراءِ وٽ وٺي ويا. ڌرمراءِ چترگپت کي چيو ته هنجو ليکو جاچيو ته ڪو شڀ ڪرم ڪيو اٿس. هنن جاچي جواب ڏنو ته هڪ ڪمائيءَ واري مهاتما جو هن صرف هڪ ڪلاڪ ستسنگ ٻڌو آهي. ڌرمراءِ پڇيس ته انهيءَ شڀ ڪرم جو ڦل پهرين کپيئي يا پوءِ؟ شاهوڪار چيو ته پهرين. ۽ اهو ته جتي اهو مهاتما هجي مونکي اتي وٺي هلو.

ظاهري مهاتمائن جو سرير هن دنيا ۾ موجود هوندو آهي پر سندن آتما متي کنڊن ۽ برهمنڊن ۾ پرواز ڪندي آهي. جمدوت سيٺ کي مهاتما وٽ وٺي ويا. مهاتما چيس، "پائي! اچي وڃين." جواب ڏنائين، "سڀ توهانجي ڪرپا آهي، پر جمدوت ٻاهر بيٺا آهن." جتي مالڪ جو پيچن سمرن ٿيندو

آهي اهي جمعيت نه اچي سگهندا آهن. شاهوڪار ڪي الڳ وڃي
ڪانهي ڏاڍ اچي ويٺي ۽ هيٺين هڪ ڪلاڪ جي ستسنگ جو
ڦل ختم ٿي ويو. جمعيتن ٻاهر ٻيهي هڪڙي گهڙيءَ سڀ ۽
واڪا ڪيا پر هي ٻاهر نه نڪتو. جمعيت ويچارا مجبور
ٿي ويا ۽ وڃي ڏومراءِ کي شڪايت ڪيائون ته هو نه
ٻاهر نڪرندي ڪونه ٿو. ڏومراءِ چيو:-

"جهڙا ساڌو گوبند پڇن تا الڪ جس لبي،
نه لون نه هون ڇٽي نڪتي نه جا ۾ ميس."

ارڏانيه جتي ساڌو مهاتما سدائين گوبند جا گڻ ڳائين ٿا
اتي نه لوهانڪي دخل آهي نه مولڪي. اهڙيءَ ڪري سيٺ
کي واپس اٿڻ جو خيال لاهي ڇڏيو. سو ڪمائيءَ واري
ساڌوءَ جي هڪ گهڙيءَ جي صحبت سڀ ڪان سرانئت
ڪرم آهي.

اهڙيءَ ڪاڻوءَ ستگورن فرمايو ته اسين دنيا جا جيو ڪهڙا
نه اڇيس ۽ غافل آهيون! جڏهن ڪنهن ٻئي شهر ڏانهن وڃڻو
هوندو آهي ته پورين سفر جي تياري ڪندا آهيون ۽ جنهن
شهر ۾ وڃڻو هوندو آهي اتي رهڻ لاءِ سراءِ يا هوٽل جو انتظار
به ڪندا آهيون پر اسان ڪي پرلوڪ جي يالرا جي ڪا به چنتا
ڪانهي. جيئن گورو صاحب فرمايو آهي:-

"جو گهر ڇڏ گنواونا، سو لاڳا من ماهين؛
جس گهر اند ورنا، تس ڪي چنتا ناهين."

۱ آگسٽ ۱۹۳۳

صبح جو ۹ بجي ستسنگ شروع ٿيو جنهن ۾ تقريبن
۴۰ هزار ماڻهو حاضر هئا. جن ته آدمين جو سمنڊ ٿي لڳو پر
ٿهن هولدي به بلڪل سانت لڳي پيئي هئي جنهن مان
ظاهر ٿيندو ته هر طبقي جي ڳالهين ۽ مڙڻن کي ستسنگ جو

شرق آهي. حضور جن کي انهيءَ ڳالهه جي خوشي آهي ته لرڪ شراب ماس ڇڏي ڌرم ڏي لاڙو ڏيکاري رهيا آهن. حضور جن جي اوچي اپديش ڪارڻ ستسنگت ڏينهن ٻديڻ وڌي رهي آهي. هن مهيني هزار جيون کي نام دان مليو آهي.

”شبد ٻنا سارا جڳ انڌا“

جو ارٿ ڪندي داتا جن فرمايو ته شبد ابياس کانسواءِ عقل ۽ چترائي ۽ ٻيا سڀ سادن فضول آهن. دنيا ۾ عقلمند، خوش قسمت ۽ آبرودار اهوئي آهي جو پوري گورو کان نام وٺي انتر مک ابياس ڪري پنهنجي آتما کي شبد سان جوڙي ٿو. انهيءَ کانسواءِ ٻيو سڀ ڪرم ڌرم ڪال جي ڄار جو حصو آهي ۽ انت سمي جمدوتن جي هٿان ايمان لٽيو. گرنٿ صاحب ۾ به آيو آهي ته:

”بن نامي ڪيسي پت ٿيري“

اڄ ڪلهه مالڪ جي وڏي ڪرپا آهي جو نه صرف ستسنگين جي انت ويلي سهايتا ٿيندي آهي بلڪ ٻاهمي شيوڪن جي وابستن عزيزن جي به. هر روز مختلف شهرن مان اهڙي قسم جون چٺيون اچن ٿيون. خليفي نعمتراءِ لاهور جي وڪيل ٻڌايو ته پروفيسر گلشن راءِ کي حضور جن موت وقت درشن ڏنو حالانڪ هو پاڻ ستسنگي نه هو، صرف سندس زال کي نام مليل هو. ستگورو فرمايو ته رواجي پگٿن جون ۳ پيڙهيون، ٻاهمي پگٿن جون ۷ پيڙهيون ۽ سنتن جا ۱۰۱ ڪل ترن ٿا.

۲ آگسٽ

صبح کانوٺي شام جو ۴ بجي تائين داتا جن ڪڇ ڪرڻ ڪاڏو ۽ نام دان ڏيڻ ۾ مشغول رهيا. فرمايائون ته جڏهن هين ٻالڪن (نام وٺندڙن) ڪڇ ڪرڻ ڪاڏو آهي ته مان ڪيئن ڪان! حضور جن جيون جي ڀلي لاءِ ٻيا ڪهڙن ڏيکاءَ جي

سخت جفاڪشي ولي رهيا آهن. مدارن، سماجڪ سڌارڪن،
ودوانن ۽ ڏاڍي پرشن جي پر اُپڪار ڀاؤ اسانکي ٻوجھ
آهي پر سنتن جي چپ چاپ ۽ ڏاڍي شوا کان اسين
بي خبر آهيون.

٣ آگسٽ

شام جو ٦ اڳي ستسنگ ٿيو. حضور جن فرمايو ته ستسنگ
وئراڳ پيدا ڪريٿو ۽ سنساري بندن ڍلا ڪريٿو. سمرن
ڪرڻ سان من ايڪاگر ٿيٿو ۽ ڏيري ڏيري چيتن ستا شرير
مان هٽي ٽيتون ۾ ڪٺي ٿيٿي.

باب ڏهون

ڊلهائوسيءَ جو دؤرو

٦ آگسٽ ١٩٤٣ع

صبح جو ٥ بجي ڊلهائوسيءَ لاءِ روانا ٿياسين ۽ منجهند ڌاري اتي پهچي وياسين. سفر جي ٿڪاوٽ ۽ آب هوا جي تبديليءَ جو خيال نه ڪري، حضور جن ڊلهائوسيءَ ۾ ستسنگ ڪيو. جنهن ڪان پوءِ پنهنجي ڪمري ۾ آرام واسطي هليا ويا.

٨ آگسٽ

ڪله گرانٽ صاحب مان هڪ ڏکيو شبد ڪنيو ويو جنهن ۾ اندرئين روحاني سفر ڪي ڏاڍا سنا مثال ڏيئي سمجهايو ويو. اڄ شام جو سردار بهادر جن ۽ ٻيا ڪي پروفيسر آيا ۽ شام جو $8\frac{1}{2}$ لائين ستسنگ ٿيندو رهيو. ستگورن فرمايو:

”چتر چپ ڪر رهي، چتر ڪي اهي پهچاني،
چتر چپ ڪر رهي سيا بيگانسي جاني،
چتر چپ ڪر رهي جب هونسي اڪيلا،
چتر چپ ڪر رهي گورو ڪي آگي چيلا.“

پوءِ انتظام بابت ڳالهه ٻولهه ڪندي حضور جن هڪ مزيدار ڪهاڻي ٻڌائي ته هڪ ڏاڍي چالاڪ عورت عمدا وستر پائي راجا جي محل ۾ ويئي ۽ دربانن کي چيائين ته مان ٻواجي (ڀڦي) آهيان. هنن ويچارن جي همت نه ٿي جو ڪنهن ڀڦيءَ کي روڪين. راڻيءَ سمجهيو ته راجا جي ڀڦي

هوندي ۽ راڄا سچپچ ۽ رائيءَ جي پٽي هوندي. هن جي
خوب خاطرداري ليءِ لڳي ۽ اتي ڪجهه سال خوب موجون
ڪيائين. هڪ ڀيري ڪبراڻ لياڙ آهن ته منگلو مري ويو
اهو ٻڌي راڄا ليءِ انوسار منگلوءَ جو ڪريا ڪرم ڪرايو
وڏيو ٻيا ڳالها ڪئي ته منگلو هو ڪير؟ نيٺ براڄيءَ مان
تي پتو پيو ته منگلو سندس ڳڏهه هو.

٩ آگسٽ

شام جو

"ڪايا ڪامڻ الي سرائيو،
پروسي جس تسالي."

شبد ڪيو ويو. ان شبد ۾ گرو صاحب فرمائين ٿا ته پرماتما
۽ آتما ٻئي انسان جي ڪايا ۾ رهن ٿا يا ڇڄي ڪٺي ته پتي
۽ استري ٻئي هڪ ئي سيج تي براجمان آهن ۽ جڳ گذاري
ويا آهن جو استريءَ جو پتيءَ سان ميلاپ ڪي نه ٿيو آهي.
ستگرو فرمايو ته انسان پنهنجو قدر نٿو ڄاڻي. دراصل آتما
پرماتما جي انس آهي ۽ جڏهن ان ۾ پرچو ٿيو ته آتما ڪان من
۽ مايا جا سڀ پڙدا ٿي وڃن ٿا ڪڏهن سندس وشيي ١٢
سڃي سڌيري ٿو ڀٽڪي ۽ آتيءَ اوستا کي هٿ ڪئي چڪيو.
ستگرو فرمايو ته دنيوي لوڪ مهاتمائن ڪان سنساري
پناهه ڪيڙا ڪيءِ جو لڪ ناهي. اهڙن ڪامل فقيرن ڪان
انتوسن وڃي سڀ جو رستو ۽ ان ڪي ڪٺ ڪرڻ ۾ مدد
ڪيونڌا ڪئي. سنساري جيون جو اهو حال آهي جو هو دنيا
۾ پيدا ٿين ٿا، دنيا کي ڀوڳين ٿا ۽ انهن جو سڄو موهه جاڪالي
نه دنيا سان رهي ٿو، انهيءَ ڪري هو وري دنيا ۾ پيدا
ٿين ٿا.
هڪ ستسنگيءَ حضور جن کي عرض ڪيو ته من کي گهٽي

ڪم ڪار سبب ستسنگ ۾ اچڻ جي فرصت ڪانه ٿي ملي. ستگورن
فرمايو ته دنيا جا ڪم ڪار اهڙا ته ڪڏهن ختم ٿيڻ جا نه آهن.

"ڪار دنيا ڪبهي تمام نه ڪرد"

"ڌنڌا ڪبي نه جيتا سڀ ڌنڌي جتي."

ستسنگيءَ کي جڳائي ته دنيوي ڪاروبار سرانجام ڪندي
ستسنگ ۾ اچڻ لاءِ وقت ضرور ڪڍي. هڪڙو سوار پنهنجي
گهوڙي کي کوهه تي پاڻي پيارڻ لاءِ وٺي ويو. کوهه
تي نار هليو پئي جنهن مان "چين چين" جو آواز پئي نڪتو،
جنهن کي ٻڌي گهوڙو ڇرڪي ٻري هٽي ٿي ويو. هاڻي
جي انهيءَ آواز کي بند ڪرڻ لاءِ نار کي روڪجي ته پاڻي
اچڻ ۾ بند ٿو ٿي وڃي. سو گهوڙي سوار کي زبردستي
انهيءَ "چين چين" جي آواز هلندي گهوڙي کي پاڻي پيارڻو
پيو. اهڙي طرح دنيا جي مشغولين هوندي ڀڄن بندگيءَ
لاءِ وقت ڪڍڻ گهرجي.

شام جو سار بچن مان سرت سمباد پڙهيو ويو جنهن جو
سار اهو آهي ته شروع شروع ۾ سڀ آتمائون ڪل مالڪ ۾
لين هيون ۽ جڏهن سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي ويئي ته جيڪي
آتمائون ترلوڪيءَ جي اندر آهن سي سڀ ڪال کي سپرد
ڪيون ويون ڇاڪاڻ ته چيتن مصالح کان سواءِ ڪال جي ٻي
جڙ رچنا (پهاڙ، درياهه، زمين، وڻ ٽڻ وغيره) ويران
پيئي هئي. ڪال سيڌي آتمائن کي اهڙي چالاڪيءَ سان
تن، من ۽ ڪرمن ۾ جڪڙي رکيو آهي جو انهن مان ڪاهه
آتما ديال ديش واپس نه وڃي سگهي. ڪال سڀني کي
پنهنجي پڪڙ ۾ لڳايو آهي جيئن اصلي ڪل مالڪ جي
ڪنهن کي پروڙ ئي نه پوي. صرف ستن ئي اچي جيون
کي ديال جو پيغام ڏنو آهي.

سرت سمباد ۾ ذڪر آهي ته وقت گوروءَ جي سهايتا ۽

سرت شبد جي اڀياس ٻنا هن ڌرتيءَ مان اڄاڻ ڀلائي
ناممڪن آهي. ٻاهي ڪرم ڌرم ٻوڙا اهاڙون، دان پن، تيرٿ
ورت ڌاران ڇوراسيءَ مان ڇوٽڪارو نه ٿيندو. ايڪ ڪرمن
جو ڦل ڪال ڀڳوان ضرور ڏيندو ۽ ڪرتا ڪي سچ شاهوڪار،
راجا مهاراجا يا عالم فاضل ٿاليندو پاڪ سرڳ ۽ بهشت ۾
ڏيندو پر ٻهندي ڦاٿي کان ٻاهر اڪرڻ نه ڏئي. صرف
سنت ستگورو ئي جيو کي ڪال جي قيدي مان ڇڏائي نج
گهر پهچائي سگهندا.

سرت شبد جي آخري حصي ۾ سوامي جي مهاراج جن
پنجن ئي روحاني منزلن جو ذڪر ڪيو آهي. حضور جن
فرمايو ته انهن منڊلن ۾ جيڪي آتمائون رهن ٿيون سي پهرين
منڊلن کي جنڊي سگهنديون ۽ اتي نئين وڃي سگهن ٿيون ڇاڪاڻ
ته اهي آتمائون انهن ديشن جي آباديءَ واسطي آهن. ها
جن آتمائن کي هتي سنت ستگورو شبد جو ڀيد بخشي ٿو سي
اتيءَ ڦالڻ پهچڻ جون حقدار آهن.

١٥ آگسٽ

اڄ صبح جو جيئن راءِ صاحب ۽ سنڌس سيڪريٽري ڊلهائوسيءَ
تان واپس گهوڙن تي وڃي رهيا هئا ته پنج ڀائي کان
اروان راءِ صاحب جي گهوڙي جو پير کسڪي ويو ۽ پاڻ گهوڙي
تان ڪاهي اچانڪ ڪري پيو. ستگورو جي انوکي ديا مهر
سان ڪاهيءَ ۾ ڪرڻ کان بچي ويو ۽ صرف ٻانهن تي معمولي
ڌڪ لڳس جي اميد ته ٢-٤ ڏينهن ۾ ٺيڪ ٿي ويندا.
حضور جن جي ڪرپا جو ذڪر ڪرڻ نه ضروري آهي.
جيئن راءِ صاحب ٩ بجي روانا ٿيا، حضور جن ۾ لاري ڏي پو
ڪالوره سير ڪرڻ لڳا. آسمان ۾ بادل بلڪل ڪونه هئا پر
حضور جن ڪجهه قدم هلي واپس موٽي آيا ۽ غسلخاني ۾ هليا
ويا. اسان سمجهيو ته شايد پيٽ ۾ ڪا گڙبڙ آهي. غسلخاني

مان نڪري گهمڻ جو خيال لاهي ڇڏيائون ۽ وڃي پلنگ ۾ ويٺا . ڏيري ڏيري ڪيترائي ستسنگي نيم انوسار اچي درشن لاءِ ڪنا ٿيا پر حضور جن ١٢ بجي تائين پلنگ ۾ ويٺا رهيا . انهيءَ ڪاڻ ۽ سنگت کي پنهنجي ڪمري ۾ گهرايائون ۽ درشن ڏيئي سيني کي واپس وڃڻ لاءِ چيائون . اٿري ۾ راءِ صاحب زخمي حالت ۾ اچي پهتو . ستگورن ٢ بجي پورچ ڪيو ۽ شام جو فرمايائون ته ماڪسوريءَ مان ڪنڌو ڪيو آهي . شل حضور جن سيني تي اهڙي دیا ڪن .

اڄ آرتسوار هئڻ سبب سنگت گهڻي هئي . حضور جن گرنٿ صاحب مان

” دنيا نه سالاهي جو مر وڃسي “

شبد جي وياکيا ڪندي فرمايو ته گرنٿ صاحب جي فيلسوفي نهايت اوچي آهي ڇاڪاڻ ته مت متانترن جي ڀيٽ ۾ ان کان نياري آهي . وڌيڪ فرمايائون ته ڪرمن جو قانون نهايت پيچيدو آهي . ڪن ستسنگين کي بعضي ڪي ڪرم صرف سپني ۾ ٿي ڀوڳايا ويندا آهن . ڪرمن جو قرض هڪ ديال جو آهي ۽ ٻيو ڪال جو . ديال جو قرض ته ستگر معاف ڪري ڇڏيندا آهن پر ڪال جو قرض ضرور ڏيڻو پوندو آهي .

١٦ آگسٽ

شام جو حضوري باغيچي مان

” گورو گورو مين هردي ڌرلي . “

شبد ڪنيو ويو . ستگورن فرمايو ته سنت مت ۾ اول ۽ آخر يعني سڀ ڪجهه گورو آهي . داناجن اڄ ڪلهه خوب پڙهن ڪن ٿا ۽ قريب سڄو وقت پڙهن کي ڏين ٿا . ستسنگين وٽان جيڪي چٺيون اچن ٿيون انهن کي پڙهڻ سان انداز لڳي سگهيٿو ته دنيا ۾ ڪيترو نه دک ۽ ڪليش آهي .

١٧ آگسٽ

اڄ شام جو گهمڻ واماڻ مان سمباد ڪيو ويو جنهن ۾ پريم لال جي پرشن جي اُتر ۾ للسي صاحب جن فرمائين ٿا ته گورو ٽن قسمن جا ٿيندا آهن - سمبه گورو، ٻيا ديال گورو ۽ ديهه ڌاري ۽ ڪرم گورو. جڳت گوروءَ جو هڪ ڏاڍيو رشتو آهي ۽ جڳت گورو پاڻ ڪرمن جي دائري ۾ قائل آهي سو شش کي مڪتي ڪيئن ڏئي سگهندو؟ ديال گورو اهو آهي ڌاڻري کان مٿي آهي ۽ هنجو اصلي سروپ شبد آهي. اهڙي گوروءَ جي دوارا ئي شش جو ڪارج سڌ ٿيندو.

١٩ آگسٽ

ڪلهه وارو پرسنگ جاري رهيو. پريم لال عرض ڪيو ته مان ڪرشن جو اپاسڪ آهيان ۽ ڪنهن کي به ناڪرن جي سامگري ۽ يوگ کي هٿ لائڻ نه ڏيندو آهيان ته مٿان اهي اپوتر ٿي پون. للسي صاحب جن ڪيس اُپديش ڪيو ته تون جنهن کي ته پرماتما سرووياپي ۽ سرو شڪتيمان آهي ۽ سڀني اندر اهو موجود آهي. تون انهيءَ پرماتما کي مورتيءَ کان الڳ ۽ گهٽ ٿو سمجهين. تون چوين ٿو ته تون ڪنهن کي به ناڪرن جي يوگ آديءَ کي ڇهڻ نه ڏيندو آهين. تنهنجي معنيٰ ته مورتي پوتر آهي ۽ انسان اپوتر. اها تنهنجي هڪ وڏي غلطي آهي جو تون چيتن کان جڙ کي وڌيڪ سمان ٿو ڏين. انسان ۾ پنج تت آهن ۽ مورتيءَ ۾ صرف هڪڙو. ويدن شاسترن ۾ به لکيل آهي.

”جو پنڊي سو برهمنڊي.“

تون انهيءَ اصول جو ترادر ٿو ڪرين. اصلي مندر يا ٺاڪر دوارو انسان جو شرير آهي. تون انهيءَ کي ڇڏي جو

پرماتما جي ڳولا مورتين ۾ ڪرين ٿو اها تنهنجي وڏي ڀل آهي.
انهيءَ کان پوءِ پريه لال چوي ٿو ته منهنجو اشٽ ڪرشن ڀڳوان آهي. اتر ڏنيدي تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ته ڀاڳوت پراڻ ۾ لکيل آهي ته رکو پدشٽر سرڳ ۾ ويو باقي ڀائر سڀ پاڻ ڌو نرڪ ۾ ويا. جڏهن اوڌو ڪرشن ڀڳوان کي مڪتيءَ لاءِ عرض ڪيو ته جواب اهوئي مليس ته انهيءَ لاءِ توکي تپ ڪرڻو پوندو؛ پوءِ هن وڃي بدري نارائڻ ۾ تپ ڪيو. اوڌو جي گتي ڪهڙي ٿي تنهنجو ذڪر ڪنهن پستڪ ۾ ڪونه ٿو ملي. هاڻي جڏهن ته ڪرشن ڀڳوان کي ڪڏهن ڏنوئي ڪونهي ته ان جي مورتيءَ مان مڪتيءَ جي اميد ڪيئن ٿو رکين؟ مڪتيءَ لاءِ توکي انترمک شبد جي ڪمائي ڪرڻ جڳائي.

٢٥ آگسٽ

ڪلهه کان ڪبير صاحب جي انوراڳ ساگر مان ستسنگ شروع ڪيو ويو. اهو گرنٿ هرهڪ پرمارٿي جگياسوءَ کي پڙهڻ کپي چاڪاڻ ته ديال ۽ ڪال جو ڀيد، جو سنت مت کان سواءِ ٻئي ڪنهن به مت متانتر ۾ نرنئه نه ڪيل آهي، هن پستڪ ۾ ڪبير صاحب بلڪل کولي سمجهايو آهي. دنيا جا گهڻو ڪري سڀ ڌرم ۽ مذهب ڪال ڀڳوان کي سچو مالڪ مڃي ان جي پوڄا ڪن ٿا ۽ اها پوڄڻ ڪانه اٿن ته اهو آتما کي جو ديال ۽ ڪال سان ڪهڙو سمبنڌ آهي.
ڪبير صاحب اهو پستڪ پنهنجي گورمک شش ڌرمداس کي اپديش ڪندي رچيو آهي. شروعات ۾ ستگورو ۽ پرماتما جي استت آهي ۽ انهيءَ کان پوءِ سچي انوراڳيءَ جا گڻ ورنن ڪيل آهن. سچو انوراڳي پنهنجو تن من ڌن گوروءَ تان قربان ڪري ٿو. وڌيڪ فرمائين ٿا ته مريد کي مٽي يا زمين ٿيڻ کپي. زمين کي ڪٽي ڪو چندن جو ليپ ڪري يا ان تي

تہ اڇلائي يا ڪاڪرس ڪري تہ ڏرليءَ ڪي ڪو سک
ڏک ڪوٺي . پراڻي ستسنگيءَ کي جڳائي تہ سڀ خيال
ڇڏي ڪري چڱي گروءَ جي حڪم مطابق عمل ڪري .

٢٧ آگسٽ

اڄ ستسنگ ۾ ڪاڪي معزز اي ستسنگي موجود هئا تن
ڪري الراڪ ساگر جي ڪٿا ڇڏي حضورجن ساربچن مان
"ستگرو ڪا نام پرڪاش" .
شبد جي وياکيا ڪندي فرمايو تہ جيڪو نام ستگورو بخشي
تنهنجي ڪمائي ڪرڻ گهرجي . پوءِ هڪڙي وارتا ٻڌايائون تہ
ڪنهن شخص هڪ مهاتما جي ١٢ سال سيوا ڪئي . جڏهن
ڪان پوءِ انهيءَ مهاتما کيس ڪو نام جپڻ لاءِ ڏنو . جڏهن
هو واپس وري رهيو هو ، ڏسي تہ ٻن ماڻهن کي بہ انهيءَ
نام جو پتو آهي ؟ پيا ان کي جپين . من ۾ خيال آيس تہ مهاتما
مون سان وڏو دوکو ڪيو . سو موٽي وڃي مهاتما وٽ
شڪايت ڪيائين . مهاتما چيس تہ اندر ڪمري ۾ لوهہ جي
پيتيءَ ۾ پارس پيو آهي ، اها پيتي کڻي آءُ . تنهن تي ان شخص
چيو تہ اهو بہ هڪ دوکو آهي ڇاڪاڻ تہ پارس جي لڳڻ
سان لوهہ جي پيتي سوني ٿيڻ کپي . آخر جڏهن هن پيتي
کولي ڏٺي تہ ڏسي تہ پارس ٻن ٽن ڪاغذن ۾ ويڙهيو پيو
آهي . مهاتما چيو بس اهوئي فرق آهي . لوڪي مون پنهنجو
ڪمايل نام بخشيو آهي ؟ ڀلي کڻي پيا انهيءَ نام کي جپن
تہ بہ خالي رهندا ڇاڪاڻ تہ گروءَ جي بخشيل نام ۾
ئي سڀ برڪتون آهن .
وڌيڪ فرمايائون تہ پراڻايام ذريعي من کي قابو ڪرڻ
اهڙو آهي جيئن ڪنهن بدمعاش کي جيل ۾ وجهڻ جيستائين
هو جيل ۾ رهندو تيستائين اسين هنجي شرارتن کان بچيل
رهنداسين ؟ جڏهن ٻاهر نڪرندو تہ وري اهڙيئي شرارتون

شروع ڪندو. سنت بدمعاش کي سمجهائي ڇهائي نيڪ
بڻائين ٿا ۽ پوءِ اهين هميشه لاءِ هنجي شرارتن کان ڇٽل
رهن ٿا.

٢٨ کان ٣١ آگسٽ

روز انوراگ ساگر جي ڪٿا ٿيندي رهي. شروع ۾ ڌرمداس
ڪبير صاحب کان پڇي ٿو ته مون کي وچنا جو آد کان ورتانت
ٻڌايو. ڪبير صاحب فرمائين ٿا، "اي ڌرمداس! مان توکي
ان وقت جو اتهاس ٿو ٻڌايان جڏهن نه نرنجن هو نه ڪوئي
ديوي ديوتا ۽ نڪو ويد شاستر. ان وقت صرف
ڪل مالڪ هو. پوءِ رچنا جو وستار سان ورڻن ڪندي ڪبير
صاحب جن فرمائين ٿا ته ڪال ۽ سندس لڳ سڄي برهمانڊ
کي لڳي ويا آهن. سڀ جيو وشيه وڪارن ۾ ڦاسي پنهنجي
اصل کي ڀلائي ويا آهن.

برهمانڊ جي رچنا کان پوءِ شو ٿيهن لکن قسمن جا وڻ
ٽڻ ۽ ونسپتي، وشدوءِ ستاويهه لک قسمن جا ڪيڙا ماڪوڙا،
شڪتيءَ چوڏهن لک قسمن جا پکي ۽ نو لک قسم پاڻيءَ
جا جيو ۽ برهما چار لک قسمن جا انسان حيوان، ديوي
ديوتائون آدي پيدا ڪيا. اهڙي طرح چوراسي لک جوڻيون
ٺاهيون ويون.

انسان ۾ شڪل ۽ سياءَ جو فرق انهيءَ ڪري آهي ته
جيڪو انسان جنهن جونيءَ مان اچي ٿو، انهيءَ جو سياءُ به
انهيءَ مطابق ٿئي ٿو. مثال طور جيڪي پکين جي جون مان
انسان بڻجن ٿا انهن جو من پکين وانگر چنچل ٿئي ٿو ۽ منجهن
ڪام ڪروڌ سستي ۽ ننڊ اهي وڪار پرڌان ٿين ٿا. اهڙا
انسان چوري، چغلي ۽ نندا کي پسند ڪن ٿا، شرير جي
صفائيءَ جو ڪو ڌيان ڪون رکن ۽ پوتن پريتن کي پوڄين ٿا.
جيڪي ڪيڙن ۽ ماڪوڙن جي جونين مان اچن ٿا اهي

حشار ڪرڻ ۽ ماس ڪائڻ جا شائق، دان پڇ ۽ ڏوہ ڪان نٿرس ڪندڙ ۽ بيگنہ ۾ ڪرڙ ڳالهائڻ جا عادي رهن ٿا. جيڪي وڻن ٽڪن مان اچن ٿا سي ۾ ليسو ۽ ضد ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ ڪيترو روئيءَ ڪاليندي ٿيندا اچي ٿي. جيڪي حيواني مان انسان ٿيون ٿا تن جو لاڙو ڏوہ ڏاڍهن رهي ٿو ۽ ڪروڌ ۾ وشواس رکن ٿا. عدن جي پاڻ هلڻ چلڻ ۾ صاف ۽ سچي ٿي ۽ دنيا ۾ سک ڀوڳين ٿا. جيڪي انسان مان وري انسان ٿين ٿا سي لالچ، لوڀ، موهه وغيره ۽ بيماري ٿين ٿا.

ٻي ڪلي انسان ڪيترن ئي جنمن مان آيو هجي ته پوري ڪروڌ ڪان تمام وٽي ان جي ڪمائي ڪرڻ مان سندس سڀ وڪار نڪري ويندا ۽ جنم جنم جي ميل ڌوپي ويندي.

تنهن ڪان پوءِ ڪبير صاحب جي فرمائين ٿا ته ڪال ۽ مايا ٺيڪ ٺوڪيا آهن جيئن جيو ڪي پهچي پرم پتا جو پتو نه پوي ۽ سڀ سندن پوڄا ۾ لڳا رهن. آلما جي مٿان پهرين جيون، تن ڪلپ، چوڏهن ديوتائن جا پردا آهن. ويدن جو مول اوم آهي جو ٿي خود ڪال پکوان آهي. سڀ انسان ويدن شاسترن ليڪن مورتين ۽ منترن ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ جيئنٿي پوڄا ڪن ٿا سو ٿي ڪين ڪالي ٿو.

تنهن ڪان پوءِ ڪبير صاحب سچکنڊ جو حال لکيو آهي ته انهيءَ وقت ڪال روحن کي نرڪن ۾ تتل پٿرن تي جلائيندو هو. انهن آتمائن جي چيخن ۽ آهن جي ڪارڻ ست پرش ڪبير صاحب کي حڪم ڏنو ته وڃي جيون کي ڪال جي ڪشٽ کان بچاءِ. جڏهن ڪبير صاحب نرڪن ۾ ويو ۽ انهن ممون کيس پنهنجو داستان ٻڌايو تڏهن هن ڪين ستي شبد جي ڪمائيءَ جو اپديش ڏنو ۽ فرمايو ته جڏهن توهين نرڪن پوءِ جيڪي انسان ٿيو، تڏهن نام جي ڪمائي ڪجو ۽

پنهنجو اشٽ سٽ لوڪ رکجو.

٢ کان ١٩ سيپٽمبر

انهيءَ عرصي ۾ حضور جن ڍلهانوسيءَ ۾ ڪافي بيمار رهيا. ١٨ تاريخ ڪجهه ڀلا ڪي بهتر سمجهائون ۽ ڪير وغيره ورتائون.

١٩ تاريخ سردار ڀڳت سنگهه سنگوون کي عرض ڪيو، ”حضور! توهان دنيا جي جيون جا اهڙا ڪرم ڇو ڪيا جو پنهنجي شرير لي هيڏو ڪشٽ ڏنو. دنياداري لاءِ ڪهڙو فرق نو ٿيو. ڏهه ڏينهن ٿه ڀوڳيائون ويهه ڏينهن. حضور جن جواب ڏنو ته ڪن ماڻهن جون مصيبتون اهڙيون ته دردناڪ ٿين ٿيون جو خود بخود دل ۾ رحم اچيو وڃي.

اها حقيقت آهي ته جيڪي ڇنيون اچن ٿيون تن ۾ ڪي ته تمام سوز ڀريون هوانديون آهن جن کي ٻڌي سنتن جي ڪومل ۽ ڪرونامي دل ڪيئن نه ڀڳهري؟

باب ٻارهون

ڏيري ۾ رهائش

٢٥ سيپٽمبر کان ٥ نومبر ١٩٢٣ع

٢٥ سيپٽمبر

اڄ صبح جو ٩ بجي ڊلهائوسيءَ مان روانا ٿي شام جو ٥ بجي ڏيري پهتاسين. ڏيري ۾ ڪافي سنگت هئي. حضور جن جي صحتيابيءَ سبب سڀ نهايت خوش پئي لڳا.

٦ آڪٽوبر

جڏهن کان حضور جن ڏيري ۾ آيا آهن اڄ پورهون ڏينهن ماڙيءَ تان هيٺ لٿا. راءِ صاحب هرنارائڻ جي ڪمري ۾ آيا جتي ٥ منٽ کن ويهي واپس هليا ويا. هيترا ڏينهن ڪمزوريءَ سبب مٿان ٻالڪنيءَ مان صبح شام درشن ڏيندا هئا.

٨ آڪٽوبر

صبح جو اٽڪل ١٠ بجي موٽرڪار ۾ ويهي آيا ۽ قريب ١٥ منٽ لاءِ سنگت کي درشن ڏنائون. پرشاد ورهايو ويو.

آمريڪا مان مسٽر مائرس جي چٺي آئي جنهن ۾ هن پڇيو آهي ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو جگياسوءَ کي نام ڏيڻ جي ستگورو اجازت ڏين پر هڪڙي ودیشي عيوضي نام ڏئي لهڪان انهيءَ جي ستگورو چولو ڇڏي وڃن ته پوءِ ڇا ڪرڻ کپي؟ ستگورن جواب لکايو ته نام ڏيڻ ڪهي جو ته ستگورو

ڏيهه ناهي بلڪ اها شڪتي آهي جا ڪڏهن نٿي مري، صرف روپ بدلائي ٿي. اهڙي سٽسنگيءَ جي ٻوڙي سنڀال ٿيندي. اميرڪا جي ٿي بن ليڊي سٽسنگين لکيو آهي ته هنچو دنيا جي ڪنهن به پدارٿ يا رشتيدار سان موهه ڪونهي. جواب ڏنو ويو ته جيڪڏهن توهانکي ڪنهن سان به موهه ڪونهي ته پوءِ ڪابه شڪتي توهانکي هن دنيا ۾ واپس جنم نه ڏئي سگهندي.

١١ آڪٽوبر

صبح جو سانگليءَ جي راڻي ۽ سر جوشي وغيره آيا. شام جو سٽسنگ سردار گلابسنگهه ڪيو ۽ ختم ٿيڻ کان ١٥-٢٠ منٽ اڳ، حضور جن ۾ پدارياءِ گرنٿ صاحب مان،

”چڪوي نين نيند نهين سووي،
بن پر نيند نه پائي.“

شبد ڪيو ويو. جنهن ۾ عالي درجي جي پريمين جي اوستا بيان ٿيل آهي. حضور جن فرمايو ته اڄ ڪلهه سٽسنگي چاهين ٿا ته گورو هنجا سنساري سنڪٽ دور ڪري، حالانڪ سنت صرف ڀڳتي مارگ جي سکيا ڏيڻ اچن ٿا ۽ مالڪ جي رضا ۾ راضي رهڻ جو اپديش ڪن ٿا. سنساري جيون جو حال اهو آهي ته جي پٽ مري ويو، ڪيس هارايو، غريبي آئي، نقصان ٿيو يا بيماري نه لٿي ته چون ته ڇڏيو گوروءَ کي. مطلب ته جنهن دڪان تان بخمل مليٿو اتان کاڌي خريد ڪرڻ چاهين ٿا.

١٣ آڪٽوبر

اڄ ڪلهه حضور جن شام جو ١٥-٢٠ منٽ لاءِ گهٽو ڪري روز سٽسنگ ۾ ايندا آهن. اڄ وياکيان ڪندي فرمايائون ته اميري ۽ عيش عشرت کان اها غريبي ڀلي جنهن ۾ نام چت ۾ رهي.

۱۴ آڪٽوبر

شام جو سار اچڻ مان هي شبد ڳايا ويا.

”گرو ميري جان پران شبد ڪا ديا دان“ ۽

”کوجت رهي پيا پيدت مرم ڪوئي نيڪ نه پايا“

ستسنگ ڪانپوءِ هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو ته جنهن گروءَ کان مون پهرين نام ورتو هو سو مونکي هتي اچڻ لاءِ منع نه ڪري. هن مونکي صرف ورن آتمڪ نام، اوم نمو ڀڳوتي واسديوائي، ڏنو چاڪاڻ ته هو ڌن آتمڪ نام جو ڀيدي ڪونه هو. حضور جن فرمايو ته گروءَ جي نندا ڪڏهن به نه ڪرڻ گهرجي. جيستائين جنهن جي رسائي هوندي اوستائين اتي هو پهد ڏيندو. وڌيڪ فرمايائون:

”ايڪ اڪشر ڪا گرو هوئي جو نندا ڪري جو تاس،
سو جنم سوان هوئي ڦر سوپچ گهر واس.“

يعني ته جنهن گروءَ هڪڙو اکر به پڙهايو آهي تنهن جي نندا ڪرڻ سان ۱۰۰ جنم ڪتي جا ڀوڳي پوءِ ڀنگيءَ جي گهر جنم وٺڻو پوندو. جيڪڏهن اهو گرو نوڪري ڪري چوري ۽ ٺڳي ته چاڪاڻ ته سندس ستگرو شيطان آهي ۽ انجي شرڻ ۾ وڃي رهن ۽ گڏڙن جو پڇڻ ئي ڪجي؟ جيڪڏهن ڪا بيماري ۽ تڪليف اچي ته الهيءَ کي اڳين گروءَ جي ناراضپي سان نه جوڙڻ ٻڌ سمجهجي ته پرالبڌ جي ڪارڻ اهين ليو آهي. پوءِ هڪ ستسنگيءَ جو ذڪر آيو جو گهر ٻار ڇڏي رشي ڪيش هليو ويو هو. اهي هڪي سڀني ۾ حضور جن اچي سمجهايو ته مٿس جي روئي ڪانڻ سان ڪڏهن به پڇڻ ۾ لڳي نه ليندي. اهو پڏي جڏهن هو ڏيري آيو ته حضور جن چيس ته تون پنهنجي گهر وڃ ۽ ٻچن جي سنڀاليءَ مان ئي ڪاڻ چاڪاڻ جو الهن لي تنهنجو حق آهي. جي پراڻو ٺڪر ڪاٽبو ته پڇن ڪمڻ ٿيندو؟

١٥ آڪٽوبر

جڏهن حضور جن اچي ستسنگ ۾ براجمان ٿيا ته درٻاري داس
سهڄو ٻائيءَ جو مشهور شبد

”رام ڇڏون پر گـــرو نـــه بسارون،
گرو ڪي سم هر ڪو نـــه نهارون.“

ٻڌي پڙهيو. جڏهن شبد پورو ٿيو ته حضور جن فرمايو ته
اهو بلڪل ٺيڪ آهي ڇاڪاڻ جي پرماتما ناراض ٿي پوي ته
گرو هنکي ڇڏائي سگهيٿو پر جي گرو ئي ناراض ٿي پوي
ته هنکي پوءِ ڪير ڇڏائيندو؟ ڀڳوان اسانکي چوراسي لک
جونين ۾ ڦاسايو پر گروءَ مڪتي ڏني. ڀڳوان اسانکان پاڻ
کي لڪايو پر گروءَ هنجو درشن ڪرايو. پوءِ سردار ڪلا سنگهه
ستسنگ ڪندي فرمايو ته وڪار ٻن قسمن جا آهن. هڪڙا
اهي جيڪي جنمن کان سنسڪارن جي روپ ۾ اسين کڻي
ٿا اچون ۽ ٻيا اهي جيڪي بري صحبت مان پرايون ٿا. پر
انهن ٻنهي قسمن جي وڪارن کي دور ڪرڻ جو اپاءُ آهي
مهاپرشن جي سنگت. انهن جي سنگت ڪرڻ سان من تي
ڀڳتيءَ ۾ جوائر ٿيٿو. حضور جن فرمايو ته جيستائين مانسرور،
جا پار برهم ۾ آهي، آتما اشنان نه ٿي ڪري تيستائين ڪرمن
جي ميل پوري طرح نٿي لهي.

١٧ آڪٽوبر

ڪاهه کان بياس نديءَ جي پار ڪانيءَ جي شيرا ٿي رهي
آهي. حضور جن به اتي درشن ڏيڻ ويندا آهن. ستگورن هڪ
انمول وچن فرمايو ته شيرا جو درجو ڀڄن کان گهٽ ناهي.

١٨ آڪٽوبر

شام جو،
”گرو ڪهين جگت سڀ اندا“ ۽ ڪبير صاحب جو

”منهن ڪنهن سورني ري،
سڀ ميرا جاڳسي“

شبد ڳايا ويا. تشريح ڪندي ستگورن فرمايو ته جن
جيون جا ڪرم ڀاري آهن تن جي من ۾ سنتن جي وچن
جو اثر گهٽ ٿئي. الٽو ڏاڍ ۾ ڪوڙا ڪرم ڪندا وڃن ٿا ۽ ٻوءِ
الٽ ولي ڀڄائن ٿا. موجوده ڪانگريس ڊرامه اهڙن جيون کي
سڌو ڪرڻ اوتار چوراسيءَ ۾ موڪلي ٿو جتي هو جڙ ۾
ڪشٽ ڀوڳين ٿا. دراصل، گوروءَ شبد کانسواءِ انسان جو ٻيو
ڪو هتڪاري ڪونهي. الٽ سڀئي ٻار دوست، مثالن
سڀ ساٿ ڇڏيو وڃن ٿا جيو جون ڀوڳيجون ادڙوئون
اکيون، ڪن، نڪ وغيره ڊرامه جي سامهون سنسار کي
برخلاف شاهدي ڏين ٿيون ته هن انسان کي غلط استعمال
ڪيو ۽ پاپ ڪرايا. اگيان وس تي انسان ستگورو ۽ شبد
سان پريم گهٽ ڪري ۽ جولي جڳ جي تان ۽ رشتن جي
نڪون ۾ رهيو. ستگورن وڌيڪ فرمايو ته اڌ ڪلاڪ جي
ڀڄن جو ڦل، سؤ روپيا دان ڏيڻ کان بهتر آهي. جي دان
ڏجي ته ڪنهن ٻالڪ کي ڏجي. ائين ڪرڻ سان جنم ڀرمل
لٿيو، بيماري دور ٿئي ۽ پاپ ناس ٿين ٿا.

۱۹ آڪٽوبر

شام جو الڪل ٦ لڳي بيبي رلي جي ماتا جو ديهانت
ڏسوي ۾ ٿيو. جولي ڇڏڻ کان ٿورو وقت اڳ حضور جن
هنڪي ڏسڻ ويا ۽ جيئن ئي واپس آيا ته هيڏي سرت
سميٽڻ شروع ٿي ۽ ائين پئي لڳو جيئن ڪيهڪي آهستي
آهستي ننڊ ايندي آهي. حضور جن خود هنجو سنسڪار
ڪرڻ ويا.

۲۰ آڪٽوبر

ڪرنل سالڊوس ۽ مسز ڪنڊاڪ سيلي ۽ ڪشمير مان ايندا

هتي آيا. شام جو ستسنگ ۾ حضور جن فرمايو ته جيئن نديءَ
پار ڪي نئين منائي ڏئي آهي ته هو ونڻ جي نه ڪندو آهي
۽ جڏهن ٺوڙي هنجي واٽ ۾ وجهبي آهي ته پوءِ ٻنهي هٿن
سان ڪٽڻ جي ڪوشش ڪندو آهي. اهڙي طرح من ٻهرين
ڀڃن سمرن کان نفرت ڪريٿو ۽ جڏهن هنکي شبد جي لذت
حاصل ٿئيٿي ته پوءِ دنيا جي ڪمن جو هرج ڪري ۽ ڀڃن
سمرن ۾ لڳو رهيٿو. هڪ دفعي پنڊت ٻواديامل ٻياس جو
اسٽيشن ماسٽر ۽ اهڙي طرح ڀڃن جي آنند ۾ اهڙو مڳو هو
جو اُنکي ٻي دل ٿي نه ٿيس. هوڏانهن اسٽيشن تي گاڏيءَ
جي اچڻ جو وقت ٿرجي آيو ۽ هنجي اها ڊيوٽي هئي ته
گاڏيءَ کي ٻهران سگنل ڏئي ۽ پوءِ انکي روانو ڪري. اسٽيشن
ماسٽر ته پنهنجي ڀڃن ۾ لين هو. هوڏانهن گاڏي دستور مطابق
آئي ۽ رواني ٿي. جڏهن ڀڃن مان اٿيو ته گهٻرائيندو اسٽيشن
تي آيو ۽ ڇا ڏسي ته ستگورن سندس سڀ ڪارج سنواري
ڇڏيا آهن. ستگورن وڌيڪ فرمايو ته ڀڃن وقت ٽن ڪلاڪن
تائين ته من پنهنجي ڊوڙ ڊڪ نٿو ڇڏي. جڏهنکي اڀياس مان
رس ونٿو هجي انهنکي گهرجي ته ٦ ڪلاڪ وهي. ٻهريان
ٽي چار مهنا سمرن مان سواد نٿو اچي ۽ جڏهن سمرن هڪوار
پڪو ٿي وڃيٿو ته پوءِ ڀڃن ۾ ترقي ٿيندي وڃيٿي.

٢٨ آڪٽوبر

رات جو ٨ بجي ڏياريءَ جو ستسنگ وڏي ستسنگ هال
جي پرسان ٿيو. پنڊال کي رنگ برنگي بجليءَ جي ٻلبن
سان سجايو ويو. حضور جن ڪاتڪ (ڪارتڪ) جي مهني جو
ستسنگ ڪندي فرمايو ته هيءَ ڏياري اسان هزارن بار مختلف
جنمن ۾ ڏني آهي پر جڏهن اکيون بند ڪيون ٿا ته اندر
اندهيرو ئي اندهيرو نظر اچيٿو. سنتن جي ڏياري اندر هر منڊل
تي سدائين ٿي رهي آهي. گوروءَ جو سروپ جي ڏسڻ هجي

۽ لوڪن ۾ ڏسو ته جي شش جو اصلي روپ ڏسڻو هو ته
پار ارهم ۾ وڃي ڏسو، جڏهن هنجي آنما ستان من ۽ مايا جا
سڀ پردا لهي وڃن ٿا ۽ سندس پرڪاش ١٢ سجن جو ٿيو
پوي. ستگورو سڀ لوڪ ۾ ڀيڄي سڀ پرش جو روپ ڌارڻ
ڪري جيئرو ٿي ٽڪ هتي هو صرف هڪ انسان ٿي آيو.

٣٠ آڪٽوبر

شام جو،

”ڪايا ڪڍي جس شبد وچارا،
تس وچ وسي هـر الک اپارا.“

شبد گرلت صاحب مان ڪيو ويو. ستگورن فرمايو ته منش
جنم پالي جيڪو گوروءَ کان شبد جو ڀيد وٺي ڪمائي ٿيو
ڪري، سمجهو ته هن پنهنجو جنم برباد ڪيو ۽ چوراسيءَ جو
دک ڏٺو. ”هومي ڪسٽ گرو شبد اواري“ جو مطلب آهي
ته اسين جو راس ڏيهن مان ۽ منهنجي يعني هومي ۾ غلطان
آهيون اهو روڳ گوروءَ جي ڏنل سمرن ۽ شبد اڀياس سان
اوروت ٿي سگهيتو. من چنچل آهي ۽ ان ۾ هردم خيال الٿ ٿي
پياه جي صرف هڪ مت لاءِ ٿي اهي خيال بند ٿي وڃن ته
اندر ۾ روشني ڏسڻ ۾ ايندي. مهاتما رجب جو ڪلام آهي.

”من موسا ڀنگل پيا ڀي بارا هوي ٿام.“

وڌيڪ فرمايائون ته ستگورو شش سان سدائين انگ سنگ
رهيتو پر اهيءَ جو پتو شيوڪ کي انهيءَ وقت پوندو جڏهن
هو گوروءَ کي اندر ۾ پرگهٽ ڪندو.

٣١ آڪٽوبر

اڄ آرتوار آهي ۽ ٩ بجي صبوح جو ستسنگ شروع ٿيو.
گرنٿ صاحب مان پوري گوروءَ جي پڇاڻ جو شبد،

”گهر مهن گهر ڏکالي ڏي سو ستگورو پرش سجان.“

شبد جي وياکيا ڪندي ستگورن فرمايو ته پرماتما انسان

جي شريـر ۾ آهي جنهنکي ڏسڻ لاءِ اسانکي سنتن مهاتمائن
کان ساڌنا سکڻي پوندي. جڏهن هو جڳتي پڌائيندا تڏهن ئي
پرماتما جو درشن نصيب ٿيندو. سنتن جو اپديش ته اهوئي
آهي ته سچکنڊ تائين رسائي حاصل ڪرڻ لاءِ پنجن شبدن
کي پڪڙيو. شبد اڀياس بنا پرماتما جي پراپتي ناممڪن
آهي. اميريڪا جي هڪڙي ستسنگيءَ لکيو ته مان ڳائيون
۽ ٻڪريون پالي کاسائن کي وڪڻي ڇڏيندو آهيان انهيءَ ۾ صرف
کاسائي پاپ جا ڀاڳي آهن يا مان به؟ حضور جن جواب لکايو
ته اهو ڪم ڇڏي ڏي. جيڪڏهن چوپايو مال پالي هارين
کي وڪڻجي ته انهيءَ ۾ ڪو هرج ڪونهي.

باب ٻارهون

سڪندريه جو دورو

۹ نومبر کان ۲۳ نومبر ۱۹۲۲ع

۹ نومبر

[illegible] سڪندريه ۱۱ء روانا
[illegible] اينا ڪام جو ٦ آهي
[illegible]

۱۰ نومبر

[illegible] سڪندريه ڪي ڪافي آرام آهي.
[illegible] اينا آهن ۽ الي
[illegible] ڪندا آهن.
[illegible] ڪري آرام
[illegible] ڪري ماڻ ٻاهر
[illegible] آرام ۽ داخل ٿ
[illegible] اينا آهن جي ٻاهر
[illegible] ڏٺا آهن ۽ ڪاڻ ڪا
[illegible] ۸½ بجي [illegible]
[illegible] جرچا لينڊي [illegible] آهي.

۹ نومبر

سڪندريه [illegible] اصلي زميندار اعوتي آهي جو [illegible]
[illegible] ٻاهران ته گهرائي.

١١ نومبر

هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو تہ لڙائي (ٻي مهاڀاري يڌ) تہ وڌي ويئي . حضورجن فرمايو تہ اڃا تہ جهان گڙٻڙ پيدا ڪندو ۽ ويڙهاڙائيءَ ۾ قيمتن جي گهٽجڻ جو ڪو امڪان ڪونهي . ٻئي ستسنگيءَ عرض ڪيو تہ سنت هن دنيا جي انتظام ۾ ڪيتري قدر دخل ڏين ٿا ؟

جواب ۾ حضورجن فرمايو تہ هن دنيا جو انتظام ڪال ۽ سندس ايجنٽن جي حوالي آهي . پر سنت شهنشاهہ هوندا آهن ۽ جڏهن بہ ڪنهن هنڌ ڪا آفت نازل ٿيڻي هوندي آهي تہ سنتن کي اطلاع ڏنو ويندو آهي . پر عام طور سنت دخل نہ ڏيندا آهن. پوءِ ستگورن هڪ وارتا ٻڌائي تہ جڏهن باباجي مهاراج جن واري فوج (Battalion) ڪنهن ڇانوڻيءَ ۾ هئي تہ هڪ ڏينهن پرڀات جو ڪجهہ فرشتا باباجن جي ڪٽ پرسان اچي همٿ ٻڌي عرض ڪرڻ لڳا تہ اسان کي حڪم مليو آهي تہ هن شهر ۾ پليگ ڦهلايو ۽ گڏوگڏ اهو بہ حڪم مليو آهي تہ پهرين اوهان کان اجازت وٺون . باباجي مهاراج جن فرمايو تہ جيئن ڪهيو ليڪن وڃي ڪيو پر اسان جي ڇانوڻيءَ سان ڇيڙڇاڙ نہ ڪجو ۽ ٿيو بہ ائين . هن وقت اسي جيڪي فوجي ستسنگي ڏورانهن ملڪن ۾ لڙائيءَ لئي ويا آهن تن جي حضورجن هرطرح رکيا ڪري رهيا آهن . اهڙي قسم جون ڪئين چٺيون انهن ستسنگين وٽان ايندڙيون رهن ٿيون.

پوءِ داتاجن فرمايو، ” انسان جي زندگيءَ جي پل پل جو حساب آهي . مون اوهان کي اڳ ۾ ئي ٻڌايو هو تہ ٻڌي ۾ ماڻهو بيمار ٿيندس ۽ جيستائين بيماريءَ جو معياد ختم نہ ٿيندو آهي ليستائين نڪو مطلب جو ڊاڪٽر هٿ ايندو ۽ نڪو دوا لڳندي . ڇوتہ ۾ عام طور ڊاڪٽر ٿين ڪونہ پر جدهنڪي بيماريءَ کان اڻڄاڻ هوندو آهي تڏهنجي بيماري

اينگهندي پر آخر ليک لي ويندو.“

وڌيڪ فرمايائون تہ اڄ ڪلهہ جيڪي لي رهيو آهي سُو ناڪل ليڪ آهي. يورپ پر لڙائي سبب خون خرابو پيئي لئي ۽ بنگال پر ڏڪر ڪارڻ ماڻهو پيا مرن. اهو سڀ ڪال پکيان جي ڪرم سان پيو لئي. هرڪو پنهنجي ڪرمن جو ڪيتو پيو لوڙي ۽ انا شڪايت ڪرڻ مناسب ناهي تہ پرمانما بي انصاف ۽ بي رحم آهي.

١٢ نومبر ١٩٤٣ع

ڪر ودوان جو ڪ ڪتاب لکڻ لو چاهي ٿئون ڏيري جي الياس باسم بپو آهي. جنهن ۾ هنيون مختصر احوال لکاني هن کي موڪليو.

ڏيرا بابا جئمل سنگهہ جو اتهاس

واڌا سوامي مت ڪرڌو پا پنت ڪرنيي. اهو ڪل مالڪ جو نالو آهي جنهنڪي اسيح واهگورو يا اڪال پرک پر سڏ پيدا آهيون. سيبي سنتن سوامي پد جي مهما ڪندي ايدنش ڪيو آهي ۽ وهتيت جي اوچي پر اوچي منزل سوامي پد آهي. انهيءَ ڏار ناٿهي بيهل سنت کي پُرسنت ڪرنيو آهي. انهن سنتن، پوءِ هو ڪهي ڪيڙي پر قوم يا مذهب جا چولہ هجن، ڪل مالڪ جا نالا پنهنجي پنهنجي بوليءَ پر رکيا آهن. جهڙي طرح گرو گوبندسنگهہ صاحب جن جاپ صاحب پر ڪي ١٢-١٤ سو پرمانما جا اهڙا نالا رکيا آهن جي ڪنهن نہ ويد شاستر پر ڪولہ نا ملن. هندستان جي مهاتمائن اهي نالا هنديءَ ۽ سنسڪرت پر رکيا ۽ عرب ۽ ايران جي فقيرن عربيءَ ۽ فارسيءَ پر. اهڙي طرح آگري جي پرم سنت حضور مهاراج شود يال سنگهہ جن ڪل مالڪ کي ”سوامي“ ڪرليو ۽ آليا کي ”واڌا“. هنن پنهنجي بوليءَ سار بچن نظر پر فرمايو آهي.

”واڌا آد سرت ڪا نام سوامي آد شبد نج ڌام،
سرت شبد اور واڌا سوامي دونو نام ايڪ ڪرجاني.“

يعني راڌا سوامي ۽ جو مطلب آهي سرت شبد. آتما قطرو آهي ۽ پرماتما ساگر. قطري کي ساگر ۾ ملي ساگر ٿيڻو آهي.

سدمت مت سيني ڌرمن جي مهاتمائن جو مشترڪ مت آهي ۽ قدرتي وگيان (Natural Science) آهي. اهو مارگ هر هڪ انسان جي اندر ساڳيو آهي. جڏهن اڪال پرک هڪ ئي آهي، ۽ انسان سڀني جا هٿ، پير، اکيون ڪن وغيره سڀ ساڳيا آهن ته پوءِ اهين ڪيئن ممڪن آهي ته هندن لاءِ هڪڙو ۽ مسلمانن ۽ عيسائين واسطي ٻيو رستو هجي. سيني ڪامل فقيرن جو آدرش هڪ ئي رهيو آهي ۽ اهو آهي انسان چوراسي لک جونين جي اندر ڀٽڪندڙ جيون کي امر جياني سڪندڙ ڀيچانڻ. هو ڪرد ان يا ڌرم بنائڻ لاءِ نه اچن، بلڪ اهڙو امر آنند ڏيڻ چاهين ٿا جو ڪڏهن به ناس نٿو ٿئي. انهيءَ ۾ شڪ نه آهي ته سندن لکيل ويد شاستر ۽ گرنٿ پوٿيون ڪنهن نه ڪنهن ڀاشا ۾ آهن ليڪن جنهن اصلي مارگ ڏي هو ڀيهجي شيوڪن کي هلائڻ چاهين ٿا سو لکڻ ۽ پڙهڻ کان نيارو آهي. گورو نانڪ صاحب جن انهيءَ باري ۾ فرمائين ٿا:-

> ”اکان باجهون ويکنا بن ڪنان سُندان،
> پيران باجهون چلنا بن هٿان ڪرنا.
> جيبي باجهون بولنا ايون جيوت مرنا،
> نانڪ حڪم پڇان کي ليون خصمي ملنا.“

يعني انهيءَ اصلي روحانيت کي نڪو هي جسماني اکيون ڏسي سگهن ٿيون، نڪو ڪن ٻڌي سگهن ٿا ۽ نڪو زبان بيان ڪري سگهي ٿي. جنهن نام دوارا مڪتي ٿئي ٿي سو لکڻ پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ نٿو اچي ۽ Unwritten ۽ unspoken آهي. گرنٿن پوٿين ۾ انهيءَ نام جو ذڪر ٿيل آهي،

انهيءَ جي هيٺ جي ٽوڙڻ ڏنل آهي ۽ انهيءَ ۾ هالدن
جو ورڻ ڏنل آهي. جنهن ۾ نانڪ ڪلام انهيءَ جي اندر آهي
نه ته بنهه ڪي. گرونانڪ صاحب ۾ بار بار انهيءَ لفظ لي
ورتو ويو آهي.
جهڙوڪ

"ڏٺي ٿڌو نام نواسي،
آپي ڪرتا اناسي."
"نام تنهنجو سچائي من وسي."

"سڀ ڪجهه تنهنجو هڪ تنهنجي،
ڪري ترين جو تنهن ۾ تنهنجي."

هتي سوامي جي جيونيءَ جو ذڪر ڪجي ته هيرو
عمر آنڌي جي لنئي ٿيءَ ۾ ۲۸ آگسٽ ۱۹۱۹ع ۾ ٿيو ۽ سندن
پيءُ نالو شو ديال سنگهه هو. جو کتل سيٺ کترين جي
منجهو خاندان مان هو. جي ڪا وڏا قريب ۲۰۰ سال اڳ
لاهور مان دهليءَ ۽ دهليءَ مان آگري آيا هئا. سندن پتا
جو نالو سيٺ دليا سنگهه هو ۽ سندن ڏاڏو سيٺ ملوڪچند
دولهور رياست جو ديوان هو. سندن گهراڻي ۾ شروع
کان گرو ناناڪ جي ڀڳتي ۽ دعوت آيو هو ۽ ڪٿب جا سڀ
ماڻهو گرو ناانڪ شري گرنٿ صاحب جي بائيءَ جو
پاٺ ڪندا هئا. سڀني سڪن جي ڀڳتي ۾ مستنگ ۾
گرونانڪ صاحب، ڪبير صاحب ۽ ٻين سنتن جي بانيءَ جي ورتيا
پڙهندا هئا پر اڪثر ڪري گرنٿ صاحب مان بانيءَ ڪندا
هئا. آگري ۽ ان پاسي جا ماڻهو پنجابي ٻوليءَ کان گهٽ واقف
هوا انهيءَ ڪري گرو بانيءَ جي گهراڻ ڪي گرڻ سمجهي
سگهندا هئا. انهيءَ ڪري پرامي ستسنگين سوامي جي مهاراج جو
گرنٿ صاحب جي ايڊيشن ڪي آسان ۽ عام فهم هندي

ڀاشا ۾ لکڻ لاءِ ويهتي ڪئي. سندن آگرهه ڪرڻ تي حضور
سوامي جي مهاراجن پرم ڌام وڃڻ کان اٽڪل ٽي سال اڳ
پنهنجي ٻاڻي ”سار بچن نظم“ رچي جنهن ۾ سنت مت
جي ڪهپت ۽ گهري مضمون کي سرل ڪري سمجهايو. ٻر
اهڙو لکڻ ضروري آهي ته جيڪر جگياسو ٻڌڻ شبدن کان
واقف ناهي سو نڪو گرنٿ صاحب ۽ نڪو سوامي جي مهاراج جن
جي ٻاڻيءَ کي چڱي طرح سمجهي ان مان لاڀ وٺي سگهندو.
پرم سنت تلسي صاحب، جي پوني ۽ ستاري جي گديءَ
کي ڇياڳي هاٿرس ۾ اچي رهيا هئا ۽ جن جي ٻاڻي ۾ نهايت
اوچي گهاٽ جي ۽ پرمارٿ ڏانڪ آهي، سي گهڻو ڪري
آگري اچي سوامي جي مهاراج جن وٽ رهندا هئا ۽ ٻنهي جو
پاڻ ۾ چڱو ميل ميلاپ هو. هو. سوامي جي مهاراج جن جا
ستسنگي هزارن جي تعداد ۾ هئا جن ۾ ٽي گورمک مشهور
ٿيا. ١. راءِ بهادر سالگرام صاحب آگري ۾. ٢. ٻابا غريب داس
دهليءَ ۾. ٣. ٻابا جيمل سنگهه جي مهاراج پنجاب ۾.
ٻابا جيمل سنگهه مهاراج جن جو ١٨٣٨ع ۾ پنجاب جي
گورداسپور ضلعي جي هڪ ڳوٺ گهمانڻ ۾ جنم ٿيو. سندن
پتا جو نالو سردار جوڌسنگهه هو جو جاٽ خاندان مان هو.
ٻالپڻ کان ئي ساڌ سنگت جو ڏايو شوق هون. سندن ڳوٺ
۾ ٻابا کيمرداس هڪ ويدانتي ساڌو رهندو هو جنهن وٽ
پهرين ويدانت پڙهيا ۽ پوءِ گورٻاڻيءَ جو ابياس ڪيائون.
گورٻاڻيءَ کي غور سان پڙهڻ مان معلوم ٿين ته ان ۾ صرف
نام ۽ شبد جي مهما آهي ۽ بار بار ٻڌڻ شبدن جي ڪمائي
ڪرڻ جي هدايت ڪيل آهي. هن کي اهو چڱي طرح
ذهن نشين ٿي ويو ته نام يا شبد لفظ نه پر هڪ شڪتي
آهي جا سڄي برهمانڊ جي جان آهي. جڏهن ٻابا کيمرداس
کان انهيءَ باري ۾ پڇيائون ته هو ڪين تسلي بخش سمجهائي

نه ڏٺي سگهيو چاڪاڻ ته هر شبد جو اڀياسي نه ٻر وڃائيندي
هو. ڪجهه عرصي کان پوءِ سنڌن پتا جو ديهانت ٿيو ۽ پوءِ
هو ۱۴ ورهين جي عمر ۾ مهاتمائن جي تلاش ۾ نڪري پيا.
گهڻن ئي مهاتمائن سان مليا پر پنجن شبدن جي ڄاڻ رکندڙ
ڪوبه مهاتما نه لڌائون. پوءِ لاهور ويا جتان ننڪاڻي
صاحب پهتا. پوءِ بابا بالڪ سنگهه کي حضرا وٺي
گڏيا جنهن بابا جن بابت فرمايو ته هي هڪ نهايت اوچي
وستوءَ جو گراهڪ آهي جا اسان وٽ ڪانهي. انهيءَ کان
پوءِ نوشهري ۽ پشاور مان ٿيندا ڪئين ڳوٺ ۾ پهتا جتي ڪين
هڪ گرنٿي گڏيو جنهن چيو ته منهنجي گروءَ مون کي ٻن
شبدن جو ڀيد ڏنو آهي باقي ٽن جو مون کي پتو ناهي. اهو
ٻڌي بابا جن نهايت خوش ٿيا ۽ سمجهائون ته پنجن شبدن
جو خيال صرف ڪلپنا ڪانهي بلڪ حقيقت آهي ۽ گرنٿيءَ
کي فرمايائون ته جنهن مالڪ توکي ٻن شبدن جي ڀيد ڏيڻ
جو انتظام ڪيو آهي سو منهنجي لاءِ پنجن شبدن جو به ڪندو.
اتان جڏهن واپس موٽيا ئي ته رستي ۾ هڪ سادن جي
ٽولي گڏين جا هردوار وڃي رهي هئي. بابا جن انهن سان
گڏجي هردوار پهتا ۽ ڪيئن مهاتمائن سان گڏيا پر جنهن
وستوءَ جي کوج هئن سا نه ملين. پوءِ پتو پين ته هڪڙو
نهايت پهتو سادو بستيءَ کان ڏهه ٻارهن ڪوهه پري رهندو
آهي جو ڪنهن ئي گڏارو ڪندو آهي ۽ شهر ۾ ڪڏهن
ڪڏهن ايندو ئي ڪونهي. جڏهن هن وٽ پهتا ته ڏٺائون ته واقعي
ڏهين هو اڀياس ۾ لڳو پيو آهي ۽ جڏهن اٿي اکيون
کولي ته هڪ رسي جا هن وڻ ۾ ٻڌي چڙهي هئي، انهيءَ جو
سهارو وٺندو هو. جڏهن بابا جن هن وٽ ويا ته ڀورين ته هن
کين ڌڪاري ته هتي رهو ۽ شيهن رهندا آهن جي توکي کائي
ويندا. پر جڏهن چيائونس ته جي اوهان کي نٿا کائين تہ

مون کي ڇو ڪائيندا؟ اهو جواب ٻڌي ساڌو ڏڏو ٿي ويو.
باباجن ڪانئس پنجن شبدن جي بابت ۾ پڇيو. جنهن لاءِ هن
ايو ساهه کڻي چيو ته جنهن چيز جو تون ڳولائو آهين مون کي
ته انهيءَ جي ٿي کوج آهي. مون پنهنجي انتر آتما سان
معلوم ڪيو آهي ته آگري ۾ هڪ پرم سنت جو سترهن ارڙهن
سال ايياس ۾ لڳل هو تنهن هاڻي عام ستسنگ ڪرڻ شروع
ڪيو آهي. تون انهيءَ وٽ وڃ. ٻيهي ايياس ڪرڻ جي
ڪارڻ منهنجون آنگرون نستيون ٿي پيئون آهن، مان ته سندن
درشن لاءِ ايندس. پر مون کي پهچڻ ۾ وقت لڳندو.

باباجي مهاراجن آگري پهتا پر جلديءَ ۾ اهو پڇڻ وسري
وين ته اهو سنت ڪهڙي گهٽيءَ يا محلي ۾ رهندو آهي؛
سو آگري ۾ مندرن، ٺاڪر دوارن ۽ ڌرمشالائن ۾ پڇا ڳاڇا
ڪيائون پر بيسود. آخر جمنا نديءَ تي اشنان ڪرڻ ويا ته
اتي حضور سوامي جي مهاراجن جي پسن ستسنگين پاڻ ۾
سوامي جن جي ستسنگ جي چرچا پئي ڪئي. انهن مان خبر پين
ته مهاتما پني گليءَ ۾ رهندو آهي. شام جو وقت هو ۽ جڏهن
پني گليءَ پهتا ته ستسنگ ٿي رهيو هو. باباجن نمسڪار
ڪري وڃي ستسنگ ۾ ويٺا. سوامي جي مهاراجن پڇين ته
توهين ڪٿان آيا آهيو؟ باباجن وراڻيو ته پنجاب مان آيو
آهيان. اهو ٻڌي سوامي جن کلي فرمايو ته اسان جو پراڻو
ساٿي اچي ويو. باباجن ٻڌي حيران ٿيا ۽ سوچڻ لڳا ته
جڏهن اسان جي هيءَ پهرين ملاقات آهي ته پوءِ مان هنن جو
پراڻو ساٿي ڪيئن ٿيس؟ خير ڪجهه عرصو سندن ستسنگ ۾
ايندا رهيا ۽ سندن سڀ شڪائون نورت ٿي ويون. پورو
وشواس ٿي وين ته هن کان وڌيڪ پيو ڪمائيءَ وارو مهاتما
ڪونه ملندو. صرف هڪڙي ڳالهه جي اٽڪ محسوس ٿي
ڪيائون ته سوامي جن مونا (مٿي جي ڪيس پيا) آهن ۽

ماڻ سِک، اوءِ هنن کان نام ڪيئن وٺان؟

هڪ ڏينهن ستسنگ کان پوءِ ٻيا سڀ هليا ويا صرف
سوامي جن ۽ باباجي ويهي رهيا. سوامي جن پڇيو، ”ڇا اِهان
لوهاڻو مولي ۽ سِک جي سوال جو نيصار نه ڪيو آهي؟“
باباجن سندن اترايتا ڏسي ٻه ٽي جملا لڙڪ وهائڻ لڳا.
سوامي جن کين چڱيءَ طرح ڌيان لشين ڪرايو ته سنس مت
جو شريعت سان ڪو تعلق ڪونهي. اهڙيءَ ڪري اها شڪا
بي بنياد آهي. پوءِ سوامي جن کان اپديش وٺي اتي رهي
خوب اڀياس ڪندا رهيا. هڪ ڏينهن سندن ڏاڍو اندر
لڳل هو ۽ جڏهن سوامي جن اتي آيا ته هنن کين اتي پرنام
نه ڪيو. حضور سوامي جن پنهنجي لوچ ڏيئي سندن ورتي
باهر ڪڍي ۽ پڇيائون ته جنهن مارڪ جو توکي اپديش مليو
آهي سو برابر گرو نانڪ صاحب جن جو به هو يا نه؟ باباجن
ورائيو ته وسترو برابر ١٦ آنا ٺيڪ آهي پر مان روحاني
چڙهائيءَ ۾ رستي ۾ رڪاوٽ محسوس ڪيان ٿو. سوامي جن
فرمايو ته اها سڀ ساڌنا تنهنجي پوري ٿي ڪيل آهي
۽ ڏون اڳئين جنم ۾ اسان جو ساٿي هئين. باباجن پڇيو ته
اوءِ جهڙي ڳالهه ڪهڙي آهي؟ سوامي جن چيو ته ڳالهه
ڪپڙي نه هيٺ لي اچن ۾ ويهه. سوامي جن پنهنجي لوچ
ڏيئي سندن رڪاوٽ هٽائي ڇڏي. باباجن ڄڃ مان اتي
چيو ته مهنجو ڪم ته پورو ٿي ويو. ٻڌائي پتايو ته ڪپڙي
لبريه استان لي رهي پڇن ڪيان. جنهن ڪسي سوامي جن
اپديش کين نه ستسنگيءَ جو سواوت ۽ ترڪايوت پڻ مڪمل
عملا ڪن، جيڪڏهن لياڪي لي رهنديون ته پوءِ توکي ان جو
ڪانڌر پولندو ۽ متي نيڪڙ ۽ شيوا ڪرڻ وارا ماڻهو تنهنجي
ڪمائي لڳي ويندا. ڪوڙ ڪو ڪم ڪار يا نوڪري ڪر
[illegible] ڪمائي ڪرڻ سان پڇن قلدانڪ ٿي لو.

تنهن کري ٻاٻاجن ٢۴ نمبر سک پلٽڻ ۾ ڀرتي ٿيا ۽
ٽي سال آڳري ۾ رهي نوڪري ۾ ڪٽي ۽ سٽسنگ جو ۾
لاڀ ورتو. ان کان پوءِ سندن پلٽڻ جي بدلي ٿيندي رهي
پر هو جتي ۾ رهيا اتي ابياس ڪندا رهيا. سندن آفيسر
جن کي گورمکي سيکاري هئائون. سي سندن ڏاڍي عزت
ڪندا هئا. جڏهن ۾ ڪا ٻن ڇٽن ڏينهن جي موڪل ٿيندي
هئي ته سڄو وقت ابياس ۾ گهاريندا هئا. اهڙي طرح ٽرايب
٣٣ سال نوڪري پوري ڪري رٽائر ٿيا ۽ ١٨٨٩ع ۾ بياس
نديءَ جي ڪناري جهوپڙي ٺاهي ايڪانت ۾ ڀڄن ڪرڻ
لڳا ۽ باقي حياتيءَ جو وقت اتي گذاريائون. انهيءَ ڪري
ان جڳهه جو نالو ڏيرا ٻابا جيمل سنگهه پئجي ويو. سنت مت
جو پرچار ۾ ڪندا هئا ۽ رات ڏينهن نام جي ڪمائي ۾ ۽
آخر ٢٩ ڊسمبر ١٩٠٣ع تي پرمڌام سڌاريا.

١۴ نومبر

اڄ شام جو سرسي جي سٽسنگ گهر ۾ سٽسنگ ٿيو.
حضور جن کي اڄ کله خارش جي تڪليف رهي آهي ۽
ڊاڪٽر ٻلونتسنگهه انهيءَ لاءِ ڪا دوا تجويز ڪئي آهي.

باب تيرهون

سڪندرپور مان واپسي ۽ ڏيري ۾ رهائش
٢٣ نومبر کان ١٤ ڊسمبر ١٩٤٣ع

٢٣ نومبر ١٩٤٣

صبوح جو ٤ بجي سڪندرپور مان روانا ٿياسين ۽ اٽڪل ١٠ بجي جلندر پهتاسين. ٿورو وقت آرام ڪري ٻئي ڳوٺ ستسنگ لاءِ وياسين، جتي شام جو ٤ بجي ستسنگ ٿيو.

٢٤ نومبر

اڄ هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ جو هتان ٣-٤ ميل پري آهي ستسنگ ٿيو. گرنٿ صاحب جي هڪ شبد جي وياکيا ڪندي حضور جن فرمايو ته ديوي ديوتائن جي مورتن جي پوڄا ڪرڻ لاڀدائڪ نه آهي. سڀ ديوي ديوتائون انسان جي اندر آهن ۽ جڏهن من ۽ آتما کي ايڪاگر ڪري ورتي انترمک ڪجي تڏهن اهي نظر ايندا ۽ پتو پوندو ته هو انسان جي سيوا واسطي آهن نه ڪ پوڄا واسطي. انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ انهيءَ مٿش چوڻي لاءِ ته ديوي ديوتائون به لڇن پيا. انهيءَ ڪري انسان کي جڳائي ته پوري گروءَ کان نام جو ڀيد وٺي ابياس ڪري روحاني منڊلن جو آنند پراپت ڪري.

ان پوءِ جو هتان ٿورو پري هڪ ٻئي ڳوٺ ۾ ستسنگ ٿيو ۾ سنگت آس پاس مان ڪافي تعداد ۾ آئل هئي. جيتوڻيڪ

٥٠-٦٠ هزار ماڻهو هئا تڏهن به ستسنگ ۾ بلڪل شانتي هئي.
”ڪام ڪروڌ ۾ هر ۾ لندا“ شبد جي تشريح ڪندي حضور جن فرمايو ته جڏهن ڪام ڪروڌ ۽ لب لالچ کي ڇڏي خيال شو نيتر ۾ ڪتو ڪبو ته ڀورين ٻجليءَ جو چمڪاٽ، ٻوءِ تارا سج ۽ چنڊ نظر ايندا. انهيءَ کانپوءِ گوروءَ جي نوري سروپ جو درشن ٿيندو ۽ جڏهن ڌيان مڪمل ٿيندو تڏهن سرت شبد سان جڙندي.

٢٥ نومبر

راحت جلندر ۾ رهياسين ۽ صبوح جو ١١-١٢ بجي ڏيري پهتاسين.

٢٧ نومبر

اڄ صبوح ۽ شام ٻئي دفعا ستسنگ ٿيو. شام واري ستسنگ ۾ سار بچن مان،

”ستسنگ ڪرت بهت دن بيتي،
اب تو چوڙ براني اسان.“

شبد کنيو ويو. ستگورن فرمايو ته هن دنيا ۾ ڪو ڪنهن جو سچو متر نه آهي سڀ رشتا ناتا مطلب جا آهن. صرف گوروئي سچو سڄڻ ۽ مددگار آهي. سنسار جي فاني پدارٿن ۽ پراڻين سان پيار ڪري اسانکي بار بار دنيا ۾ جنم وٺڻو پوي ٿو. جهڙي طرح هرڻ جي محبت ڪارڻ پرت رشيءَ کي هرڻ جي جونءِ ۾ اچڻو پيو.

”مرگ کي پريم بس پرت ڌري ڦر ديهه،
ڪبير تن ڪي ڪون گتي جن کي لاک سنيهه.“

حضور جن وڌيڪ فرمايو ته صرف سمرن دوارا ٿي سر بر خالي ٿي سگهي ٿو ۽ اشاري طور چيائون ته پڙهيل لکيل جيٽلمين شيوا ڪرڻ کان هٽڪن ٿا حالانڪ ساڌ سنگت جي شيوا مان ٿي پرمارٿ ۾ ترقي ٿئي ٿي.

٢٨ نومبر

سٽسنگ ۾ ٻه شبد ڪيا ويا،

"اوچل ايڪ سدا سچ سوئي،
ٻوري گور ني سوجهي هوئي."

۽

"ڏام ابدي چالو پاڻي،
ٻرالي دس ڪيرن رهيا."

واڪيا ڪندي سٽگرون فرمايو ته سڀئي ڪامل فقيرن ۽ سنتن جو مارڪ پنجن شبدن جو رهيو آهي. منش کي جڳائي ته پنهنجي قيمتي زندگي پرالي ڪمن ۾ وڃرت نه وڃائي، پنهنجي آء ۽ ڪم لوشو ڪلو ڪري. شرير جو پالڻ پوشڻ، سنساري ڏنگ واس ۽ رشتا ناتا، ڪٽنب پروار، جائي ۽ دنيا جي شيئا سڀ پرائي ڪمن ۾ داخل آهن. انسان جو پنهنجو ڪم ته اهو آهي ته آتما کي شرير ۽ من جي بندڻن کان آزاد ڪري آنڪ منڊل ۾ پهچائي پنهنجو جنم مرڻ جو چڪر ختم ڪري.

٣٠ نومبر

اڄ تي تيه حضور جن تمام ڏينهن ڏيڻ ۾ مصروف رهيا ۽ شام جو سٽسنگ ڪيائون. جنهن کانپوءِ رات جو ٨ بجي تائين نيال بڌائون. سيائي امرتسر ويندا.

٢ ڊسمبر

ڪٿي ڪن ڪان موٽڪي انفلوئنزا آهي. اڄ صبح جو حضور جن لاهور ويا ۽ سياڻي موٽي ايندا.

باب چوڏهون

سڪندرپور جو دؤرو

١٥ کان ٢٧ ڊسمبر ١٩٤٣ع

صبوح جو ٥½ بجي روانا ٿياسين، رستي ۾ لڌيانـي ۾ حضور جن سنگت کي درشن ڏنو. پوءِ موگي، ڪوٽ ڪپوره مڪلسر جي سنگت کي درشن ڏيندا شام جو ٥ بجي سرسي پهتاسين.

١٦ ڊسمبر

سڄو ڏينهن نيپال لکڻ ۾ گذري ويو ڇو تہ ڪيترن ڏينهن جي نيپال ڪٺي ٿي ويئي هئي. راءِ بهادر سردار سنگهہ حضور جن جي پوٽيءَ جي شاديءَ لي ٥٠٠ روپين جو چيڪ موڪليو پر حضور جن ڪيس واپس موڪليو ۽ فرمايائون تہ جيڪڏهن ستسنگين سان ڏي وٺ جو رستو رکبو تہ پاڻ پريم گهٽبو.

١٩ ڊسمبر

شام جو ٥ بجي سرسي ۾ ستسنگ ٿيو. وياکيا ڪندي حضور جن فرمايـو تہ ڪمائيءَ ڪرڻ بنا مڪتي نہ ٿيندي. جي هن جنم ۾ نہ ڪندا تہ ايندڙ جنم ۾ ڪرڻي پوندي. پوءِ هڪ ساڌوءَ جي ڳالهہ ٻڌايائون تہ هو پشڪر ليرٿ لي ٿي ويو تہ هڪ ٻئي ساڌوءَ پڇيس تہ الي ڇو ٿو وڃين؟ جواب ڏنائين تہ پشڪر ۾ اشنان ڪرڻ سان منش جنم ملندو. تنهن

ٻي ھن ساڙھي ڇيس ڏ ھيٺر ۾ ڏ لون منش چولي ۾ آھين.
جڏهن ته اڄ ھلي ڪري ڪرڻو آھي سو ڪين ھيٺر ڇو
ليو ڪريان ؟

٢٠ ڊسمبر

ڪنھن آفيسر جي خط جو جواب لکائيندي حضور جن فرمايو ته جڏھن کان دنيا ٺھي آھي تڏھن کان اسين چوراسي لک جونين ۾ ڀٽڪي رھيا آھيون. صرف منش ديھ ۾ ئي پرماتما سان ملي انجيءَ آواگون جي چڪر مان ڇوٽڪارو پائي سگھجيٿو. اھو اڌڪار ديوي ديوتائن کي ڪونھي جاڪاڻ ته برھم منڊل کان پاتال تائين سڀ انھي چڪر ۾ قائل آھن. جپ تپ، دان پن، ڪرم ڌرم نيڪ ڪرمن ۾ داخل آھن جن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ وري دنيا ۾ اچڻو پوندو. ڌن آتمڪ نام ۽ پوري گروءَ جي شرڻ بنا نرواڻ ناممڪن آھي.

٢٥ ڊسمبر

شام جو ٧ بجي جڃ آئي. سپاهي سردار ھرنس سنگھ جي سپتريءَ جي شادي آھي. شھر جا معزز ماڻھو، بالاعملدار ۽ خاص خاص ستسنگي شاديءَ ۾ شامل ٿيا. سرسي کان سڪندرپور تائين سڙڪ تي نشان لڳايا ويا ھئا ۽ آخر ۾ ڪجهه حصي کي ليڪ ڪرايو ويو. گھوٽ فوج ۾ ڪپتان آھي ۽ شڪل شبيھ ۾ ڪافي سندر ۽ شاندار آھي. مھمانن جي خوب خاطر تواضع ڪئي ويئي.

٢٦ ڊسمبر

صبح جو الڪل ٧ بجي حضور جن شانتي آشرم (سندن سڪندرپور واري گھر جو نالو) جي اڳيان آسادي وار جو ڌن ٻڌڻ لاءِ آيا ۽ جاڃي ٨ بجي آيا. گھوٽ ڪنوار کي گرنٿ صاحب جي سامهون وھاريو ويو ۽ آنند ڪارج کان اڳ

ستگورن گورو گرنٿ صاحب مان هڪ شبد جو ارٿ ڪيو.
لکهن ڪانپوءِ گرنٿ صاحب مان "لائون" پڙهيون ويئون.
راڳين شبد ڪيرتن ڪيو. ڇنڇ کي هڪ بجي ڪاڌو، شام جو
۵ بجي چانهه ۽ رات جو ۱۰ بجي وري ڪاڌو ڏنو ويو.
حضور جن ۽ پيا معزز ستسنگي ڪاڌي وقت موجود هئا ۽ سيني
جي خوب مهمانوازي ڪئي وئي. ڪيترا ستسنگي جيڪي
بغير دعوت جي آيا هئا تن جي به سردار هربنسگهه خاطر تواضع
ڪئي. حضور جن جو سڄو خاندان مهمانوازيءَ جي گڻ سان
پرپور آهي.

۲۷ ڊسمبر

صبح جو جڇ روانو ٿي ۽ حضور جن به هڪ بجي ڏيري
لاءِ روانا ٿيا ۽ شام جو اتي پهتا.

سوجهي پئي ٿي.
شام جو گرنٿ صاحب مان،

" دنيا نه سالاهي جو مرونجسي "

شبد ڪيرتن ويو جنهن ۾ گورو صاحب هدايت ڪئي آهي ته انسان کي دنيا جي پدارٿن ۽ پراڻين سان محبت نه رکڻ کپي ڇاڪاڻ ته اهي سڀ فنا ۽ ناسونت آهن. ڪنهن گورمک سادوءَ يعني جنهن پار برهم تائين رسائي ڪئي آهي، سان پريت ڪرڻ ڪري جنم مرڻ ختم ٿي ويندو.

٢٩ ڊسمبر

اڄ ڀنڊاري جو ستسنگ هڪ بجي شروع ٿيو جنهن ۾ ٥٠ هزار کن سنگت هئي. لائوڊ اسپيڪرن جو انتظام نهايت عمدو هو انهيءَ ڪري سڀني کي آواز صاف صاف ٻڌڻ ۾ آيو. ماڻهن جي ورلي ڀوريءَ طرح ستسنگ ۾ هئي. حضورجن گرنٿ صاحب مان ۾ شبد ڪنيا ۽ وياکيا ڪندي فرمايو ته پرماتما نه آسمان ۾ آهي نه گرنٿن پوٿين ۾ بلڪ انسان جي اندر. گرنٿن پوٿين ۾ پرماتما جي مهما لکيل آهي. صرف انهن کي پڙهڻ ائين آهي جيئن ڪو بيمار فقط بيماريءَ جو نسخو پڙهي پر انهيءَ مطابق دوا ناهي نه کائي ۽ پوءِ ۾ شفا جي اميد رکي. ستسنگ کان پوءِ شيوا ٿي ۽ حضورجن هڪ ستسنگيءَ کي فرمايو ته ٻيءَ ماءِ جي شيوا خوش قسمت انسان کي ملندي آهي.

٣٠ ڊسمبر

اڄ نام دان ڏنائين حضورجن شام جو ۴ بجي فارغ ٿيا ۽ پوءِ شيوا لئي تشريف وٺي آيا. اتي هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو ته منهنجو پٽ لڙائيءَ ۾ ويو هو جنهن هن بابت دکدائي خبر آئي. اسان گهر جا سڀ پاڻ نهايت دکي ٿياسين

۽ سڀني گروهه جي حضور ۾ وينتي ڪئيسين تہ ڇو ڪري
بابت ڪا سٺي خبر اچي. ڪجهه وقت کان پوءِ منهنجي پٽ
جو خط آيو جنهن ۾ لکيو هئائين ته داداجن ڪيس الي دوشن
ڏيئي حڪم ڏنو ته پنهنجي گهر جلدي چڱڀلائيءَ جي چٺي
لکي موڪل جاڪاڻ ته پنهنجي گهر وارا چنتا ۾ آهن. شيرا
ٽان پوءِ حضورجن پنهنجي ڪوليءَ ۾ ويا ۽ جڏهن مان رات
جو ۹ بجي ڪڏهن ڪم سان الي اچانڪ ويس ته معلوم ٿيو ته
حضورجن اجا روئي ڪاڻ ڪاڏي آهي ٻاڪ ۹½ بجي فرمائون
ته نهال ڏسي ولون. اهو حال آهي ستگورن جي سخت
محنت جو جا هو ستسنگ لاءِ ڪري رهيا آهن.

۱ جنوري ۱۹۳۴

دهليءَ جو مشهور اکين جو ماهر ڊاڪٽر شراف اڄ صبح
جو ستگورن وٽ آيو. هن اهڙي سوال پڇيا جي عام طور
تعليم يافته ماڻهو پڇندا آهن. فرمائما هيءَ دنيا ڪاهي ڇو؟
جڏهن هو ڪُل جو پيدا ڪار آهي ته پوءِ برائي ڇو ٿا ڏيکارين ۽ جي
ٿا ڏيکارين ته ته انکي ختم ڇو نه ڪيائين؟ حضورجن جواب ۾
فرمايو ته انسان جو عقل ۽ من محدود آهن ۽ جڏهن انهن
جي دائري کي پار ڪبو تڏهن پتو لڳندو ته جيڪي ڪجهه
پرماتما ڪيو آهي ۽ ڪري رهيو آهي سو بلڪل ٺيڪ آهي.
هن وڌيڪ پڇيو ته انسان جي زندگيءَ جو مقصد ڇا آهي؟
ستگورن فرمايو ته انسان اشرف المخلوقات آهي ۽ هنکي
جڳائي ته ابياس ڪري، روحاني منزلون طئه ڪري پرماتما
کي پائي پر جي اهو ڪم نه ڪيائين ته سمجهو منش ديهه
وڃائي وئي ۽ وري آواگون ۾ ڦرڻو پوندو.

شام جو،

”ڪرنٿون ديدار محل مين پيارا هئه“

شبد جي تشريح ڪندي داتاجن فرمايو ته انساني جسم

جا ۴ حصا آهن پند، الد، پرهماند ۽ سچکند. هر هڪ حصي
۾ ان کان مٿين منڊل جي ڇهن چڪرن جو عڪس ٿيو تو
انهيءَ ڪري جيئن مٿي وڃبو تيئن رچنا وڌيڪ سوکيم ۽
دلڪش نظر ايندي.

۳ جنوري

صبح جو ڊاڪٽر شراف کي نام ڏنو ويو. شام جو ساربچن
مان ٻه شبد کيا ويا جن جي وياکيا ڪندي ستگورن فرمايو
ته شبد جي ڪارڻ ئي زندگي آهي ۽ نه جن پنجن تتن جو
هيءُ قالب ٺهيل آهي سي ئي هڪ ٻئي جا دشمن آهن.
مٽي، پاڻي، اگني، هوا ۽ آڪاش - انهن پنجن ئي کي شبد جي
ڏار قائم رکيو ٿي ۽ موت وقت جڏهن اها ڏار هٽائي وڃي ٿي
ته مٽي پاڻيءَ ۾، پاڻي اگنيءَ ۾، اگني هوا ۾ ۽ هوا آڪاش ۾
لئه ٿيو وڃي. انهيءَ جو ذڪر گرنٿ صاحب ۾ به ٿيل آهي.

”آگ پاني مٽي اڪ پاسا، آپي ڪيتا کيل تماشا“

ستسنگ کانپوءِ حضور جن پنهن ڪيترن ڪمن ۾ مصروف
رهيا. مطلب ته صبح کان رات جو ۱۲ ٻجي تائين جيترو ڪم
مهاراج جن ڪن ٿا اوترو ڪو به انسان ڪم ڪري گهڻو وقت
حيات رهي نه سگهندو. هر هڪ ستسنگي چاهيٿو ته ٻهاني
ڪبهاني ستگورن جي ويجهو وڃان. اجا پنهنجي ڪرنيءَ
مان نڪرن ئي مس ته ماٺهو کين وڙهيو وڃن. مرحوم سائين
لسوڙي شاه لائلپور وارو سچ چوندو هو ته جنهنجي ٻوڙاٺ
صرف هڪ مک لڳي آرام سو سان نٿو وٺهي سگهي ته پوءِ
جنهن جي ارد گرد سوين مکيون هجن انهيءَ جو ڪهڙو حال
ٿيندو! مطلب ته حضور جن ئي انهيءَ وشال ڪم کي پيا
نباهين نه ته ٻئي ۾ ايترو تحمل ۽ بردباري ڪٿي! هو پاڻ
موڪي چوندا آهن ته مون ته نباهي اچي پورو ڪيو آهي پر
جيڪو منهنجي جڳهه تي ڪم ڪندو تنهنجو ڪهڙو حال

لهندو. دراصل، دنيا ۾ سنت ئي سچا وير ۽ پر اپڪاري آهن.

اچ هڪ ٻروبن ليڊيءَ ستگورن کان پڇيو ته ڌيان ڪيئن ڪجي؟ حضور جن فرمايو ته جهڙو ترکي ستگورءَ جو سروپ ٻاهر نظر اچيتو اهڙيئي سروپ جو اندر ڌيان ڪرڻ جڳائي. ڌيان ڪرڻ جي ڪرشش ڪرڻ کپي پر جيئن ڀمرن ذريعي من جي ورتي ايڪاگر ٿيندي ٿيئن ڌيان قدرتي پختو ٿيندو ويندو. ليڊيءَ وري پڇيو ته من آهي ڇا؟ انرڌيامي ستگورن فرمايو ته جڏهن ارهر جي ڌارا مايا ٿي ڪري، ماڻهوءَ جي هردي ڪنول تي پهچي عڪس وجهي ٿي ته انکي من چئجي ٿو. يعني من انجن لتن جو ستوگڻي انس آهي. انسان ڏٺو آهي ته جي تلاءَ ۾ پاڻي وجهي انس ۾ ڪو ته اڇي ۾ شيءِ جي شڪل نظر ايندي آهي جنهنجو پاڇو ڀر واري ديوار تي پوندو آهي. جي پاڻي صاف ۽ استر هوندو ته پاڇو ۾ چمڪندڙ ۽ استر هوندو ۽ جي پاڻيءَ ۾ ڪچرو ۽ لهرون هونديون ته عڪس اول ته ڏسڻ ۾ ڪونه ايندو پر جي نظر ۾ ايندو ته ڌنڌلو. من جو ۾ اهوئي حال آهي. گيانين جو من استر ٿيندو آهي ۽ مورکن جو چنچل. جڏهن من ڪرمن ۾ ڦاسائي ته ان کي ڪال جو ايجنٽ سمجهڻ کپي ۽ جڏهن اڀياسي مٿين منڊلن جو سير ڪري ته پوءِ من کي آتما جو مددگار ڄاڻڻ کپي.

باب سورهون

ڪالوجي بڙ جو دورو
٦ کان ٩ جنوري ١٩٤٤

جڏهن کان حضور جن ڏهانوسيءَ ۾ بيمار ٿيا، سندن دل انهيءَ جاءِ لاءِ کڄي ويئي ۽ محسوس ڪن ٿا ته اتي جي آب هوا ڪين موافق نٿي اچي. ڊاڪٽرن جو به راءِ آهي ته ٻرڊ اوستا ۾ چئن، ڇهن هزار فوٽن کان وڌيڪ اوچائي واري سردي موافق نه ايندي. انهيءَ ڪري ڪجهه عرصي کان گهٽ اوچائيءَ واري پهاڙ تي ڪوٺي ٺهرائڻ جو خيال اٿن. ٦ تاريخ صبوح جو روانا ٿي اٽڪل ٩½ بجي هوشيارپور پهتاسين جتي پروفيسر ليکراج پوريءَ جي گهر ٿورو آرام ڪيوسين. پوءِ انکي به ساڻ ڪٺي هوشيارپور جي آسپاس پهاڙين کي ڏٺوسين. حضور جن ڌرمسالا ڪوٽ کان قريب ٢ ميل پريان پهاڙي پسند ڪئي ۽ پٽواريءَ کي گهرائي ان جي حد بندي ڪرڻ لاءِ حڪم ڏنو. انهيءَ پهاڙيءَ جو نالو ڪالوءَ جي بڙ آهي ۽ حضور جن جو هر سال گرميءَ ۾ هتي اچي رهڻ جو خيال آهي. ٻئي ڏينهن سرڪاري رڪارڊ ۾ زمين جي رجسٽري ڪئي ويئي ۽ ٩ جنوري حضور جن واپس ڏيري موٽي آيا.

هڪ خاص ڳالهه جو هتي ذڪر ڪرڻ مناسب آهي ته مهاراج جن ۽ سندن همسفر شيوادار سڀ يا ته ڪاڌو پاڻهي ڪٺي ويندا آهن يا جتي ترسندا آهن اتي ڪاڌو تيار ڪندا آهن. صرف ڪير ڪنهن کان گهرائيندا آهن ۽ انهيءَ جا پيسا ڏيندا آهن.

باب سترهون

سڪندرپور جو دورو ۽ اتي رهائش
١٥ جنوري کان ٢٣ فيبروري ١٩٣٤

١٥ جنوري

صبح جو ٩ بجي ڏيري مان ڪار رستي روانا ٿياسين ۽ شام جو سرسي پهتاسين. اتي اڌ ڪلاڪ کن ترسي گرداوال ملس (حضور جن جو ڪنڊ جو ڪارخانو) ۾ پهتاسين جتي حضور جن مشيري ۽ ڪيتن جي ديک ڀال ڪري رات جو ٨ بجي سڪندرپور پهتا.

١٦ جنوري

اڄ حصار مان ڪي وڪيل ستسنگ ٻڌڻ لاءِ آيا ۽ جيستوڻيڪ حضور جن کي زڪام هو ليڪن هوندي به شام جو ٥ بجي سرسي ستسنگ گهر ۾ ستسنگ فرمايائون.

"نام لڪائي ڪرڻ کپي"

شبد جي وياکيا ڪندي ستگورون فرمايو ته نام ٻن قسمن جو آهي هڪڙو جو لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچي جهڙوڪ رام، الله، واهگورو، خدا وغيره. اهو ورناتمڪ نام چئن قسمن جو ليندو آهي. پرا، پسنتي، مدما ۽ بيکري. پر سنتن جو نام ڌن آتمڪ يعني "Sound Current" آهي جنهنکي انجيل ۾ "Word" ويدن ۾ "آڪاش واڻي" ۽ مسلمانن جي مذهبي ڪتابن ۾ "بانگِ آسماني" سڏيو ويو آهي. ورن آتمڪ نام جي جاپ سان خيال شو نيتر ۾ اڪاگر ٿيندو ۽ سچ

چند ۽ تارن جا منڊل جهڙيڪي ويدن ڏيڻ ۽ هٿون جو
مارڪ ڪيو آهي، طئي لي سگهيتو.
انهيءَ کان متي رسائيءَ لاءِ ٻئي قسم جي نام يعني ڌن
آتمڪ نام جي ضرورت ٿيندي. اهو عرشي آواز تارا منڊل
کان هيٺ نه ٻڌڻ ۾ ايندو آهي ڇو ان ۾ ڪشش نه هوندي
آهي چاڪاڻ ته جيڏو لوڪ کان هيٺ آتما سرير جي روم روم
۾ ڦهليل رهندي بلڪ شرير جي دوارن ڪتب پريوار، يار
دوست، قوم مذهب ۽ ٻين انيڪ ٻنڌنن ۾ قائل رهندي.
سنت ستگورو جنهن جو اصلي سروپ شبد آهي سو اسانکي
انهن ٻنڌنن مان ڇڏائي متي ولي وڃڻ لاءِ اڇيتو. ڪي ماڻهو
سنتن کي چوندا آهن ته اسانکي ٻيا ڪمائيءَ جي ڪي اندر
جا نظارا ڏيکاريو ته يقين اچي ته اهو اهڙي طرح آهي جيئن
ڪو نئين ريشمي ڪپڙو ڪنڊن تي پيل هجي. جي هڪدم
ڪپڙي کي ڇڪبو ته ڇيهون ڇيهون ٿي ويندو. ٻوءِ حضور جن
هڪ ودوان پنڊت جي وارتا ٻڌائي جنهن باباجي مهاراج جن
کان نام ولي ٦ مهنا کن اڀياس ڪيو ته چاڪاڻ ته ودوانن جو
خيال ڦهليل هوندو آهي، هنکي اندر ڪجهه پرڪاش ڏسڻ ۾ نه
آيو. سو نام جو ابياس ڇڏي وري ٦ مهنا پراڻايام ڪيائين.
جڏهن ڪجهه به لاڀ نه پيس ته اچي باباجن کي لڳو ته مونکي
ڪجهه اندر ضرور ڏيکاريو ٻوءِ پل منهنجي جان نه هلي وڃي.
باباجن گهڻو ئي سمجهايس ته انهيءَ ۾ تنهنجو نقصان آهي ٻر
هو ضد کان نه لٿو. آخر جڏهن ٻڇن ۾ وهاري باباجن توج
ڏنس ته اوندو ئي ڪري پيو ۽ لڳو لڙ لڙ ڪنبڻ. باباجي
مهاراج جن جڏهن هنجو ڌيان باهر آندو ته ڪجهه دير ڪانپوءِ
شانتي آيس ۽ چوڻ لڳو ته لعنت آهي مونتي جو مون سنتن
جو چيو نه مڃو. جڏهن باباجن پڇس ته گهبرائجي ڇو وئين؟
ته جواب ڏنائين ته اڻين محسوس ڪيم ڄڻ ڪروڙين اجليون

منوهرجي ملان محمد ادي ڪڙڪهون . مطلب ته متين معدلن جيو ابوسهاش کي آلما ڏاري ڏاري ڀڄاري سگهيتي .

جوهڪي صرف ورنا آلمڪ نام جو جاپ ڪندا آهن . ليڪن جيا معال امر ڪن اي سهال اکڻ جي ابوان ايڪاڪو اي سگهيتو ار بيامعان ته هو صرف زبان سان جاپ ڪن تا الهيءَ ڪري هندو من ايڪاڪو لئو لئي ۽ جاپ جو اصلي مقصد هيڪي همدل لئو ادي . دنيا جا سڀ عام مسمتانتر ورن آلمڪ نام ورنا ۾ لڳا پيا آهن ۽ ڏن آلمڪ نام کان ناواقف آهن .

مهاليه واسه جيو ۹، ۱۰ اجي جي وچ ۾ مان جڏهن: مدروچن کي مساسه ڪتاب ڏسڪارڻ وس ته الي پاڻي ٻاديءَ هڪ سربدار ٽپالهه پڏائي ته هڪڙو شخص هو مالدار پر مهاڪنجوس . جڏهن هو مرڻ لڳو ته هنجا پٽ ڀرسي ارد گرد اچي ڪٺا ٿيا . پٽا ڪين چيو ته مولڪان هڪڙي ڳالهه دان ڪرائيو ان کي پٽن پڇيس ، ” بابا ! ڳالهه دان ۾ باسڻ ساڻ ڳوٺ واپس ته ڪولد ايندا ۽ جي انهن ڪيو ته ڪاندو ني [illegible] “ [illegible] فرمايو ته دنيا ۾ ڳووءِ ڪانسواءِ ڪوبه [illegible] ڪونه . تنهن کي پاڻي شاديءَ پهچي ڳوٺ [illegible] ڪ [illegible] ته هڪڙي پڌي مرڻ وڻل ڪبيڪي [illegible] وچان ته منهنجي پت کي پڌائيو ته مُب [illegible] ٥٠٠ روپيه پورنل آهن تر جي ته مراد له [illegible] مطلب ته دنيا جا رشتا ناتا سڀ سوارٿ [illegible] فرمائين ٿا .

[illegible] ٿيندا “

”بيءَ ان دولت امر ني پاتا“

جي واکيا ڪندي حضور جن فرمايو تہ سيني ڏومن جي سکيا جو سار حضور سوامي جي مهاراج جن هن شبد ۾ ڏنو آهي . ٨٤ لک جونين پوڻ کانپوءِ منش ديهہ مليٿي . شمس تبريز بہ فرمائين ٿا،

”گاهي شجر در باغ ها گاهي ثمر اسر شاخ ها،
از دستان خراسان در معده آراميده ام.“

يعني ڪڏهن مان باغ ۾ وڻ ٿي، ڪڏهن ٽاريءَ ۾ ميوو ٿي رهيس. گهڻن ئي مونکي ڇني پنهنجي پيٽ ۾ وڌو. انهيءَ آواگون مان ڇوٽڪارو تڏهن ٿيندو جڏهن پورو گروءَ ، پلي ڪپڙي بہ ذات يا ڌرم جو هجي، پيڊ ونـي جيڪو ڪمائي ڪندو تنهنجو بيڙو پار ٿي ويندو ۽ جي اهڙو گورمک تہ مليو تہ وري انهيءَ چڪر ۾ ڪرابو. انسان جو چولو پائي ۾ اسين پوڳـ ولاس ۾ اگيان ۽ لوڪ لاج جي اڏ ين ٿي پوري گروءَ جي کوج نٿا ڪيون ۽ انهيءَ انمول موقعي کي هٿان وڃائي ٿا وهون.

هڪ ستسنگيءَ خط ۾ حضور جن کي لکيو تہ توهان منهنجي سنڪت ولي سهائتا ڪئي ۽ مان اوهانجو اهو احسان ڪيئن چڪايان. مهاراج جن جواب ۾ لکايو تہ ستسنگت جو سدائنت ئي اهو آهي تہ پاسوارت ۽ پنا عيوضي جيون لـي ديا ڪرڻ ۽ سڀدن سهائتا ڪرڻ.

٢٧ جنوري

هڪ ستسنگيءَ عرض ڪيو تہ ڪڇ ماڻهو چون ٿا تہ انسان موت کانپوءِ انسان جي درجي کان ڪري هيٺين جونين ۾ نٿو وڃي ۽ انهيءَ جي تائيد ۾ هو ٻن ڇوڪرين جو تازو مثال پيش ڪن ٿا جڏکي پنهنجي اڳين جنم جي سڌ آهي.

حضور جن جواب ڏنو ته حقيقت اِئين ناهي. اِنسان مان اِنسان ته ڪي نهايت سرشت ڪرمن وارو ٿيو آهي نه ته عام طور شبھ ڪرم ڪندڙ ماڻهو ٻهراڻ سوڳن ۾ ويندا آهن ۽ پهنجي نيڪ ڪرمن جي ڦل ڀوڳڻ ڪانپوءِ وري اِنسان ٿيا هيئين جونين ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ جيڪي دشڪرم ڪن ٿا سي نرڪن ۾ سزا ڀوڳي پوءِ چوراسيءَ جي چڪر ۾ ڪرن ٿا ۽ ڪرڙي، وڇون ۽ نانگ جهڙن جونين ۾ ڏک ڀوڳين ٿا. وڌيڪ فرمايائون ته جيڪي دائي پرش عام جي ڀلي لاءِ ڏرمسالائون، کوھ ٿا ٺيا پر اُپڪار جا ڪارج ڪن ته تنکي پنهنجي پر اُپڪار جو الوقت ناڻين لاءِ پيو ملندو جيستائين جنتا کي انهن مان فيض پيو رسندو.

هڪ امريڪن ستسنگيءَ خط ۾ پڇو ته مٿين مندلن ۾ ستسنگيءَ جي Sex (مذڪر يا مونث جنس) بدلجي ٿي يا نه. ستگورن جواب لکايو ته پار برھم ۾ پهچي Sex يا جنس جو ڪو پيد نٿو رهي. ستسنگين کي پار برھم تائين پهچڻ ۾ ڪنهائي لڳي ٿي پر ستسنگياڻيون پار برھم پهچي روڪجي رهجي ٿيون.

١٠ فيبروري

هڪڙي سک ڊاڪٽر حضور جن کي ٻڌايو ته جهلم ضلعي ۾ هندو مهنتن جي هڪ وڏي گدي آهي. اُني جي مهنت کي حضور جن جي درشن ۽ ستسنگ جو ڏاڍو شوق آهي سندس چيار جيڪو ساٿس گڏ رهندو آهي. سو سنسڪرت جو ودوان آهي ۽ انهيءَ کي به ڏيري اچڻ جو ازحد شوق آهي. ڊاڪٽر صاحب وڌيڪ چيو ته انهيءَ چيلي مهنت کي ٻڌايو ته اڳين جنم ۾ مان لوهاڻي گروءَ جو گورو هوس ۽ منهنجي هڪ ٻولي ۽ هڪ چم منهنجي گهر ۾ هيٺئر به هولدا

۽ جڏهن انهيءَ ڪري مڪان جي لوري ڪوناني ڪيائون ته
ابابر اتان پوئي ۽ ڇڄ نڪتو. تنهن تي حضور جن فرمايو،
"اهو بلڪل ممڪن آهي. بلڪ مان به هن دنيا ۾ وري
ايندس. چاڪاڻ ته ستن جو اهو نيم رهيو آهي ته هو
هتي جي دکي آلمائن کي نام جي پيڙي ۾ وهاري پوساڳر
پار ڪرائين. جيئن فوج ۾ اسٽاف آفيسر (Staff officers) ٿيندا
آهن ليڪن ڪل مالڪ پنهنجا گورمک مقرر ڪيا آهن جنجو
ڪم اهوئي آهي ته آلمائن کي هن سنسار مان ڪڍي سچکنڊ
پهچائين. انهيءَ ڪري اهڙن گورمکن کي جيون جي آڌار لاءِ
دنيا ۾ وقت بوقت اچڻو پوندو."

مونکي ياد آهي ته حضور جن هڪ دفعي فرمايو ته ماڻا
ڇهڙي آهي. هڪ جنم ۾ جيڪا ماءُ آهي سا ٻئي جنم
۾ زال بڻا هن جنم جو پيءُ ٻئي جنم ۾ پٽ بڻجي ته ڪو
تعجب ڪونهي.

٧ فيبروري

جهلم ضلعي جي هڪ ستسنگيءَ جي اڄ هڪ چٺي آئي
جا هن ريت آهي.

"سري حضور مهاراج ستگورو دين دئيال جي راڌا سوامي.
مان اوهانجو اگياني بالڪ آهيان. منهنجي عمر هن وقت
١٨ سال آهي. مونکي نام مليو ٤-٥ سال ٿيا آهن.
حضور جن جي دئيا سان منهنجو ڀڄن سمرن ستو لي رهيو آهي
۽ توهانجو سروپ انگ سنگ آهي. داتاجي! مونسان هڪڙو
واقعو اٿڪل شام جو ٤ بجي ليو جو هن ريت هو. مان شهر
کان سائيڪل تي پنهنجي گهر موٽي رهيو هوس. رستو ڪچو
هو پر جهنگل نه هو. رستي جي موڙ وٽ جڏهن پهتس ته
چا تو ڏسان ته پنج پناڻ بيٺا آهن ۽ مونکي ڏسي ڇه

ته پيو. مون سائيڪل ڪرڻ روڪي. انهن لي هن ٻيو دفعو
ڌڪي ڏني جو ته پيو. جڏهن مان هنجي بلڪل پرسان
لنگهي ويس ۽ هن ٻيون دفعو زور سان رڙ ڪئي ته مان
سائيڪل تان ڪري پيس. ٻر جهٽ پٽ آئي ڪرڙو-ليس ۽
ڪين ڇيو ته ڪهڙو ڪم اٿو؟ انهن ورائيو ته لوڪي ختم ڪرڻو
آهي. جڏهن مون غور ڪري ورئي انهن ڏانهن نهاريو ته
ڏٺم ته هنجي شڪل بدلجي وئي. مونکان سمورن وسري
ويو هو ۽ جڏهن توهانکي ياد ڪيم ته اوري وقت لاغ اوهانجو
اندر ۾ روشن ٿيو. اتي ۾ هڪ شخص جنهن جو روپ
توهان سان ملندو جهلندو لي آيو ۽ هو ٻنهجي هٿ ايندا.
هن روپ سان چيو آڙي ڇوڪرا! تو مونکي سچالو ڪوني
مان تنهنجو گرو آهيان ۽ ٻنهجي گروءَ کي متو-اس نتو
لڳڪين! مان گهبرائجي هرس ۽ جڏهن ڏٺان سان ڏٺم ته معلوم
ٿيو ته هنجي پيشاني ۽ اکيون اوهانجي سروپ ڪنان قربل
ٿيون. تنهنڪري مون اهو پهه جواب ڏنو ماس ته ٻلون لڳ.
آهين ۽ مهنجي گروءَ جو نئي روپ ٻنائي مونکي ٻڌڪو
ڏيڻ آيو آهين. مان ڪڏاڇت تنهنجي اڳيان نه جهڪيندس.
اهو ٻڌي هن مونکي خوب ڌمڪايو پر جڏهن مون ٣-٤
دفعا سمورن ڪيو ته هو هڪدم غائب ٿي ويو. جڏهن هو
ويو ته مون توهانکي ڏهه قدم کن ٻرڀان ايندو ڏٺو ۽ ان
وقت اوهانجي هٿ ۾ لڪڻ هو. مون توهانکي جڳي طرح
سچالو ۽ سمرن ڪندي توهانکي راڌا سوامي جئي.
مرت ۾ توهان به راڌا سوامي جئي ۽ مون توهانجي چرنن ۾
ٻنهجو سر رکيو. اوهان مونکي همتائيندي فرمايو ته شاباس
پٽ! تو بلڪل ٺيڪ ڪيو. الين ني ڪرڻ کپي. هاڻي توهان
ٺاي وڃ. مون عرض ڪيو ته حضور پهرين توهين هلو. تنهنتي
اوهان ڏهه قدم کن هلي گم ٿي ويا ۽ هو ٥ پنڌ مونکي

ڇورڻ لڳا ته اسانکي اجازت ڏي ته اسين ٻه وڃون. مون چيومان ته وڃو نه وڃو تنهن ۾ منهنجو ڇا؟ ٻئي ماڻ سائيڪل تي چڙهي جڏهن هليس ته هو منهنجي ٻيان هليا. تنهن تي ٽوري ڏاڍ کان ٻئي مون پڇيومان ته توهانکي ڇا کپي؟ تنهن تي چيائون ته اسانکي موڪل ڏي ته اسين ٻه وڃون. مون چيومان ته چڱو وڃو. بس منهنجي ڇورڻ جي ڏاڍ ۽ هو غائب ٿي ويا. سچي پاتشاهه! مان هيءَ ڪا سڀني ٻيا پڇڻ جي حالت ۾ ڏيهن ڏني جو واقعو عرض ڪيو آهي. جيڪو توهانجي شڪل ذاري آهر هو سو ڪال هولدو ۽ هو ٥ پناڻ ڪير هئا؟"

حضور جن فرمايو ته شڪر آهي جو ائين ويو ۽ جڏهن مون عرض ڪيو ته ڇوڪري کان هٿن پناڻن وڃڻ جي اجازت ڇو پئي گهري. فرمايائون ته ڇوڪري سمرڻ دوران هٿن جي شڪتي ختم ڪري ڇڏي ۽ هو هٿجي تابع ٿي پيا هئا.

٩ فيبروري

اڄ ممباسا (آفريڪا) مان هڪ ستسنگيءَ جو خط آيو جو اکر ۽ اکر درج ڪري رهيو آهيان.

"راڌا سوامي! هن کان اڳ ١٩ ڊسمبر ١٩٤٣ جو ڄام نگر مان مون اوهانجي شيوا ۾ هڪ پتر لکيو هو ته مان توهانجي ديا مهر جي سهاري آفريڪا وڃي رهيو آهيان ۽ مان توهانجو نماڻو داس تاريخ ١٥ جنوري سک سلامتيءَ سان ممباسا پهتس. منهنجي هن چٺي لکڻ جي مراد صرف اها آهي ته جهاز ۾ ويندي مون ڇا اوهانکي تڪليف ڏني انلاءِ معافي وٺان. ٧ ۽ ٨ جنوري جي درمياني رات جو اهڙو سخت طوفان اچي لڳو جو جهاز اڳتي وڌي نه سگهيو. خوفناڪ لهرن ڪڏهن جهاز کي هن پاسي ته ڪڏهن هن پاسي پئي اڇليو.

جهاز ۾ ١٠٢ مسافر هئا . سڀيئي سخت پريشان هئا ۽ بچڻ
جي اميد لاهي ويٺا . جهاز جي ڪپتان چيو ته هن وقت
صرف پرماتما ئي مدد ڪري ٻاڏي ٻيڙو ڪنارو لڳائي.
انهيءَ اوکي گهڙيءَ ۾ اوهان جي چرنن ۾ مون ارداس ڪئي
ته مان ڪٺي ڪهڙو نه ڪمالن آهيان تڏهن بہ اوهان پنهنجي
نام جي ٻيڙ رکو. انهيءَ ڪالهوءَ مان بيهوش ٿي ويس ۽ انهيءَ
بيهوشيءَ ۾ محسوس ڪيم ته مان ڏٺري اوهانجي ڪرليءَ ۾
آيو آهيان ۽ ڏسان ٿو ته توهين ليٽيا پيا آهيو. مون ان وقت
اڏيئي پڪاريو ته اسين مصيبت ۾ اچي ڦاٿا آهيون ۽ توهين
آرام پيا ڪيو. اهو ٻڌي توهان جتي ٻالڪ ٺا ئي اٿي هليا.
جڏهن مان هوش ۾ آيس تڏهن ڏٺم ته مسافر پنهنجن ڪمرن
۾ وڃي رهيا آهن ۽ ڪپتان صاحب چئي رهيو آهي ته هاڻي
ڪو خطرو ڪونهي. سڀ شڪر ٿي سمهي پيو. انهيءَ وقت
اوهانجي اپار دَيا جو اظهر ڪري دل ڀرجي آئي.

هڪ ٻي ستسنگيءَ خط لکيو ته پندرهن چونڊ ٿا ته جيڪر
مرليءَ کي ٻُڌر سمجهي پوڄا ڪندو انهيءَ کي ڪوبہ لاڀ
ڪونہ پوندو ۽ جي ڪو شرڌا ۽ پريم سان پوڄيندو تہ ٻوه
هللاءِ اها مرلي ديوتا جوئي ڪر ڏيندي ۽ پوڄاريءَ کي
انهيءَ ديوتا جو پرلڪ درشن نہ مليندو. الہ آباد ۾ ڪرشن
ڀڳوان جو هڪ پرڀي ڀڳت هو ۽ جڏهن هنڪي ڪرشن ڀڳوان
درشن ڏنو تڏهن هنکي پنهنجي غريبي دور ڪرڻ لاءِ
وينتي ڪيائين. اهو پرهمڻ هن وقت نہ جيئرو آهي ۽ ڪافي
مالدار آهي.

حضور جن خط جو هي جواب لکايو:-

رشين منين جن التريمڪ رسائي ڪئي، مرلي پوڄا انهيءَ
لاءِ شروع ڪئي ته دنيا جي جيون کي التريمڪ اپياس جو
شوق جاڳي ۽ جن مهاتمائن جي مورتين جي، هو پوڄا ڪن ٿا.

جو اڀياس ڪري اندر وڃي ساڪيات درشن ڪن. پر چاڪاڻ
ته من کي انترمک ساڌنا مشڪل ٿي لڳي، انهيءَ ڪري
دنيا جا لوڪ ٻاهرئين ٺاڪرن کي مٿو ٽيڪڻ ۽ پوڄا ڪرڻ
۾ رڌجي ويا. جن مهاتمائن کي گذريل جڳن ۾ ٿي چڪا آهن
تن جو هن وقت هتي اچڻ ناممڪن آهي. مالڪ ۾ سمائجي
ويا هن گندي دنيا ۾ واپس اچڻ جي ڪهڙي
ضرورت! هيءَ دنيا رچنا جو سڀ کان هيٺيون طبقو آهي ۽
ڏکن ۽ ڪليشن سان ڀرپور. جهڙيءَ طرح ٻار ٿي جيئن مٿي
چڙهبو ليئن وڌيڪ ٿڪاوٽ محسوس ٿيندي ليئن جڏهن
ساڌڪ اڀياس ذريعي مٿين منڊلن ۾ وڃبو ته ڪيس خوشي ۽
شانتيءَ جي پراپتي ٿيندي.

هن لوڪ ۾ ڪٿي به شانتي ناهي. سک ۽ شانتي
انسان جي اندر آهي ۽ اها ان وقت پراپت ٿيندي جڏهن
آتما من ۽ مايا جي دائري کي پار ڪندي. اهو اڪيلو آهي
ته جي مورتيءَ کي شردا سان ديوتا سمجهي پوڄبي ته فائدو
ٿيندو سو وقتي آهي ۽ من جو دوکو. مورتيءَ ۾ صرف
هڪڙو تت آهي چاڪاڻ ته هوءَ مٽيءَ يا ڌاتوءَ جي ٺهيل
آهي ۽ انسان ۾ پنج تت موجود آهن. هاڻي انسان جو پنجن
تتن جو پتلو آهي سو جي هڪ تت واري مورتيءَ جي پوڄا
ڪندو ته موت کانپوءِ پٿر يا ڌاتو ٿيندو. مورتيءَ ۾ پرماتما
کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪرڻ کان بهتر آهي ته اسين پنهنجي
اندر برهم پاربرهم جو ساڪيات درشن ڪريون.

سڀ کنڊ برهمنڊ انسان جي اندر آهن. ملڪ اوتار پيغمبر،
برهم، پاربرهم ۽ خود خدا سڀ انسان جي اندر آهن. انهيءَ
ڪري اسانکي جڳائي ته پنهنجي اندر کوج ڪيون. هڪڙو
مورتي پوڄا ڪندڙ مونوٽ آيو ۽ چيائين ته جنهن اشٽ جي
مان پوڄا ڪندو آهيان تنهنجو مونکي اندر به درشن ٿيندو

آهي • مون ڪيس چيو ته اهو صرف تنهنجي من جو وهم آهي •
تنهن تي هن پڇو ته مان ڪيئن مڃان؟ مون چيومانس ته پاڻي
جڏهن ڪنهن ڌيان ۾ وهين ٿو تنهنجو اشت تنهنجي سامهون
اچي ٿو تون انکان پڇ ته تنهنجو ديش ڪهڙو آهي، مونکي
الي ڪڏهن وٺي هلندين ۽ الي پهچڻ لاءِ مونکي ڪهڙو
سادن ڪرڻ کپي؟ جڏهن هو ٻيو دفعو مون وٽ آيو ته چوڻ
لڳو ته منهنجي اشت ته ڳالهايو ئي ڪونه. ڪيتري مدت ميڻ
ڪم ۾ بلڪل خاموش. اهڙن موقعن تي مان سمجهائيندو
آهيان ته ڳالهايل مواما ڪرڻ ايندا آهن ۽ جيڪي ڪجهه ڏسڻ
۾ ايندو آهي سو صرف من جو عڪس (Reflection of Mind)
هوندو آهي. تصديق ڪرڻ واسطي توهين هڪ مدت سج
چنڊ يا ڪنهن ٻئي ڏانهن ڌيان سان اهاري اکيون بند ڪندا
ته مدت ۾ توهانکي اهي ئي اندر نظر ايندا. جڏهن ائين ڪندا
آهن ته پوءِ حقيقت جي پرجهه پوندي اٿن.

جي اسانکي ديوي ديوتائن سان ملي ساڻن وارتالاپ ڪرڻو
آهي ته پهنجي اندر پرويش ڪرڻو پوندو. ابهاس ڪرڻ
سان مول چڪر ۾ گڻيش، اندري چڪر ۾ برهما، ناڀيءَ ۾
وشنو، هردي ۾ شو ۽ ڪنٺ ۾ شڪتي ڏسڻ ۾ ايندا. جڏهن
ساڌڪ انهن چڪرن کان مٿي اگيا چڪر ۾ پهچندو ته الي
من ۽ آتما جي ايڪ آهي جتان پرماتما جي چڙهائي شروع
ٿئي ٿي. سمع ستڪرو نام وقت انهيءَ جو سرور پيدا شش
کي ڏيندو آهي.

ڪي چوندا آهن ته پاڻي ڏئي کي پتر مان پرميشور مليو.
جي پاڻي ڏئي کي مليو ته پوءِ سڀني کي ملڻ کپي. اصل
حقيقت ته هيئن آهي ته پاڻي ڏنو گورو هو ۽ ترلوچن سندس
شيوڪ. هنجي مرضي هئي ته هو ترلوچن کان مورتي پوڄا
ڇڏائي کيس اڌهم پنڌ وٺي وڃي. پر ڇاڪاڻ ته پاڻي ڏاو

ذات جو جات هو ۽ ترلوچن برهمڻ، سو ترلوچن پاني ڏني کي گورو ڪري ڪيئن مڃي! پاني ڏنو الي وڃو جتي ترلوچن پنهنجي اِشٽ جي پوڄا ڪري رهيو هو. پاني ڏني کيس چيو، "پنڊت جي! مان به تو وانگر مورتي پوڄا ڪري سگهانتو؟" ترلوچن چيو ته ها. مان توکي پوڄا لاءِ ٺاڪر انهيءَ شرط تي ڏيندس ته تون مونکي هڪ کير ڏيندڙ ڳانءِ ان جي عيوض ڏيندين. پاني ڏني جهٽ هڪڙي ڳانءِ اچي حاضر ڪئي. ترلوچن سوچيو ته هي اِي عقل جاٽ پوڄا مان ڇا ڄاڻي! هن هڪڙو ۴-۵ سيرن جو پٿر ڏئي چيس ته هي تنهنجو ٺاڪر آهي ۽ ٺاڪرن جو سردار. پاني ڏني گهر اچي پٿر اُجلائي ڇڏيو ۽ پنهنجي کان پوءِ وري ترلوچن وٽ ويو. جڏهن ترلوچن پوڄا ختم ڪئي ۽ ٺاڪر کي ڀوڳ لڳائڻ لاءِ مٺائي مورتيءَ جي منهن تي لڳائي پاڻ کائڻ لڳو ته پاني ڏني چيس، "پنڊت جي! پنهنجي ٺاڪر سان ايڏي ٺڳي! هن ويچاري ته ڪاڏو ڪونه پر تون پيو کائين!"

ترلوچن وراڻيو ته ڪڏهن پٿر به ڪاڏو آهي؟ پاني ڏني لهي پهي چيس ته جي پٿر کائي نٿو ته ڏيندو ڇا؟ تون مونسان ڳڻ هلي ڏس ته منهنجو ٺاڪر ڪيئن نه منهنجا سڀ ڪم پيو سنواري. ترلوچن حيران ٿي پڇيو، "ڏنا سچ پچ ائين آهي!" جڏهن هو پاني ڏني جي کيت ۾ پهتو ته ڏسي ته نار پاڻيهي پيو هلي. ترلوچن چيو ته نار ته هلي پيو پر هلائيندڙ مونکي ڪونه ٿو نظر اچي. الي پاني ڏني کيس سمجهائڻ شروع ڪيو ته تون ڪرم ڪانڊ ۾ اُلڪيو پيو آهين ۽ توکي پنهنجي ودنيا ۽ پنڊت هئڻ جو اهنڪار آهي. مطلب ته سندس سڀ نقص ڪڍي پڌرا ڪيائينس. ترلوچن تڏي سيني پڌندو رهيو ۽ آخر روئي ڇوڙ لڳو ته مون ۾ برابر اهي سڀ عيب آهن، هاڻي مان تنهنجي شرڻ ۾ آيو آهيان. مونکي به اصلي

لاءِ ڪري روشن ڪراءِ. پوءِ پاڻي ڏانهن ڪي اندر جو پيڙ ۽
ڪپڙا ڏار.

اهي ۽ شڪ ناهي ته جاهن کي مورتيءَ جي پوڄا پرم
۽ شردا سان ڪريو ۽ طرح طرح جي ڀاونائن کي من ۾ پيدا
ڪريو ۽ سمجهيو ته مورتي منهنجا سڀ ڪم راس ڪري
رهي آهي ته پوءِ هو سڀ ڪاميابيون مورتيءَ جي طرفان
سمجهيو ۽ ناڪاميابين لاءِ قسمت کي ڏوهه ڏنيو. سڀ
رڌيون، سڌيون، شڪتيون ۽ ڪرامتون جاپ ڪرڻ سان ۽ من
کي ايڪاگر ڪرڻ سان پراپت ٿي سگهن ٿيون پر مڪتي
صرف نام يا شبد ۾ آهي جو انهن سڀني کان نيارو ۽ نيارو
آهي ۽ ابياس ۽ ڪرم ڪرڻ ذريعي پراپت ٿيندو.

۱۲ فيبروري

شام جو حضور جن ۴۰ مردن ۽ زالن کي نام دان بخشيو ۽
لوڪ وقت ستسنگ به ڪيو. حضور جن جي هڪ خاص
خوبي آهي ته ننڍا ننڍا ڪم به پنهنجي نظرداريءَ ۾ ڪرائيندا
آهن ۽ عام مالڪن وانگر حڪم ڏيئي هليا نه ويندا آهن. مثلاً
اڄ ۲ خالي ڊرم ورڪشاپ مان گهر ڪڍي وڃا هئا. رواجي
طرح ٻه مزدور ٻجي ها ته چڱي وڃي ها ته ڊرم گهر ڪڍي اچن ها پر
حضور جن سوچيو ته متان غلطيءَ وچان ڪي ٻيا ڊرم ڪڍي
اچن اهيءَ ڪري ورانڊي پيل ٽانڊيءَ ۾ رکائي پوءِ گهر ڏانهن
اسهيا جيڪو ٺيڪ رات جو ۹ لڳي رهيا هئا.

۱۹ فيبروري

صبح جو سوامي جي مهاراج جن جا آخري وچن راءِ بهادر
شيو ديال سنگهه واسطي حضور جن پڙهايا ۽ پوءِ فرمايائون ته
سوامي جي مهاراج جن جي جوتي جو سماڌ کان پوءِ
راڌا سوامي باغ جي ٿنڀ مان آگري وياسين. ان وقت ساڌو جيس داس

حياتي هو ۽ راڌا باغ ۾ رهندو هو. هو وڏي ڪمائيءَ وارو ساڌو هو ۽ جڏهن اسين هنڪي گڏجڻ ويندا سين ته الي هڪ شيرا دارڻ مونکي ڏسي چيو ته هاڻي هنکي جڳائي ته سواءِ باغ آگري ۾ رهي پنهنجو سورن اکري. لنهنتي ساڌو هنس داس انکي چيو، "اڙي پولي! توکي ڪهڙي خبر تہ هنکي ڪهڙو ڪم ڪرڻو آهي، ڪٿي ڪٿي وڃڻو آهي ۽ ڪهڙن ڪهڙن جيون جو اڌار ڪرڻو آهي." پوءِ چيائين ته اسانکي تہ سواءِ جن حساب سان ڏنو پر باباجي مهاراج جن کي پنهنجي هٿن سان اُٺ ميو ڏنائون.

اڄ هڪ ستسنگيءَ جي سوال جو الر ڏيندي حضور جن فرمايو ته جيڪڏهن ستسنگيءَ جو ستگوروءَ ۾ وشواس آهي ۽ هن دنيا ۾ سندس آشا ۽ موهه ناهي ته پوءِ جي پنهنجو ٿورو ۾ کيو هونداين ته ٻه وري جنم نه ليندس ٻ-ر جي ڪنهن ستسنگيءَ پنهنجي پاڻي گهڻو کيو هجي ليڪن سنساري تما دل ۾ هوندس ته انڌيءَ کي پوري ڪرڻ لاءِ وري جنم وٺڻو پوندس.

٢١ فيبروري

هڪ ستسنگڻ حضور جن کي لکيو ته منهنجو هڪڙو پٽ جو سخت بيمار هو، حضور جن جي ديا مهر جي ڇنٽي ملڻ سان نيڪ ٿي ويو. هاڻي ٻئي چوڪري کي ڪرپا ڪري نوڪريءَ ۾ لڳي بخشو. حضور جن ڪلي فرمايو:-

يڪي را بگذار دگري رابگير.

٢٤ فيبروري

اڄ صبوح جو ٧ بجي سڪندرپور مان روانا ٿي شام جو ٧ بجي ڏيري پهتاسين. ٢٧ فيبروريءَ جو ماهواري ستسنگ ٿيو ۽ ٢٩ تاريخ حضور جن امرتسر تشريف وٺي ويا جتي ٻه ستسنگ ڪيائون. ١ مارچ شام جو ڏيري موٽي آياسين.

٢ مارچ

اڄ ستگورن ستسنگ ۾ فرمايو ته ڪال پنهنجي ٽولڪي آباد رکڻ لاءِ ستيرش ڪان ٣ ور ورتا آهن.

١. سمي ڪرامت ڏيکاري جيون کي پنهنجي شرن ۾ ته آڻين.

٢. ڪنهن به جيو کي پنهنجي ڪدريل جنم جي ياد نه رهي.

٣. هرڪو جيو جنهن سان جون ۾ هجي، انهي راضي رهي.

وڌيڪ فرمايائون ته مهاتمائون ٽن قسمن جا ٿيندا آهن.

مرغي، ڪڇون ۽ ڪونج سمان. جيئن مرغي انڊن مٿان آرو ڪري انهن کي پيالي لي ليئن شيوڪ جيستائين ڳرڀ وٽ رهيتو ته هنکي لاڀ پهچيتو ۽ جيئن ئي دور ٿيو ليئن ئي فيض بند. اهڙي قسم جي مهاتمائن کي سڀ کان هيٺ دوجي جا نمبر ڪري سڏيو آهي ۽ اهي نيترن ڪان هيٺ چهن چڪرن جو اڀياس ڪندا آهن. ڪڇون پاڻ پاڻيءَ ۾ رهندو آهي ۽ سدس انڊا ٻاهر ڇوڙيندا آهن جنکي هو پنهنجي سوچ ۽ نظر سان پچائيندو آهي. اهڙي قسم جا مهاتما آسپاس جي لوڪن کي فيض پهچائي سگهندا آهن.

ڪونج سياري ۾ پهاڙن ۾ انڊا ڇڏي پاڻ هيٺ ميدانن ۾ ايندي آهي ۽ انهن پنهنجي خيال جي ڏار سان انڊا پچائيندي آهي. اهڙي طرح پورو ڳرو هر وقت پنهنجي سک جو خيال رکندو آهي. وارتا آهي ته ڪنهن ڪماليءَ واري ڳروءَ جو چيلو لڙائيءَ ۾ ويو ۽ اتي خفي لي پنهنجي بندوق ڇڏي ولي هلبو. رستي ۾ دشمن جي سپاهين سمجهو ته هي اسانجو ماڻهو آهي. انهن لي جڏهن لشڪر جي قطار لنگهي اڳتي وڌيو ۽ ڳروءَ جو ڏيان ڪياتين ته هن درشن ڏيئي چيس ته هيءَ دشمن جي فوج آهي، واپس وڃي پنهنجي بندوق کڻ، ٽوڪي اچا ٽوڪري ڪرڻي آهي.

باب ارڙهون

سڪندرپور، دهلي ۽ روهتڪ جو دؤرو

۴ کان ۲۳ مارچ ۱۹۴۴ع

صبوح جو ۸ بجي ڪار ۾ سرسي لاءِ روانه ٿياسين ۽ ڪرِيب ۱ بجي سرسي ستسنگ گهر پهتاسين جتي روٽي کائي ۵ بجي ڪنڊ جي ڪارخاني لاءِ روانا ٿياسين. اتي حضور جن ڪيتن جي نگهباني ڪري سج لٿي شانتي آشرم پهتا.

۵ مارچ

شام جو سرسي ستسنگ گهر ۾،

" ڦاڳڻ ماس رنگيلا آيا. "

شبد جي وياکيا ڪندي حضور جن فرمايو ته هولي سيالي ملهائڻ کپي يعني منش جنم جو قدر ڪرڻ کپي ۽ من ۽ اندرين کي وس رکي ڪڪرمن کان بچڻ کپي. ڊاڪٽر ڪرتارسنگهه رستي ۾ هڪ بزرگ ستسنگيءَ، جو چڱي ڪمائيءَ وارو هو، تنهن جي وارتا ٻڌائي. هڪ دفعي هو شهر مان پنهنجي ڳوٺ وڃي رهيو هو. رات ٿي چڪي هئي ۽ رستي ۾ هو هڪ وڏي نهر مٿان جيڪا پل هئي تنهن تان وڃي رهيو هو. اچانڪ ڏٺائين ته ريل گاڏي اچي پهتي. ويچاري جا اوسان خطا ٿي ويا. هيٺ گهرو پاڻي، انڌيري رات وڃي ته ڪيڏانهن وڃي. آخرڪار سليپرن جو حصو جو لائين کان ٻاهر هو تنهن تي مٿو لائين کان پري رکي ليٽي پيو. پُل ۾ ته

ٽرالون ۾ اچي رهيون هيون جڏهن مان هڪ اڇي هن
ستسنگيءَ کي لڳي ۽ سندس چاليءَ جا سڀ هڏا ڀڃي پيا
۽ ڪنڌي جي هڏي ڀڃجي چاءِ لسان هٽي ويئي. رالوي
جو جمعدار، جوڙهيءَ حال ڏسي رهيو هو، انهي الين متسوس
ڪيوجيئن ڪو سفيد پوش ۽ سفيد ڏاڙهيءَ وارو ٻزرگ ٽراليءَ
جي طرف ڊوڙي رهيو هو ۽ تعجب لڳس ته جيتوڻيڪ
ٽرالي هن ماڻهوءَ سان ٽڪري لڏهن ۾ هو لهو ۾ ڪرڻ ڪريو.
ڊاڪٽر چيو ته انهيءَ ستسنگيءَ کي منهنجي گهر کڻائي آيا
چاڪاڻ ته اسانجو ٻاڻو ۾ واڌهو رستو هو. الان اسين هيڪي
سرڪاري اسپتال ۾ کڻائي وياسين. هڪ مست فقير الان
لنگهيو تهن ڊاڪٽر کان پڇيو ته جيڪو زخمي ليو آهي اهو
ڪٿي آهي ۽ جڏهن ستسنگيءَ وٽ ولي واس ته هنکي
چوڻ لڳو، "اڙي لوڪاڻءَ ڪي ڇو مارايو؟ ڏس هاڻي لوڪي
حساب ڏيڻو پيو آهي." پوءِ معلوم ٿيو ته انهي ستسنگيءَ
جوانيءَ ۾ پنهنجي ڳاڻءَ کي اهڙيءَ زور سان لت هڻي هئي
جو هن جون هڏيون ڀڄي پيون هيون ۽ ٢ ڪلاڪ بيهوش
پيئي هئي. سو گوروءَ هنجي انهيءَ ڪرم کي ڪٽايو. هتي
مولانا روم جو ڪلام ياد اچيٿو:-

"مسجدي است اندرون اولياء،
سجده گاهي جمله هست آنجا خدا."

يعني خدا پنهنجي پيارن جي اندر آهي. جنهنکي خدا کي
سجدو ڪرڻو هجي اهو انهن اوليائن کي سجدو ڪري. انين
ته پرماتما گرمکن ۽ عام انسان سڀني جي اندر آهي. گرمکن
جو پڙدو هٽيل آهي ۽ دنيادارن جي من جو پڙدو قائم آهي.
جڏهن پورو گورو ملي ٿو ته پوءِ انهيءَ اگيان جي پڙدي کي
هٽائي پرڀوءَ جو پرڪاش ڏسي سگهجي ٿو ۽ پوءِ اهڙو اپاسي

رد گـورمک ٻجو ٻوي . تلسي صاحب جن فرمائين ٿا ،
سنت نہ هوتي جڳت ۾ جل مرتا سنسار. " گيتا ۾ بہ
ڪرشن ڀڳوان فرمايو آهي تہ جڏهن جڏهن ڌرم جي هاڃي
ٿيئي ٿڏهن اڌرم کي ناس ڪرڻ لاءِ مان ايندو آهيان. مگر
افسوس دنيا جا لـوڪ انهيءَ سچائيءَ کي نٿا مڃين بلڪ
مخالفت ڪن ٿا. دراصل، انسان ٿيئي انسان کي جو عام ماڻهن وانگر
کائي پيئي ٿو ۽ ڪم ڪار ورن ڪري ٿو، انين سمجهي نہ هي
مالڪ جو روپ آهي ۽ صرف اسانجي ڀلي لاءِ ديهہ ڌاري
آيو آهي، مشڪل آهي. جن مثال پرماتما جي دیا ٿيئي اهي
سي انهي راز کي سمجهن ٿا نہ تہ تن دولت، ڪٽنب پوار ۽
دنيا جا پرپنچ جيو کي انهيءَ طرف موڙڻ ٿي نٿا ڏين. هن
راه ۾ هڪ ٻي بہ رڪاوٽ آهي ۽ اها اها تہ سنت جا ٿي ٻڌهي
پنهنجي نندا ۽ آلوچنا ڪرائيندا آهن. سوامي جي مهاراج جن
لکن ٿا.

" نندا چـوڪيـدار بـنائـي ،
ڪوئي جيو ڌسي نهين پـائي . "

اِلهاس ۾ اهڙا انيڪ مثال موجود آهن جڏهن دنيا جي
جيون گرمکن کي انيڪ عذاب ۽ ڪشٽ ڏنا. حضرت عيسيٰ،
محمد صاحب، رام، ڪرشن، ڪبير صاحب، نانڪ صاحب
۽ ٻين مهاتمائن کي لوڪن نانا پرڪارن جون تڪليفون
ڏنيون. پر جن خوش قسمت انسانن سندن اُپديش مڃيو سي
فائدو وٺي ويا ۽ ٻيا خالي رهجي ويا. عام طور اسين گذريل
مهاتمائن جي نيڪ وندنا آهيون ۽ چوندا آهيون تہ انهن
کانپوءِ ڪوبہ سنت مهاتما دنيا ۾ نہ ايندو. مطلب تہ پرماتما
ديهہ ڌاري سنت مهاتمائن دوارا دنيا جو اُڌار ڪري ٿو، انهيءَ
سڌانت کي ٿي اسين موڙي ٿا ڇڏيون. پر اهو نيم اٽل آهي
۽ من جو سڀاءُ آهي تہ هو زنده مهاتمائن جي اُپديش کي

نئو مڃي . سڀ مهاتما الهيءَ حقيقت کي پنهنجي ڀاڳيءَ اندر ڏهرائيندا آيا آهن .

"مولا آدمي بڻ آيا ."

(بلي شاه)

"هر جيو تام پڙ بو وار داس."

(گورو ارجن ديو)

"آن بادشاه اعظم در بسته بود محڪم،
پوشيده دلق آدم يعني ڪه بر در آمد."

(شمس تبريز)

"چونڪ ڪردي ذات مرشد را قبول،
هم خدا در ذاتش آمد هم رسول."

(مولوي روم)

٦ مارچ

اج هڪ ستسنگيءَ جو خط آيو، مون ٢٧ فيبروريءَ تي اوهان کان نام ورتو. ڀاڳي سمرن خود بخود جاري آهي. گويا نام وٺڻ کانپوءِ هفتي اندر سمرن پڪو ٿي ويو. اڳيئن جنم جا سنسڪار ۽ سندس محنت ٻئي ملي فلداڻڪ ليا ۽ ڏ سال تائين ابياس ڪرڻ سان ب اها اوستا پراپت نٿي ٿئي. سنسڪرت پراڻن ۾ ب لکيل آهي ۽ ايڪ جنم جي لڳاتار ابياس سان سڌي حاصل ٿيندي. الهيءَ ڪري تراس تي پهچڻ سمرڻ ۽ ڌيان کي لڳاتار محنت، نشڦل نٿي وڃي ۽ جيڪا ترقي هن جنم ۾ حاصل ڪجيتي ايندڙ جنم ۾ ابياسي اتان ئي ابياس شروع ڪندو. ڪرشن ڀڳوان گيتا ۾ فرمايو آهي ۽ يوگ ڀرشٽ نئو ٿئي يعني ۽ جي يوگ ابياس مڪمل ڪرڻ کان اڳ ابياسيءَ جو موت ٿيو ٿ پوءِ هنکي وري مٿي جنم ملندو ۽ پهنجي يوگ ابياس جو سلسلو جاري ڪندو. يا ۽

ڪنهن ايياسي ستسنگيءَ جي گهر پيدا ٿيندو يا ڪنهن ڌرمي ڪٽنب ۾ جتي هنکي پڇن ٻڌڻ جو وايو منڊل ملندو. انهيءَ ڪري هر ڪنهن ستسنگيءَ کي جڳائي ته گروءَ کان نام وٺي محنت ڪري؛ جي پڇن ته ٿي سگهي ته ستسنگ ڪري؛ ساڌ سنگت جي شيوا ڪري؛ جي جگياسو پوري گوروءَ جي کوج ۾ ڪامياب نه ٿيو آهي ته ۽ پنهنجي تلاش جاري رکي؛ ساڌن مهاتمائن جي شيوا ڪندو رهي ڇاڪاڻ ته اها ڪڏهن وئرٿ نٿي وڃي. دراصل، کوج ۾ ڪامياب نه ٿيڻ جو ڪارڻ هوندو آهي اسانجي آتمڪ شوق جي ڪمي.

٩ مارچ

اج رات جو شانتي آشرم جي اڳڻ ۾ ستسنگ ٿيو. موسم بلڪل سٺي آهي، نه سردي آهي نه گرمي. سوامي جي مهاراج جن جي ٻاٽيءَ مان آڪاش؛ سانوڻ جي مهنن جي وياکيا ڪندي حضور جن فرمايو ته هرڪو انسان دنيا ۾ ڪنهن نه ڪنهن آشا يعني اڳئين جنم جي اڌوري اڇا جي ڪارڻ جنم وٺيٿو. پوءِ ستگورن پاڻي لالسنگهه، جو راباجي مهاراج جن جو هڪ نهايت پراڻو ستسنگي هو، جي وارتا ٻڌائي. جڏهن ۾ ڏيري ايندو هو ته يا ستسنگ ٻڌندو هو يا شيوا ڪندو هو. جي پيو ڪم نه هوندو هرس لـ رسيون وٽهي وٺيندو هو. مطلب ته واندو نه رهندو هو. هنکي پنهنجي زمين تمام ٿوري هئي. انهيءَ ڪري کيتيءَ لاءِ ٻين زميندارن کان مقاطعي تي وٺندو هو پر انهيءَ ڳالهه جو خاص خيال رکندو هو ته هر ڪنهن زميندار کي ٻنيءَ جي حصي مان هڪ داڻو ۽ گهٽ نه ملي. انهيءَ ڪري هرهڪ زمين جي ٽڪر جي پيداش الڳ ئي رکندو هو؛ اناج کي هڪ هنڌ ڪٺو نه ڪندو هو. جڏهن ماڻهو پڇندا هئس ته اهڙن هنڌ

ڦلپل پيدائش جي سنڀال لون ڪيئن ڪندا؟ ته جواب ڏيندو هو ته سنڀال ڪرڻ وارو گورو آهي ۽ پالهوي ڪندو.

هڪ ڏينهن ڪن شرارتي ماڻهن سوچيو ته سندس ڪيهن نڪ جي پيدائش کي ٻاهر لڳائجي. سو هڪ رات ڪيهن ڪيمت ۾ اوچي آواز ڏنائون، "لالسنگهه جاڳين پيو." جواب آيو، "ها جاڳان پيو." پوءِ سندس پيءُ زمين تي ويا ۽ اتي ۾ سڏ ڪري چيائون، "لالسنگهه جاڳين پيو." وري ساڳيو آيو، "ها جاڳان پيو." هنن سوچيو ته شايد پهرين ڀيري ٺڳي ڪري مان ٻوڙيو هجي اچي پيتو آهي. هو پوءِ سندس ڏينهن ڪيمت ۾ ويا ۽ وري انهن تي سڏ ڪيائون، "لالسنگهه جاڳين پيو." مرت ۾ ساڳيو ئي جواب آيو، "ها جاڳان پيو." هنن کي پورو يقين ٿي ويو ته ٻاٻو لالسنگهه ڪماليءَ وارو ماڻهو آهي. ڏينهن ڏينهن ماڻهو هنڪي مڃڻ لڳا. پر لالسنگهه جي دل اداس رهندي هئي. هڪ ڏينهن سندس ڳوٺ جي هڪ ڪماليءَ واري مائي، صاحب ديوي ڪيس گڏجڻ آئي. لالسنگهه پنهنجي دل جو حال هن سان اوريندي چيو ته هاڻي من دنيا مان بلڪل ڪٽجي پيو آهي ۽ دل چوندي ته هتان ڪوچ ڪجي. صرف هڪ مشڪلات درپيش آهي. جڏهن مائيءَ پڇيس ته ڪهڙي؟ تڏهن چيائينس ته، ڪيهن وقت بڌائيندو سانءِ.

ڪجھ عرصي کان پوءِ هو پنهنجي ٻاءِ جي سان جي رسي ڪري رهيو هو ته اوچتو سان ٿي سگهي سندس پيٽ ۾ هٿي آتيا زهر ڪندي جڏهن. ڳوٺ جي حڪيم هنجي پيٽ کي ٽاڪا ڏنا پر لالسنگهه ڪٽ تي ليٽي اهڙي جي هجاءِ پيدل ٿيو آيو. نتيجو اهو ليو جو سندس ٽاڪا کُلي پيا پر لالسنگهه جي چهري تي سرخي ۽ خوشي هئي. جڏهن ڳوٺ جا ماڻهو گڏجڻ آيا اهڙين منهن کي پڪيندو هو پر جڏهن صاحب ديويءَ

پڇيس تہ ٻڌايائينس تہ، اھو سانُ اڳئين جنم ۾ سونارو ھو
مـون پيٽ ۾ ڇُرو ھڻـي سندس آنڊا ٻاھر ڪڍيا ھئا.
تنھن ڪري ھي سڀ حساب ڏيڻو پيو. ھاڻي ليکو صاف ٿيو
۽ منھنجي ليارِي آھي. ستسنگ کان پوءِ ڊاڪٽر ڪرتارسنگھ
ٻڌايو تہ ھڪ دفعي سندس پٽ ٻياس مان ستسنگ ٻـڌي
ٽرين رستي سرسي اچي رھيو ھو. گاڏيءَ ۾ ھن ڪـي ھڪ
ستسنگي صوبيدار ميجر گڏيو جنھن پنھنجي ساکي ھن ريت
ٻڌائي. جڏھن جپانين انگريزن جي جھاز پرنس آف ويلس
(Prince of Wales) تي سينگاپور ۾ بمبازي ڪئي تڏھن مان
بہ ان جھاز ۾ ھوس. ھنن پھرين جھاز جي چمنيءَ تي بم
اڇلايو ۽ ان کان پوءِ ٻيا بہ ڪيترا بمگولا اڇلايا. جنھنڪري
جھاز ڦاٽي پيو ۽ ٻڏڻ لڳو. مان ھڪ ڪاٺ جي تختي جو
سھارو وٺي سمنڊ ۾ ترڻ لڳس پر ٿوري وقت کانپوءِ تختو
ڇڏائجي ويو ۽ مان لڳس غوطا کائڻ. ان وقت منھنجي دل
مان بي اختيار پرارٿنا نڪتي تہ ستگورو! توھين سرو وياپي
آھيو ۽ اچي منھنجي مدد ڪريو. ترت ئي حضور جن مون
کي درشن ڏنو ۽ منھنجو ھٿ پڪڙيو. انھيءَ کان پوءِ مان
بيھوش ٿـي ويس ۽ جڏھن سجاڳ ٿيس تہ ڏٺم تہ ڪناري
تي پھچي چڪو آھيان. الي وري حضور جن درشن ڏنو ۽
فرمايائون تہ ھيٺ ھڪڙي لاري ايندي جا توکي سينگاپور
پھچائيندي. جـڏھن مون حضور جن کي مٿي ٽيڪڻ جي
ڪوشش ڪئـي تہ حضور جن انترڌيان ٿي ويا. ايتري ۾
لاري آئي جنھن ۾ مون کي وھاريائون. مـون لاريءَ واري
کان پڇيو تہ ھتان سينگاپور ڪيترو پري آھي. جواب ڏنائون
تہ ٥٠٠ ميل. مطلب تہ حضور جن ٥٠٠ ميل سمنڊ جھاڳي
مون کي ڪناري پھچايو.

١٥ مارچ
صبح جو ١٠ بجي سرسي مان روانا ٿي مجيد جو ٣
بجي دهليءَ پهتاسين. شام جو ٦ بجي حضور جن ستسنگ
فرمايو. ١٦ تاريخ ٢ ستسنگ ليا. ١٧ تاريخ شام جي ستسنگ
۾ سکيم ٻيٺي هئي. حضور جن مورتي پوڄا جو ذڪر ڪندي
فرمايو ته ديوي ديوتائون انسان جي پوڄا واسطي ناهن.
دراصل هو پاڻ مڪتي جي لاءِ واجهائيندا آهن ته ڪيئن ٿي مڪتي
صرف انسان جي جوڻي ۾ ئي ٿي سگهي ٿي. انسان واسطي
پرماتما کان سواءِ ٻيو ڪوبه پوڄا جي لائق ناهي. ١٨ مارچ
جو حضور جن ٢٤٠ مائين کي نام دان بخشيو.
١٩ مارچ آچر صبح جو دريا گنج مان روانا ٿي
پريت ڪيٿل پهتاسين جتي شام جو ٦ بجي ستسنگ ٿيو. سنگت
ڪافي تعداد ۾ هئي. ستسنگ کان پوءِ حضور جن ڪار
موسم ڪري وڃا ۽ موتي اچي نام ڏنائون.
٢٠ مارچ صبح جو وري روهتڪ ۾ ستسنگ ٿيو.
ٽيڪل ٢٠ ۽ بجي اتان روانا ٿياسين ۽ ٣ ½ بجي سرسي پهتاسين.
رستي ۾ ڪار جي ڊرائيور عرض ڪيو، "عام ڏٺو ويندو
آهي ته دنيا ۾ نيڪ ۽ ڌرمي ماڻهو تڪليفون سهندا آهن
خاص ڪري انهن کي بيماري وغيره ضرور ڏسڻا آهن ۽ پاپي
ماڻهو جن ڏاڍو پاڻ آسانيءَ سان گذاريندا آهن. حضور ڪرپا
ڪري ان جو ڪارڻ ٻڌايو." حضور جن وراڻيو، "حقيقت ۾ ائين
آهي جو سچي جاڪائي ته پرماتما پهچڻ خاص دٻا سان نيڪ
ماڻهن جي پاپن ۽ ڪرمن کي دک ۽ بيماريءَ ذريعي ڌوئي
صاف ڪري ٿو انهيءَ لاءِ ته اڳتي هلي هنن کي ٿورڙي ئي
سزا نه ڀوڳڻي پوي. ٻئي طرف پاپي ماڻهن کي موت کان
پوءِ جوراسيءَ جا ڪشٽ سهڻا پون ٿا. انهيءَ ٻابت
هڪ معقول شعر آهي.

باب اٺويهون

ڏيري ۾ رهائش

٢٤ مارچ کان ٢٨ مارچ ١٩٣٣ع

٢٤ تاريخ هڪ ستسنگ ٿيو ۽ ٢٥ تاريخ ۾ ٢٦ مارچ ۾ سامهون جو اهڙو زور هو جو ستسنگ نه ٿي سگهيو. ٢٧ تاريخ سومر ڏينهن حضور جن نامدان بخشيو. شام جو مهنجي سامهون حضور جن فرمايو ته جڏهن چوڪڙي لڳائي سمرن لي ويهجو آهي ته من سمرن ڪرڻ پسند نه ڪندو آهي ۽ بلڪل نٿيندو آهي. ۾ ايباسيءَ کي جڳائي ! من لڳي يا نه لڳي سمرن نه ڇڏي. انهن ابياس ڪرڻ سان ڪجهه عرصي ڪساروءَ پنهن ۾ سور ٿيندو ۽ انهن محسوس ڪبو ته جڻ پنهن ڦاٿل ليون. انهيءَ وقت گهٻرائجي اٿڻ نه گهرجي بلڪ حڪم لي وهڻ گهرجي. آخرڪار اهو سور لهي ويندو ۽ پوءِ ڪيترو وقت به ويهبو ته معلوم نه ٿيندو. اهڙي طرح من آهستي آهستي ستو لي ويندو.

٢٩ مارچ

اڄ ڪيترن ڏينهن کان پوءِ اس نڪتي. ڪاهه رام داسين گهڻي نام ڏنو ويو. اڄا تائين سنگت جي تعداد ۾ وڌيل پيئي آهي.

اڄ ٽپال ۾ هڪ معزز مسلمان هڪ آڪاٽي لکي موڪلي ٻڌهن ويٺا هئي. ڪنهن زاهد سڄي عمر خدا جي بندگي

ڪئي. موت کان پوءِ جڏهن هن کي خدا جي دربار ۾ وٺي ويا ته خدا حڪم ڏنو ته هن کي بهشت ۾ وٺي وڃو. تنهن تي هن اعتراض پيش ڪندي چيو ته ڇا منهنجي سڄي زندگيءَ جي بندگيءَ جو اهوئي ڦل آهي جو مونکي ڏنو ويو آهي. اهو ٻڌي خدا حڪم ڏنو ته هن کي دوزخ ۾ وٺي وڃو. جڏهن فرشتا هن کي دوزخ ڏانهن وٺي وڃي رهيا هئا ته رستي ۾ هن کي سخت اڃ لڳي ۽ محسوس ڪيائين ته جڻ جان ئي نڪري. جڏهن فرشتن کان پاڻي گهريائين تڏهن هنن چيس ته پاڻيءَ جو گلاس ملندءِ پر انهي جي عيوض سڄيءَ حياتيءَ جي بندگيءَ جو ڦل اسان کي ڏيڻو پوندءِ. مجبور ٿيو ڪو ڇاڙهو ته ڏسي ها ڪيائين. ان وقت خدا حڪم ڏنو ته هن کي واپس وٺي اچو ۽ انهيءَ شخص کي چيائين ته اها اٿئي تنهنجي سڄي زندگيءَ جي بندگيءَ جي قيمت! گورو نانڪ صاحب جن ٻ فرمايو آهي،

”ڪرم ڌرم پاکنډ جو ديسي،
تن جم جا گالي اوٽي.“

وري فرمائين ٿا:

”جس پيئي اوٽي پهاري،
وهي مارگ سنتن دورا ري.“

شام جو ٦ بجي ستسنگ شروع ٿيو. حضور جن وٽ شڪايت آيل هئي ته ڪي ستسنگي نام وٺڻ کان پوءِ به ديوي ديوتائن جي اپاسنا، مورتي پوڄا ۽ ڪرم ڪانڊ ۾ قائل رهن ٿا. انهيءَ ڪري تلسي صاحب جي گهٽ رامائڻ مان برهما جي پٽ لومس رشيءَ جو پرسنگ ڪيو ويو. هن پنهنجي پيءُ جي هدايت تي لڳي تيرٿ ورت، مورتي پوڄا، پٿر ۽ تلسيءَ جي پوڄا بلڪ شو جي پوڄا به هزارين سال ڪري ڏٺي پر مڪتي نه مليس ۽ چوراسيءَ جي چڪر

۾ فوٽو پيش ڪيو.

ستگورن فرمايو ته سڀ ڪجهه ۾ مورتين جي اوڄا ۽ ڏيان نشيد آهي، پر اها مورتي ڪٿي پٿر، ڌاتوءَ يا ڪاغذ جي ڇو. وڌيڪ فرمايائون ته جيڪي ستسنگي منهنجي فوٽي جي پوڄا ڪن ٿا اهي پاپ ڪري رهيا آهن. منهنجو فوٽو جي گهر ۾ رکڻ الو ته صرف يادگيريءَ لاءِ رکو جيئن پنهنجي مائيٽ، يار دوست يا ڪنهن بزرگ جو رکندا آهيو. اسين ڊاڪٽر ايشورسنگهه ڪوئٽا واري ٻڌايو ته هڪڙو ستسنگي مرڻ کان ٻه ٽي ڏينهن اڳ ڏاڍو ڏکيو هو. ساهه ٽي ته پيو نڪرِيس. منهنجي ڌرمپتني هن جي دکي حالت ڏسي پنهنجي گهران حضورجن جو فوٽو کڻي هن کي ڏيکاريو. فوٽو ڏسندي ئي هن کي ستگورن جي ياد آئي ۽ چيائين ته هاڻ مهاراج جن آيا آهن ۽ مان هلان ٿو.

انهيءَ کان پوءِ مالير ڪوٽلا جي هڪ ستسنگيءَ ستسنگ ۾ ٻڌايو ته هڪڙو ٻي ستسنگي جنهنجي ڌيءَ ستسنگڻ هئي، ڪافي عرصي کان بيمار هو ۽ انت وقت سندس پراڻ ٿي نه پيا نڪرن. سندس ڌيءَ هن کي حضورجن جو فوٽو ڏيکاريو پر ته هن جو ڌيان ڪر. ڪجهه وقت کان پوءِ چوڻ لڳو ته ستگورو اچي ويا آهن، هاڻي منهنجي تياري آهي. ائين چئي پراڻ تياڳيائين.

هڪ فوجي نوجوان جو برما مان آيل ٿو ڏسجي ٿو ته هن آپ بيتي ساکي هن طرح ٻڌائي:-

انفنٽري (Infantry) نمبر ٢ جا ڪيترا فوجي برما جي لڙائيءَ ۾ مري ويا ۽ ڪيترن کي زخمي حالت ۾ کڻي آيا. اها روئداد ڏسي منهنجي دل اداس ٿي پيئي. منهنجي اداسي ڏسي آفيسر چيو ته تون نهايت غمگين ٿو نظر اچين. وڃي سنان پاڻي ڪر ته سامت ۾ اچين. جڏهن مان اشنان

ڪري موٽيس. تڏهن به منهنجو من اداس هو. انهيءَ لاءِ
منهنجي آفيسر ورجائي ڪارڻ پڇيو. مون ٻڌايومانس ته منهنجي
دل پنهنجي پياس واري سنگتن جي درشن لاءِ تڙپي
رهي آهي. آفيسر چيو ته ٽي سال نوڪري پوري ڪرڻ
کان پوءِ موڪل ملندي آهي. تنهنجي نوڪري ته صرف ٻه
سال آهي. اهو ٻڌي مان نراس ٿي پنهنجي بئرڪ ۾ موٽي
آيس. رات جو وري مون کي آفيسر گهرايو ۽ چيائين ته ڀلي
صبح جو وڃ، هينئر وڃي تياري ڪر. مان صبح جو لاريءَ
۾ روانو ٿيس جنهن مان لهي مون کي ٻيءَ لاريءَ ۾ چڙهي
بندر تي پهچڻو هو. پر جڏهن مان ٻيءَ لاريءَ ۾ چڙهي
وينس ته هڪ گورو سارجنٽ اندر آيو ۽ چيائين ته اِن هن
لاريءَ ۾ نٿو وڃي سگهين. مون گهڻيئي آري نيزاري ڪئي
پر هن هڪ به نه ٻڌي. لاچار مون کي ٻئي ڏينهن وڃڻو
پيو. جڏهن بندر تي پهتس ته پتو پيو ته اڳئين ڏينهن تي
جيڪي مسافر اِن جهازن ۾ روانا ٿيا هئا، جپانين مٿن ٻم ڇلائي
ٻوڙي ڇڏيا. اهو ٻڌي مون کي پڪ ٿي ته گوري سارجنٽ
جو روپ ڌاري مون کي سنگتن موت کان بچايو آهي.
جڏهن جهاز ۾ چڙهي روانو ٿيس ته رستي ۾ اچي طوفان لڳو
۽ جهاز ان ۾ ڦاسي پيو. جهاز جو انگريز ڪپتان God, God
چوڻ لڳو ۽ سيئي مسافر وٺي هائيدوس مچايو پر مان
ٻي ڪنڪي سنگتن جي ڀروسي ويٺو هوس. جڏهن مسافرن
ڏٺو ته مان لا ٽيڪ بيامت ۾ نٿو ٻڌان ته ڏاڍو حيران ٿيا.
آخر جهاز بچي ويو ۽ اسين صحيح سلامت اچي پنهنجي منزل
مقصود تي پهتاسين.

اڄ ڪنهن سنسڪيءَ جي چٺي آئي ته بيمار آهيان ۽
پڇن سمرڻ نٿو ٿئي. حضور جن جواب لکايو ته پڇن سمرڻ
ڪرڻ من جو ڪم آهي نه ڪ شرير جو. انهيءَ ڪري من

سمورو ڌيان ان پر ڪ. بيماريءَ پر ڏاڍا زياده لڳندي آهي.
انهيءَ اندر جو ڪنهن ڪنهن سنگرو روشن ڏيٺي پرڀوءِ
سنگتيءَ کي بيماريءَ جي دوا ۽ پڌائي ويندا آهن جنهن
جي ولڙ سان هو شفاياب ٿي ويندو آهي. هڪ سنگتي
انسان ويلو هو ننڍن ٻهڄي ڏالي اڳراڻي ڏاوان الهيءَ
وٽن جي تصديق ڪئي.

٣٠ مارچ

اڄ شام جو مطبوعن ستسنگ ۾ فرمايو ته ستسنگين کي
خاص ڪري ڳالهه کي ٻانڌي ۾ ويڙ ڀاءُ ۽ انهن کان وکڻ ڪوسي ؛
هڪڙو مزيدار لطيفو ٻڌايائون ته ڪنهن ڳوٺ ۾ هڪ ٻڍي
مائي رهندي هئي جا جهڳڙاڪار هئي ۽ ٻهڄي سڀاءُ جي
هوندي ڪري پڙوس کي تنگ ڪيو هئائين. آخر ماڻهن اهو
فيصلو ڪيو ته هر ڪنهن خوشيءَ جي موقعي تي سڏ ڪري مائي
ڪيڏا وانهڻ مائيءَ کي ڏني وڃي لاءِ ته مائي خوش رهي
۽ جهڳڙا نه ڪري. ڪجهه عرصو اهو دستور هلندو رهيو.
هڪ ڏينهن ڪنهن گهر ۾ اوورلي لڳي آئي، جنهن ۾ سس
ٻڍيءَ لاءِ ٿالي ۾ ڪجهه پاسيرو ڪري رکيو. ننهن ڀيس
له هي ڪنهن لاءِ آهي. سس وراڻيو ته هتي هڪ ٻڍي
ڏائڻ ويٺو هو نهتي آهي، هي انهيءَ جي واسطي آهي.
ننهن دوس ته ڏيڻ جي ڪجهڙي ضرورت آهي. مان ٻانيءَ
لئي سڏو ڪندس. جڏهن مائيءَ کي ٻهڄي جهڙو ته
ملي ته نوڙن جوش ۾ اچي هن جي گهر تي ڪاهي آئي.
انهن اهو ايڏو الڪار ڪري جيس نه توکي ڪجهڙي ڏاڍي
ٻهرڙي آهي، وراڻي، ششپوار ڪري ماهياڻي. ٻڍي ڏنگ
وهڻي واري ۽ اتڪاليس نه ڪيهڙو مطلب ڇا آهي؟

اوورلي، جيس نه جي رواڻي ڏاڍي ڏاڍي الهي ته منڊهتي
ٻوا. ٻوڙتا جوڙا و لهندو. هي ششپوار ڏاڍيءَ جو شڪ

اليٽي ته پوءِ منهنجي پاڙيسرڻ ٿي ۽ جي ماهواري جهڳڙي جو مزو چکڻو اليٽي ته اچي اسان جي محلي ۾ رهه. مائي ٻڌي ڪن ٿي ويٺي ۽ پوءِ پير ڪري گهر واپس وري.

حضورجن وڌيڪ فرمايو ته زالن کي جڳائي ته جڏهن پنهنجي مردن کي ڪاڏو ڪارائين، ان وقت گهرو جهڳڙن جي اپٽار نه ڪن. ائين ڪرڻ سان هنن جو پوچڻ بي مزي ٿي پوندو. بيو ته سمهڻ وقت دل ۾ غم يا غصو نه هئڻ کپي نه ته ننڊ سٺي نه ايندي.

هڪ ستسنگيءَ جي سوال پڇڻ تي حضورجن جواب ڏنو ته پهرين سمرن زبان سان ڪرڻ کپي پوءِ خيال سان. بعدي جڏهن سمرن ڪندي زبان روڪجي وڃي ته پوءِ من سان سمرن ڪجي.

۷ اپريل

هڪ ستسنگڻ چيني لکي ته هوءَ پهرين پنهنجي اندر گهٽيٽي روحاني نظارا ڏسندي هئي ۽ جيئن ٿي اوچتو سندس پت گذاري ويو ليڪن سڀ نظارا بند ٿي ويا. ستگورن لکايو ته اهو انهيءَ ڪري ٿيو آهي جو تو پنهنجي پت جي موت جو شوڪ پنهنجي من ۾ رکيو آهي. شوڪ ۽ چنتا جي ڪارڻ تنهنجي آتما جي گراوٽ هيٺ هردي چڪر ۾ ٿي پيٽي ۽ نظارا بند ٿي ويا. گوربانيءَ ۾ به آيو آهي:

” دک سک سر کر جانو،
اور مان اپمانا.“

۸ اپريل

اڄ ستسنگ ۾ ننڊا ۽ چغليءَ جي مضمون تي وياکيان ٿيو. ڪرامت صاحب ۾ ننڊڪن تي ڪافي ڦٽڪار پيل آهي. اهڙا ماڻهو سون ۾ هٽ وجهن ته مٽي ٿيو پوي ۽ جنهن جي هٿ

نندا ڪن ٿا، انهن جون ارادون مٽجهن اچو واسو ڪن ۽ سندن
ڪڻ جن ماڻهن جي هو نندا ڪن ٿا، تن ۾ وڃو ٻڌن. شيخ سعدي
فرمايو آهي ته جي مان ڳالهه ڪيان ته ٻڌهڃي ماءُ جي ۽ انهي
لاءِ ته مٽجهي نيڪي مون مان اڪري ته ڪهر ڪهر ۾ رهي.

٩ اپريل

اڄ صبح جو ستسنگ ۾ خاموشيءَ جي باري ۾ حضورجن
هيٺيون شلوڪ پڙهايو:

"چترچپ ڪر رهي گورو ڪي اپن بچالي،
چترچپ ڪر رهي سيا ٻگالي جانسي،
چترچپ ڪر رهي جب هولي اڪيلا،
چترچپ ڪر رهي و ڪي آڪي چيلا."

شام جو گرنٿ صاحب مان،

"ارکي هيٺ سب حسد اڪلي،
اڪ لتي اڪ بولن ملسي."

شمد ڪيو ويو جنهن ۾ گورو صاحب سنڌ ۽ مثال ڏيئي
اپديش ڪيو آهي ته جهڙي طرح راس جو پکي ۽ پرندا اچي
ڪنهن وڻ تي ڪٺا ٿين ٿا اهڙي طرح هن دنيا جي سراءِ
۾ به مت مالڪ ۽ يار دوست پنهنجي ڪرمن انوسار اچي
ملن. صبح ٿيندي ئي جيئن ڪي پنهنجي راهه وٺي اڏامي
وڃن ٿيئن جڏهن ڪرمن جو حساب ڪتاب ختم ٿئي ته نه
مت مالڪ ۽ متر وڇڙي وڃن. ستگورن فرمايو ته جي سامهون
جيڪي وڻ ٽڻ نظر اچن ٿا سي سڀ ڪنهن وقت انسان
وانگر انسان هئا ۽ پنهنجي ڪرمن جي ڪارڻ نرڪ
ڀوڳي هاڻي تماشا جا سڀ ڪان لنجي جوڻ آهي ان ۾ آيا
آهن. پتو ناهي ته وري ڪڏهن انسان ٿيندا. ها باقي جنهن
درخت هيٺان ستگورو ويٺو يا جنهن تي جو هن ميوو
کاڌو ته پوءِ اهڙي درخت کي اڳتي مڪش ملندي.

١٠ اپريل

اڄ ڪپورٿلي ۾ سردار مدن گوپال سنگهه جي گهر ستسنگ
ٿيو. وياکيان ڪندي حضور جن ڪبير صاحب جي حياتيءَ
...سان هڪ وارتا ٻڌائي. فرمايائون ته ڪبير صاحب جو هڪ
...جاٽ زميندار سان پيار هو. هو هميشهه هن کي هدايت
ڪندا هئا ته ڀائي! ڀڄن سمرن ڪر. جاٽ چوندو هو ته پٽ
...ذرا جوان ٿين ۽ پنهنجو ڪاروبار سنڀالين ته پوءِ ڀڄن ٿي
ڪرڻو آهي. جڏهن پٽ وڏا ٿيس ته ڪبير صاحب وري
...ياد ڏياريس. جاٽ چيو ته هي جوان ڇوڪرا راهه جو اڃا اڻا
...ي سمجهيو پون ۽ جي مان راهه جو رکوالي نه ڪريان ته چور
...گهر لٽي وڃن. اهڙيءَ طرح ١٠-١٢ سال گذري ويا. ان
...ڪان پوءِ جڏهن ڪبير صاحب هن جي گهر وٽان لنگهيا ۽
...ميندار بابت پڇا ڪيائون ته گهر وارن چيو ته ٨-٩ سال ٿيا
...چوهڙ گذاري ويو. ڪبير صاحب پنهنجي انتر درشٽيءَ سان
...ڏٺو ته اهو زميندار وڃي پنهنجي پٽن وٽ ٻي ٻيل ٿيو هو.
... جڏهن انهن جي ڪم جو نه رهيو ته گاڏيءَ واري کي
...ڪٽي ڇڏيائون، جنهن وري ڪجهه وقت وهائي گهاڻي
...اري کي وڪڻي ڇڏيو. جڏهن هن جي به ڪم جو نه رهيو
... ڪاسائيءَ کي وڪڻي ڇڏيائين. ڪاسائيءَ هن جو ماس
...ڪٽي ڇڏيو ۽ سندس کل وڃي هڪ نغاري تي هنيائون.
...هن تي ڪبير صاحب فرمايو:

" بيل ڀئي هل مين جتي لاگاڙي مين ديں،
تيلي کي ڪولهو جتي پن گهير قصائي ليں.
ماس ڪٽا بوٽي ڪٽي چمڙن مڙهي نقار،
ڪڇڪ ڪرم باقي رهي تس پر پڙتي مار."

باب ويهون

منٽگومري، ملتان ۽ پهاڙي علائقي جو دورو
٢٠ اپريل کان ٢١ مي ١٩٤٤

٢٠ اپريل

اڄ صبح جو حضورجن لاهور لاءِ روانا ٿيا جتي ٨ بجي پهتا. رستي ۾ ٥ منٽ امرتسر ۾ سنگت کي درشن ڏنائون ۽ لاهور ۾ درشن ڏيئي ڪوٽ حڪيمراءِ ۾ سردار ٻختاورسنگهه جي بنگلي ۾ شام جو ستسنگ فرمايائون. ٻئي ڏينهن شام جو ٥ بجي ستسنگ شروع ٿيو ۽ ٢٢ تاريخ حضورجن نام دان بخشيو. ٢٣ تاريخ منٽگومري ۾ شام جو ستسنگ ٿيو ۽ سنگت ڪافي تعداد ۾ آيل هئي. ٢٤ تاريخ صبح جو گرلنگ صاحب ۽ راماڻا جي شبدن جي وياکيا ڪئي ويئي، شام جو حضورجن هتي جو لنڪ ڪئنال Link Canal ڏسڻ ويا.

٢٥ اپريل

ٻي بجي منجهند جو حضورجن ڪراچي ميل ذريعي ملتان لاءِ روانا ٿيا. رستي ۾ اسٽيشن تي سنگتن کي درشن ڏيندا شام جو ٤ بجي ملتان پهتا. ٻئي ڏينهن صبح جو ٨ بجي ستسنگ ٿيو. رات جو ڪجهه مينهن پيو تنهن ڪري موسم سٺي ٿي لڳي. شام جو به ستسنگ ٿيو جنهن ۾ ڪافي ڀيڙ هئي. اڄ ٽپال ۾ امبيءَ جي ستسنگي ٻولاپرام جو هڪ خط هو. هن لکيو هو ته ڪجهه ڏينهن ٿيا ته امبيءَ بندرگاهه

لـــي بارود قائم ڪري Explosion وڏو ڌمـــاڪو ٿيو ۽ بندرگاھ کي باھ وڪڙهي ويئي جا ڪيترا ڏينهن پئي هلي. بندرگاھ جي انهـيءَ حصي ۾ ڪيترا ستسنگي نـوڪري ڪندا آهن. جنهن ڏينهن اهو حادثو ٿيو انهيءَ ڏينهن ڪنهن ستسنگيءَ جي شادي هئي ۽ هـن سڀني شاديءَ ۾ شرڪت ڪرڻ لاءِ موڪل ورتي هئي. مطلب تہ ستگورن جـــي اپار ڪرپا سان سڀ بچي ويا. جنهي بندي حضورجن پرسن ٿيا ۽ مالڪ جو شڪر ڪيائون.

٢٧ اپريل

قريب ٻن سؤ مردن ۽ زالن کي حضورجن نام دان بخشيو ۽ هن دوري ۾ هيل تائين ڇهن سون کي نام جي بخشش ڪئي اٿن. شام جو ڪبير صاحب جي بانيءَ مان،

”ڪر نيدون ديدار محل مين پيارا هئہ.“

جي وياکيا ڪيائون. ٢٨ تاريخ صبوح جو ڪراچي ميل ۾ چڙهي اوڪاره لـتا. اتان ڪار ۾ وهي رينالي ۾ سيٺ سيٺ وسل جي مڪان کان ٿي هڪ ڪلئي مئدان ۾ ستسنگ فرمايائون. پوءِ ڪار رستي شام جو ٨½ بجي لاهور راوي روڊ ستسنگ گهر ۾ پهتا. اتي هزارين ستسنگي درشن لاءِ موجود هئا. درشن ڏيئي امرتسر مـان ٿيندا رات جو ١١ بجي ڏيـري پهتاسين.

٥ مي

جيئن ٿي حضورجن دوري تان موٽيا آهن ڏيري ۾ ٿي آهن. اڄ شام جو سار بچن مان،

”جرڙو ري ڪوئي سرت نام سي،
بن تن ڪچ ڪام نہ آوي پڙي لڙائي جام سي.“

شبد ڪنيو ويو. حضور سوامي جن جي باڻي سندن دل مان

[illegible] ٿي ۽ [illegible] ٿي رهي. دراصل، اعزو اوچر
[illegible] جو [illegible] ٿي ڪيهي بوڻي ۾ مشڪل ملندو.

٧ مي

[illegible] شاهه جو ڳرنٿ صاحب [illegible]
" [illegible] ستدو منجهار."

[illegible] اُن ڪري حضور جن فرمايو ته ڪيترا سک
ڳرنٿ صاحب جا [illegible] پڙهن ٿا ڪانڪي جانئز لهرائڻ
جي ڪوشش ڪن ٿا. جي ڳرنٿ صاحب ۾ ڳرشع ڪانڪي جي
[illegible] ٿي [illegible] ڳالهيون ڏنل آهن باقي جو ڪجهه ۾ درج
ڪيو ويو آهي. ڳرنٿ صاحب جي اُنهي ڪيئي فرمائين ٿا،

" ڪسم ڪوري [illegible] سي ناٺي ڪال،
اوٺي [illegible] مٺڪ [illegible] ماٺا جال."

[illegible] ٺڳيءَ سي [illegible] ڪرين تو بر لوکي ڪال نتو
ڏسڻ ۾ اچي. اهي حيوان ۽ ڪيترن وقت انسان هتيا ڪري
پيدا ڪرڻ جي ڪارڻ ان حالت کي پهتا آهن.

ساري لوڪ پنهنجي دنيوي ڌنڌن ۾ غلطان آهن.
هر ڪو انهن بيو چوي ته مون کي فرصت ڪانهي. البت
موت جو مرض ڪان پوءِ ڪاڻو حشر ٿيندو ۽ انهيءَ کان اڳ
هر ڪو [illegible] آهي.

٨ مي

صبح جو ٧ بجي حضور جن رعيه اسور جي ڪناري
لڪڙيون ڪٽائڻ واسطي ويا ۽ شام جو ٤ بجي ٽائين ويا ور
بيهي لڪڙيون ڪٽائي ڳاڏين ۾ لڏائي. اٽڪل ٥ بجي ڏيري
۾ واپس آيا. ٦ بجي ستسنگ ۾ شامل ٿيا. ستسنگ کان پوءِ
نهال ٿيا هون. ان کان پوءِ ڳاڏين مان ڪاٺيون لهرايائون.
طالب ۽ حضور جن جو وڏو معمول ڪر ورلسر هوندو. فرجي

جرنيل به صرف لڙائيءَ جي ڏيڍهن ۾ مصروف رهندا آهن ۽ ان کان پوءِ فارغ. ۽ حضورجن جو اهڙو مشغول پروگرام لڳاتار ٣٠-٤٠ سالن کان هلندو اچي ٿو.

اڄ هڪ زخمي سان کي گاڏيءَ ۾ جرنيل ڏسي ستگورن فرمايو ته ڏسو من هن کي کهڙيءَ نه دکدائي حالت ۾ پهچايو آهي.

١٤ مي

اڄ صبوح جو حضورجن هوشيارپور ضلعي جي پهاڙي علائقي جي دوري لاءِ روانا ٿيا. جيون جي پالي لاءِ هو پنهنجي سک ۽ آرام جو ڪو خيال نٿا رکن پاڪ سفر جي سڀني تڪليفن کي مشڪندي منهن ڏين ٿا.

١٥ مي ١٩٤٤

ڪنهن اڄ ستگورن کان پڇيو ته رام، واهگورو، الله، رحيم، اوم، God وغيره جي بدران توهين پنهنجي خاص نامن جي سمرن جي هدايت ڪيو ٿا، سو ڇو؟ ستگورن جواب ڏنو ته اهي پرچلت نام پرماتما جا صفاتي نام آهن. سنت پنهنجي روحاني انڀو جي ذريعي جن نامن جي سکيا ڏين ٿا سي اندرين شڪتين جا ذاتي نام آهن. جڏهن ڪنهن کي سندس ذاتي نالي سان سڏ ڪبو ته هو قدرتي ڌيان ڏيندو ۽ صفاتي نام ڏانهن شايد ڌيان به نه ڏئي. سو اندرين شڪتين جي ذاتي نامن جو جي ارپم پيار سان سمرن ڪبو ته اهي شڪتيون اسان جي ورتيءَ کي انترمک ڪنديون.

١٦ مي

اڄ ٻي پگيءَ ۾ صوبيدار رکا سنگهه جي گهر ۾ شام جو ستسنگ ٿيو. پهاڙي لوڪن جي لاءِ حضورجن هيٺين ڳالهين تي خاص زور ڏنو ٿا.

پتي ورت ڌرم جو پالن ڪرڻ، مورتي پوڄا جو کنڊن، جادو ٽوڻن ۽ ڀوتن پريتن جو ڀرم ڇڏڻ.

تلسيداس جن جي رامائڻ مان وشي اترىءَ جي زال انسويا جو پرسنگ ڪڍي حضور جن فرمايو ته پتي ورت ڌرم جو پالن ڪري استري آسانيءَ سان پرمگتيءَ پائي سگهي ٿي.

"ڌيرج ڌرم متر اور ناري،
آپت ڪال پرکئي چاري."

يعني جيڪڏهن پتي غريب، بيمار، انڌو، اوڙو، لنگڙو يا ٻوڙو ٿي پوي ته به انهيءَ جي سيوا ڪرڻ استريءَ جو پرم ڌرم آهي. پتورت استرين جا ۴ قسم ٻڌايا آهن.

اتم، مڌيم، نيچ ۽ لگهو. سڀ کان سريشٽ استري اها آهي جنهن کي پنهنجي پتيءَ کان سواءِ ٻيو ڪو مرد نظر ئي نه اچي. مڌيم اها جا وڏي کي پيءُ ۽ ننڍي کي ڀاءُ يا پٽ ڪري سمجهي. نيچ اها جا لوڪ لاڄ جي ڪارڻ پنهنجو پتورت ڌرم پالي ٿي ۽ آخر ۾ لگهو انهيءَ استريءَ کي لڳڻ جو وجهه نه ملڻ جي ڪارڻ يا مڙس جي مار جي ڀئه کان ٻئي پرش جي صحبت نٿي ڪري.

مورتي پوڄا جي خلاف حضور جن بالڪل زوردار اُپديش ڪيو ۽ ڪبير صاحب جي بانيءَ مان مورتي پوڄا جي الڳ جي وياکيا ڪندي فرمايائون،

"جهان آسا تهان واسا."

جي انسان پٿر ۽ بانيءَ جو اشٽ رکيو ته موت کان پوءِ انهن ۾ ئي واسو ڪيو. ڪنهن شخص اعتراض ڪيو ته اسين مورتين کي پرماتما جو روپ سمجهي پوڄا ڪريون ٿا. جواب ۾ ستگرون فرمايو ته پرماتما انسان جي اندر آهي ۽ سڀ ويد شاستر ۽ پراڻ انهيءَ حقيقت جي تصديق ڪن ٿا، پوءِ ڇو نه پنهنجي اندر تلاش ڪرڻ جي بجاءِ ڄڙ چيزن ۾ ان جي کوج ڪندو سو مورک نه ليکبو ته ٻيو ڇا؟ پرماتما سرو وياپي ضرور آهي

ٻرندڙي ذري ۾ نظر لڌهن ايندو جڏهن هن کي پنهنجي اندر
ٻرگهت ڪبو ته اهو اٿين ڇوڻ صرف زباني جمع خرچ آهي.
کي ماڻهو چوندا آهن ته ٻاٽي ڌڻي کي جو پتر مان پرماتما
مليو. پر انهن کي اصلي حقيقت جي پوجهه ڪانهي. جي هن
کي پتر مان مليو ته سيني کي ماڻ ڪري. اها دواني ڪهڙي
جا هڪ کي فائدو پهچائي ۽ ٻين کي نه؟
پولن ۽ پريتن جو ذڪر ڪندي حضور جن فرمايو ته ناسام
جوڻ واري جي نزديڪ جڏهن جمدوت ٿي نتا اچي سگهن
نه پوء پوت پريت ڪيئن ايندا ۽ جادو ٽوڻي جو اثر ڇو
ٿيندو؟ سٽسنگين کي اهو وهم دل مان ڪڍي ڇڏڻ ڪهي.
جن پوت صرف انهن کي ٿي ستائيندا آهن جيڪي هدن کان
ڏڄندا آهن ۽ هڪم ارادي واري شخص اڳيان اوڏي اچڻ
جي هدن کي جرئت ٿي نه ٿيندي آهي. ديوي ديوتائن
جو ذڪر ڪندي سٽگورن سمجهايو ته انسان اشرف المخلوقات
آهي ۽ صرف پرماتما ان کان مٿي آهي باقي سيئي ديوي
ديوتائن جو درجو انسان کان هيٺ آهي بلڪ هن جي شيرا
واسطي آهن. آتما جي اينڪ شونيتر ۾ آهي ۽ ديوي
ديوتائون ان کان هيٺ ڇهن چڪرن ۾ واسو ڪن ٿا. انهي
ڪري آتما جي پوڄا لاء صرف پرماتما آهي.

٢١ مي

١٧ مي کان لڳاتار لدرور ۾ سٽسنگ صبوح شام ٿيندو
رهيو. اڄ پهتي پهتاسين جتي سٽسنگ گهر لاء حضور جن
جڳهه پسند ڪئي. الي هڪڙي ساڌو حضور جن سان ٻيٺ
ڪيو ۽ جڏهن حضور جن پڇيس ته تنهنجي انترمک ڪيتري
رسائي آهي ته هڪوپڪو ٿي ويو. اها آهي حالت اڄڪلهه
جي بيکداري ساڌن جي. نه ساڌن نه اپياس رڳو ڪپڙا رڱي
پيا بيک منگن. منجهند جو هوشيارپور پهتاسين. رستي ۾
جلندر مان ٿيندا رات جو ٩ بجي کن ڏيري پهتاسين.

باب ايڪيهون

ڏيري ۾ رهائش

٢٢ مي ١٩٢٢ع

شام جو ستسنگ ۾ گرنٿ صاحب مان ٥ محلي جو شبد

"دن رات ڪماندڙو سو آيو مالي،
جس ڪرلون لڪاولدي سو ٻکي ساليءَ."

ڪيو ويو. ستگورن فرمايو تہ جيڪي اسين ڪرم ڪيون ٿا سي اسانجي مستڪ ۾ لکجندا وڃن ٿا ۽ جنهن پرماتما کان اسين انهيڪي لڪايون سو اسانجي اندر ويٺو اسانجا سڀ ڪرتب ڏسي. بائيبل جي پراڻي عهدنامي (Old Testament) ۾ حضرت لوط جو ورنن لکيل آهي تہ بابل شهر ۾ ڪڪرمي ۽ عياشي لوڪ رهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري خدا انهيءَ شهر کي تباہ ڪرڻ لي چاهيو. اهڙي قسم جو نيايو هڪ فرشتي هٿان حضرت لوط کي، جو بہ ان شهر ۾ رهندو هو، خدا ڏياري موڪليو. لوط جي عرض ڪرڻ لي تہ چاڪاڻ تہ هن شهر ۾ ڏهہ نيڪ ماڻهو رهن ٿا، شهر کي معاف ڪيو وڃي، شهر برباديءَ کان بچي ويو. اهڙي طرح ٻيئت وچل پرماتما پنهنجي هڪڙي پياري جي خاطر انيڪ جيون مٿان ايندڙ آفت کي ٽاري ٿو ڇڏي. جيئن نہ هڪ پرامي ستسنگيءَ ٻڌايو تہ هو ٽگراڙي مان هڪ لاريءَ ۾ ويٺو جنهن جي مٿان ڪيترا تہ کير جا وڏا دبا رکيل هئا ۽ اندر ماڻهن سان ا—

... لاريءَ جو ٽائرو ... سبب رستي ۾ لاريءَ جو ٽائرو
... ي ڦاٽي پيئي هئي. گهڻي ڀيرو ... اونڌي ٿي پوي ها
... ي ٻاهر وڃي پيو ۽ لاري انهيءَ پاسي اونڌي ٿي پوي ها
... ي ٻاهر وڃي پيو ۽ لاري انهيءَ پاسي ڏوري (Axil) موڙجي
... مالڪ جي مهرج سان لاريءَ جي ڏوري (Axil) موڙجي
... ڄي زمين ۾ کُتي ۽ لاري اُتي وڃي بيٺي. ڪير نه ٻيو هارجي
... و پر ڪنهن به مسافر کي چوٽ نه آئي. سڀئي ڇيهو نه ڪو
... لڪ جو پيارو ضرور هن لاريءَ ۾ آهي جنهن جي صدقي
... سڀ اچي ويا آهيون. اهڙي طرح هڪ ٻئي ستسنگيءَ جي
... ١٥ سالن جي ڇوڪريءَ جي وارتا آهي ته جيئو ٽيڪ ڪيس
... چا نام نه مليو هو ته به انت ويلي خوشيءَ سان چولو
... چڏيائين. مطلب ته اها سڀ سنڀال ستگورن ڪئي ڇاڪاڻ ته
سندس ماءُ پيءُ ستسنگي هئا.

٢٨ مي ١٩٤٤

اڄ مي جو ماهواري ستسنگ ٿيو جنهن ۾ حاضري ڪافي
ٿي. ستسنگ ۾ گرنٿ صاحب مان،

”جن لــــم پيچي ٿي ٻلائي
سڪه سهج سيتي گهر آووجي.“

شبد ڪڍيو ويو جنهن ۾ گورو صاحب فرمائين ٿا ته سنت ڀار ڀار
پڪارين ٿا ته اي دنياداروا هلو ته اسين توهان کي ڪل مالڪ جي
دربار ۾ وٺي هلون. ستگورن فرمايو ته جڏهن اسانجو ڪو
مت مانت يا متر مري ٿو ته ڪانوَن وانگر روئي آسمان مٿي
کڻي ٿا ڏيون. ٻه چار ڪلاڪ روئي ڪڻي ٿا بس ڪريون ۽
پنو ته انهيءَ ڳالهه جو ڪونهي ته مرڻ کان پوءِ ڪير ويو،
ڪهڙي پاسي وٺي ويو ۽ انجو حال ڪهڙو ٿيو.

٣٠ مي ١٩٤٤

حضور جن فرمايو ته جيڪي مونسان ملڻ ھچي سو مهجهند
جو ١٢ بجي تائين ملي ۽ انهيءَ ڪانپوءِ شام جو ٦ بجي تائين

ڪري، مولکي لنگھ نہ ڪري. اهڙيءَ ساڌي ۽ هڪ
سيوادارڻيءَ کي جهڻڪائون پر الٽي فرمايائون تہ سنتن جو
جهڙڪڻ ۽ گرم ڳالهيءَ سان گندگي ڏيڻ مثل آهي. سنت
دراصل ڪاڌهن ۽ غصي ۾ نہ ايندا آهن ۽ اهڙو ڏيکاءُ جيو
جي ڀلي لاءِ هوندو آهي.

٥ جون ١٩٢٣ع

شام جو ستسنگ ۾،

”هرڪي ڀوڄا دلبر هٿ سندو،
ڪيا ڪچو اسي جالي.“

شبد ڪيترو وڏو جنهن ۾ گورو صاحب فرمائين ٿا تہ ڪو
ورلو وڃي پاڳي پرماتما جو ڀڳت آهي نہ تہ ٻيا سڀ استري،
دولت، ڪٽنب، داش يا دنيا جا ڀڳت آهن. پرماتما جي
ڀڳتي لاءِ ئي ممڪن آهي جڏهن پوري گوروءَ کان شبد
جو اڀياس وٺي ان جي ڪمائي ڪجي. جپ تپ، ورت نيم
۽ ڪرم ڌرم وغيره ڪرڻ سان چوراسيءَ جي چڪر مان
جونڪارو نہ ٿي سگهندو.

ٻيءَ سار ٻچن مان هڪ شبد جي وياکيا ڪندي ستگورن
فرمايو تہ رابعہ بصريءَ کان ڪنهن پڇيو تہ رب جي رضا ۾
راضي رهڻ جو مطلب ڇا آهي. هڪ درويش جيڪو پرسان
ويٺو هو تنهن چيو تہ رضا جو مطلب آهي تہ دک کي بہ سک سمجهڻ.
اهو ٻڌي رابعہ بصريءَ چيو تہ اهڙيءَ ڳالهہ ۾ اهنڪار جي
ٻوءِ آهي. سچو مالڪ جو پيارو اهو آهي جنهن کي سک ۽
دک جي تميز ئي نہ رهي.

هڪ ستسنگيءَ ٻڌايو تہ هڪ ستسنگي جنهن جي زال
ايا اام ۽ ورلو هو، جي گهر ۾ ۽ ٻرهمن ڏسڻ ۾ ايندا هئا،
جي هنن کي ٻہ ٻچاري چوندا هئا تہ هي مڪان اسانجو آهي،

خالي ڪري ڇڏيو ته لوهانڪي ماري ڇڏ يندا سين. جڏهن ان ستسنگيءَ
پنهنجو نامن جو سمرن شروع ڪيو ته پوءِ پريت دل جي پاهران
پيهندا هئا اندر نه ايندا هئا. جڏهن انهيءَ ستسنگيءَ جي
زال ۽ ڌيءَ نام ورلو ۽ ان جي ڪمائي ڪرڻ شروع ڪئي ته
پوءِ هو بلڪل غائب ٿي ويا. حضور جن فرمايو ته نام جي
اوڏو ڪو به ڀوت پريت نٿو اچي سگهي.

٦ جون ١٩٣٣

شام جو ستسنگ ۾،

" ڪال نئي جگت عجب ڀرمايا،
مين ڪيا ڪرون اڪان. "

شبد ڪيو ويو. حضور جن فرمايو ته عام دنيا جي لوڪن کي ڪال ۽
دياال جي ڀيد جو پتو ناهي. ڪال ٽن لوڪن جو مالڪ آهي
۽ ديال جو ڌام هنڪان مٿي سچکنڊ آهي. ڪال آتما کي نه
پيدا ڪري سگهي ٿو ۽ نه ناس ڪري سگهي ٿو. ستپرش ڪجهه
خاص تعداد آتمائن جو هنجي سپرد ڪيو آهي جن کي هن
ٽن من جي گهيري ۾ قيد ڪري، وڃڻ جو سلسلو جاري ڪيو
آهي. جيئو آتمائون ڪرمن انوسار چوراسي ڀوڳين ٿيون ۽
ڪال پيگوان جي اها پوري ڪوشش آهي ته ڪنهن به آتما
کي ديال جو پتو نه لڳي جاڪاڻ جي انهن ٿيو ته پوءِ سڀ
آتمائون نج ڌام هليون وينديون ۽ سندس ديش ويران ٿي
ويندو. ڪال سڀني کي نانا پرڪارن جي متن متانترن ۾ ڦاسائي
رکيو آهي ۽ هرڪو پنهنجو مذهب سچو سمجهي پاڻ ۾ پيا
جهڳڙي. ديال جو مت سرت شبد جو ابياس آهي جو
هرهڪ انسان ڪري، نجات پائي سگهي ٿو. عام لوڪ مذهبي
تعصب جي ڪارڻ انهيءَ ڏانهن ڌيان نٿا ڏين. پوءِ ستگرون
تلسيداس جو هڪ سلوڪ پڙهيو جنهن ۾ هُن فرمايو آهي ته

تمرنا ۽ سچائي ڏارڻ ڪندو ۽ جيڪو برائي ڙال کي ماءُ پنڻ سمان سمجهندو سو ضرور برهما کي پائيندو.

۷ جون

صبوح جو ۷½ بجي حضور جن ڊلهائوسيءَ لاءِ روانا ٿيا ۽ شام جو اُتي پهتا. رستي ۾ برسات پيئي ۽ ڊلهائوسي پهچي معلوم ٿيو ته بارش ڪارڻ لڏڪار وڌيڪ هئي.

۱۱ جون

اڄڪلهه حضور جن هتي آرام ڪري رهيا آهن. صبوح شام ٻئي وقت سير ڪرڻ ويندا آهن ۽ ٻچن کي به ڪافي وقت ڏيندا آهن ۽ انسان سيني کي به هدايت ڪندا آهن ته پهاڙ ۾ اچڻ جو فائدو وٺو ۽ جيترو ٿي سگهي اوترو ٻچن سمرن کي وقت ڏيو. مالنگومريءَ جي هڪ ستسنگيءَ جي چٺي آئي جنهن مان پتو پيو ته حضور مهاراج جن پنهنجي ستسنگين جي ڪيتري نه سهائتا ڪن ٿا. چٺيءَ ۾ لکيل هو، "۵ جون ۱۹۴۴ تي ڪيول ڪرشن جي حالت بيماريءَ ڪارڻ نازڪ هئي. حضور جي ڪرپا خود منجهند جو ۱۲ بجي ڪار ۾ هتي آيا ۽ پنهنجي ڪار لالا سندر داس پساريءَ جي دڪان وٽ بيهاري سڌو ڪيول ڪرشن وٽ آيا ۽ هڪڙي چيو ته اوهانجي بوهان اچي. ڇاڪاڻ ته اها هو بالڪ آهي تنهڪري ۾ عرض ڪيو ته مون جياڻيءَ ۾ ڪو پاپ ڪونه ڪيو آهي. مولڪي ڪجهه عرصي لاءِ هتي رهڻ ڏيو. سندس پتا ۽ ساڳي وٺتي ڪئي. تنهن تي اوهان فرمايو ته ڇڳو. پوءِ اوهان ڪيول ڪرشن کان پڇيو ته ڪهڙي ڊاڪٽر جي دوا وٺندو آهين؟ ڇوڪري عرض ڪيو ته مان هن وقت ڊاڪٽر ڏيانسنگهه جي دوا وٺندو آهيان. اوهان فرمايو ته لجز ڪار ڊاڪٽر آهي انجو علاج جاري رکو،

پوءِ تائين تون ٺيڪ ٿي ويندين. صرف ڪيول ڪرشن
کي ٿي حضور جن جو درشن ٿيو. پوءِ توهان ڪيول ڪرشن
کي چيو ته سندرداس کي ٽيليفون ڪر ته اسانجي ڪار رواني
ڪري. ٿوري دير ۾ ڪار آئي ۽ حضور جن ان ۾ واپس روانا
ٿيا. هينئر ڪيول ڪرشن بلڪل ٺيڪ آهي."

١٧ جون

اڄ حضور جن مال روڊ تي گهمڻ ويا ۽ ٿورو آرام ڪرڻ
لاءِ ويٺا. ڳالهه ٻولهه ڪندي فرمايائون ته باباجي مهاراج جن
ڪيئين دفعا هن دنيا ۾ جيون جي اُڌار واسطي آيا آهن
جيتوڻيڪ سندن موج نه هئي پر مالڪ جي حڪم انوسار
ايندا رهيا. ايبٽ آباد جي پرسان پانڊو جي پهاڙي جڏهن
ميدان هئي تڏهن به آيل هئا. پوءِ فرمايائون ته ستگورو جنهن
کي نام ڏيئي ٿو انکي پنهنجي گوروءَ جي حوالي ڪري ڇڏي
ٿو ۽ پاڻ ذميواري نٿو کڻي. جيڪڏهن ڪنهن چيلي جيو
جي گورو مدد نٿو ڪري سگهي ته پوءِ انهيءَ گوروءَ جو
گورو يا سندس ڏاڏو گورو انجي مدد ڪندا چاڪاڻ ته
هنکي پنهنجي گديءَ جي لڄ رکڻي پوندي آهي. نام جا
لفظ پڙهڻ ته آسان آهن پر مٿين روحاني منڊلن تي جيون جي
سنڀال ڪرڻ ۽ سندن ڪرمن جو حساب ختم ڪرڻ نهايت
ڪٺن ڏکري آهي. انهيءَ سبب تي باباجن جي جوتي جوت
سمائجڻ کان پوءِ هڪ سال تائين مون نام ڪونه ڏنو. جڏهن
آگري چاچا پرتاپ سنگهه جي ستسنگ ۾ ويس ته اتي ٢٨ ڏينهن
منهنجو هنن سان انهيءَ ڳالهه تي ضد رهيو. هنجو زور انهيءَ
ڳالهه تي هو ته مان نام ڏيان ۽ مون انهيءَ جي انڪار ڪيو ته
مان انهيءَ جي لائق ناهيان. آخر ڪار چاچاجي مهاراج جن
هڪ ڏينهن جڏهن ۾ اچي چيو ته تون اسان کي ڇا ٿو سمجهين؟
مون وراڻيو ته مان توهانکي حضور سوامي جي مهاراج جن جو

پاءِ ۽ باباجي مهاراج جن جو اسرامي دوست ۽ روپ ڪري سمجهائيندو. چاچاجن چيو ته جي الهن آهي پوءِ لوڪي نام ضرور ڏيڻو پوندو. هي سوامي جي مهاراج جن جو ڪم آهي ۽ هر خود لهجي چتاڻ جيون جي سنڀال ڪندا. تهن لي مجبور لي مون اها ڌرتي هموار ڪئي.

هڪ ستسنگيءَ لکيو ته جڏهن اوهين چئو ٿا ته صرف سمرن جي ذريعي ئي ابياسي او دوارن کي خالي ڪري ستگوروءَ جي چرن تائين پهچي سگهندو ته پوءِ شبد ٻڌڻ جي ڪهڙي ضرورت آهي؟ حضور جن جواب ۾ لکاير ته هي شبد ٻڌڻ بنا صرف سمرن جو ساڌن ڪندي ستسنگيءَ چرلر چڙهڻ ته هڪڪي ڀرو جنم وٺڻو پوندو چاڪاڻ ته چڙهائي صرف شبد جي دوارا ممڪن آهي. ڪنهن ستسنگيءَ جي سوال جو جواب ڏيندي فرمايائون ته سوکيم سرير ۱۷ لتن جو ليندو آهي.

۲۱ جون

اڄ صبوح ڏيري لاءِ روانا ٿياسين. ۲۳ تاريخ صبوح جو امرتسر ۾ ستسنگ ڪري منجهند جو ڏيري پهتاسين.

۲ جولاءِ

اڄ سار بچن مان،

”گرو ڪا ڌيان ڪر پياري،

بنا اِس ڪي نهين چٽنا.“

شبد ڪيو ويو جنهن ۾ سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا ته جي دنيا جي دکن کان ڇٽڻ چاهيو ٿا ته دنيا جي مالڪن جو ڌيان چڙهو ۽ سنتن جي سروپ جو ڌيان ڪريو. گرنٿ صاحب ۾ به لکيل آهي،

”اڪال مورت هئه ساڌ سنتن ڪي،

حضور جن فرمايو ته ڪرمن ڪان اڳو ۽ سڀ ڪان وڏو پاپ آهي ڪنهنجي دل دکائڻ. خواجه حافظ جن فرمائين ٿا ته شراب پِي پيءُ، قران شريف کي جلاءِ ۽ ڪعبي کي باهه لڳاءِ، جيڪي ڪيئي سو ڪر پر ڪنهنجي دل نه دکاءِ. مطلب ته من، وچن ۽ ڪرم سان ڪنهنجي دل نه دکايو ۽ پنهنجو پاڻ کي گوروءَ جي حوالي ڪريو. اهو آهي مڪتي حاصل ڪرڻ جو طريقو.

٧ جولاءِ

اڄ صبوح جو جڏهن ترنتارن پهتاسين ته معلوم ٿيو ته اُتي جو ستت بابا بگاسنگهه اڳئين ڏينهن تي مڃهند جو چولو ڇڏي ويو. جڏهن حضور جن ڏيري ۾ اندر ويا ته ڏٺائون ته سندن ستسنگي زار زار روئي رهيا آهن. حضور جن هنڪي چيو ته روئڻ بند ڪريو ڇاڪاڻ ته اهو ستت مت جي اصول جي خلاف آهي. گورو امرداس جن به فرمايو آهي:

”مت مين پيڇي ڪوئي رووسي،
سو مين مول نه پاپا.“

اهڙي طرح ٻئي مهاتما جو فرمان آهي:

”ساڌ مري ڪيا روويئي، جو اپني گهر جائي،
روو ساڪت بپڙي جو هاٽو هاٽ بڪائي.“

پوءِ حضور جن سار بچن مان ستسنگ ڪيو انهيءَ لاءِ ته سنگت جو ڌيان ٻئي پاسي وڃي. سڄي سنگت به ڏينهن ڪڇ ڪاڌو ڪونه هو انهيءَ ڪري اٽڪل ١٢ بجي سنسڪار ڪيو ويو جنهن ڪانپوءِ لنگر ورتايو ويو. انهيءَ ڪانپوءِ سيني کي تاڪيد ڪيائون ته جيڪا سنگت پاهران اچي انجي سيوا ڪريو ۽ کين تسلي ڏيو. انهيءَ ڪانپوءِ حضور جن اتان روانا ٿي شام جو ٤ بجي ڏيري پهتا. ٦ بجي ستسنگ ٿيو.

باب پاويهون

ڪالو جي بڙ جو دورو

۸ جولاءِ ۱۹۴۴

حضور جن صبوح جو ڪالو جي اڏ لاءِ روانا ٿيا ۽ شام جو
جڏهن اسين لرنتارن جي پرسان پٽي لنگهياسين ته ڪيترا
ٿاليءَ جا وڻ نهر جي طرف وڏيڪ جهڪيل ڏناسين چٽڪ
وڻن کي به احساس آهي ته جنهن پاسي سندن خوراڪ جو
سامان آهي اوڏانهن جهڪڻ کپي. درختن ۾ به آتما آهي.
چاڪاڻ جو آتما ڪالسراءِ زندگي ۽ وڪاس ناممڪن آهي. اهائي
جيتن شڪتي آهي جا لتن جي وڪاس جو ڪارڻ آهي
۽ انهيءَ بنا نه وڻ ٿڻ، نه پکي پسون ۽ نه انسان هجن ها.
صرف دريا، پهاڙ ۽ بيابان هجن ها. حضور جن فرمايو ته
جڏهن آتما موت وقت شرير کان الڳ ٿئي ٿي ته پوءِ ڪڏهن
مهاتما يا پيارو دوست جو فوٽو ڪڍڻ بي سود آهي چاڪاڻ ته
شرير جي رونق ۽ قدر آتما جي ڪري آهي. آتما بنا شرير
بيڪار لڳي ٿو پوءِ ان جو فوٽو ڪڍائڻ مان ڪهڙو فائدو؟

۹ جولاءِ

شام جو ۴ بجي ستسنگ ٿيو جنهن ۾ هزارين ماڻهو موجود
هئا. پهاڙي لوڪ تمام پريمي ۽ سادا آهن ۽ سندن پريم جي
ڪشش جي ڪارڻ ٿي حضور جن اهڙن ويران پهاڙن ۾ آيا
آهن. هتي لنڪا ڪا رونق آهي ۽ لنڪر ڪا هتي چڙ ٿي



حضور مهاراج جن ڪالوءَ جي ٻڙ ۾

ملي. ٻاهُي ۽ ٻن ميلن تان آئٺو ئو ٿيو.

حضور جن هتي ستسنگ للسي صاحب جي ٻاٿيءَ مان کن تا چاڪاڻ ته هتي آبادي گهڻو ڪري برهمڻن جي آهي. ستسنگ ۾ وڃاڪيا ڪندي حضور جن فرمايو تہ سڄو برهمنڊ اهڙي آهي جو ۽ اکر پڙهي. اهي ٻه اکر دسوين دوار ۾ آهن، هڪ کي چڏٺو آهي ٻئي کي ٻڪڙٺو آهي. ٻئي ڏينهن گهٽ راماڻڻ مان سنتن جي مهما جا دوها پڙهيا ويا. ٻوءِ سوامي جي مهاراج جن جي ڪارتڪ مهني جي وڃاڪيا ڪندي حضور جن فرمايو ته ديوي ديوتائون اکين کان هيٺ آهن ۽ جڏهن ماڻهو مري ٿو ته موت کان اڳ ٿي جن چڪرن ۾ آهي ديوي ديوتا آهن سي ختم ٿيو وڃن. آلما جي اينڪ ڀڃهي نيترن جي ٻوهان آهي انهيءَ ڪري ديوي ديوتائن جي پوجا وترث آهي.

۱۳ جولاءِ

شام جو ستسنگ ۾ هڪ ستسنگيءَ جي اڇا انوسار حضور جن گهٽ راماڻڻ مان اومس رشيءَ جو سمباد ڪديو. انهيءَ ۾ لکيل آهي ته تيرٿ، ورت، دان پڄ، ۽ جپ تپ ڪرڻ سان جيو جو ڪلياڻ نہ ٿيندو اهو صرف سنتن جي شرڻ ۽ نام جي ڪمائيءَ دواران ممڪن آهي.

۱٦ جولاءِ

اڄ گرنٿ صاحب، سار بچن ۽ تلسي صاحب جي گهٽ راماڻڻ مان ستسنگ ٿيو. اڄ ساوڻ جي مهني جي ٻهرين تاريخ آهي جڏهن ڪري ستسنگ ۾ حاضري نهايت گهٽي هئي.

۱۹ جولاءِ

ڪلهه ۱۰۵ هندو راجپوتن کي نام دان ڏنو ويو ۽ اڄ

وامداسبن جو وارو آهي. حضورجن قريب ۷۰۰ زالن ۽ مردن کي نام ڏنو ۽ سڄو ڏينهن ڏاڍو مشغول رهيا.

۲۰ جولاءِ

